ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

69 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (95) اڱارو 22 سيپٽمبر 2026ع 09 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (38)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

امید آهي ته نوان صوبا ضرور ٺهندا ۽ نون صوبن جو معاملو وڏي تيزي سان اڳتي وڌي رهيو آهي: محسن نقوي

اسلام آباد تي چڙهائي جي تياري; ڪنهن به شهر بند ڪرايو ته سخت قانوني ڪارروائي ڪنداسين: گهرو وزير

وفاقي راڄڌاني تي ڪاهه ڪرڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي، جيڪو به اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ يا شهر کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ان سان قانون موجب سختي سان منهن ڏنو ويندو

خيبرپختونخوا پوليس جون حالتون سيني جي سامهون آهن. اسان جا جوان شهيد ٿي رهيا آهن. سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر ڪو به وزير شهيدن جي جنازي ۾ نه آيو، جيڪو افسوسناڪ آهي

اڃا به وقت آهي، بند گهٽي ۾ نه وڃو ۽ اهڙي جاءِ تي نه وڃو جتان واپسي جو رستو نه هجي. اسان وٽ جيڪو به قانوني رستو هوندو، اهو اختيار ڪيو ويندو. هن بحري مستقل حڪمت عملي تيار ڪئي ويندي

جيڪي پيڪيجون هٽڻ ٿا، انهن کي پيڪيجون هٽڻ ڏيو، ان سان ڪو فرق نٿو پوي. عالمي مارڪيٽ جي حساب سان پيٽرول جون قيمتون وڌن ٿيون. ڪيترن ئي ملڪن ۾ ته پيٽرول موجود ئي ناهي

موجوده صورتحال ۾ وفاقي وزير درست چيو ته هزار رپين ۾ به پيٽرول نه ملندو. هر ملڪ هڪ هڪ جهاز جي پريان جان لڳائي رهيو آهي. ائين نه ٿيندو ته اوهان اڇو ۽ ملڪ 10، 20 ڏينهن لاءِ بند ٿي وڃي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته وفاقي راڄڌاني اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي، جيڪو به اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ يا وفاقي گادي واري شهر کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ان سان قانون موجب سختي سان منهن ڏنو ويندو. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي محسن نقوي چيو ته خيبرپختونخوا پوليس جون حالتون سيني جي سامهون آهن اسان جا جوان شهيد ٿي رهيا آهن اهي شهيد رڳو اسان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون، دهشتگردي جي خاتمي تائين سُک سان نه ويهنداسين: وفاقي حڪومت

دهشتگردي جي تازي واقعي ۾ بهادر جوانن جانين جا نذرانا پيش ڪري خطي، صوبي ۽ ملڪ کي محفوظ ڪيو. انهن پنهنجي ٻارن کي يتيم ڪيو پر لکين ٻارن کي يتيم ٿيڻ کان بچايو

اسان دهشتگردن خلاف رت جي آخري ڦڙي تائين وڙهنداسين. وزيراعظم محمد شهباز شريف واضح پيغام ڏنو آهي ته اهو وقت پري نه آهي جڏهن ملڪ مان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو

پاڪ فوج ۽ پوليس جي جوانن ۽ آفيسرن آپريشن ۾ جنهن بهادري جو مظاهرو ڪيو اها ساراهه جوڳي آهي. جيڪي جوان موڪل تي هئا اهي به ٻيهر يونيفارم پهري دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ پهچي ويا

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج دهشتگردي جي خلاف ڀرپور قربانيون ۽ جدوجهد ڪري رهي آهي. دهشتگرد بزدل آهن ۽ لڪي وار ڪن ٿا. دهشتگردن جو مڪمل خاتمو آڻينداسين

ڪوهاٽ ۾ رت وهي رهيو هو ته وزيراعليٰ ڪي پي ڪي ڪٿي هو؟ هو سياسي سرگرمين ۽ فوٽو شوٽ جي لاءِ لاهور ۾ موجود هو. کيس ڪوهاٽ اچي متاثرين ۽ شهيدن جي خاندانن سان گڏ ويهڻ گهرجي ها

خيبرپختونخوا ۾ ساڍا 12 سالن کان پي ٽي آءِ جي حڪومت آهي پر امن امان جو مسئلو حل نه ٿي سگهيو. دهشتگردي جي خلاف ڏنل سئو ارب رپين جا فنڊز ڪٿي خرچ ٿي رهيا آهن: وفاقي وزير اطلاعات

حڪومت جو مقصد عوام جي خدمت ۽ ملڪ جي ترقي آهي. سياسي ڇڪتاڻ ۽ احتجاج جي ذريعي عوام جا مسئلا حل نه ٿا ٿي سگهن: اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير جو پارٽي ورڪرن کي خطاب

ڪوهاٽ (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته ڪوهاٽ جي فضا سوڳوار آهي. دهشتگردي جي تازي دل ڏڪائيندڙ واقعي ۾ هن ڌرتيءَ جي بهادر جوانن جانين جا نذرانا پيش ڪري خطي صوبي ۽ ملڪ کي محفوظ ڪيو. انهن پنهنجي ٻارن کي يتيم ڪيو پر لکين ٻارن کي يتيم ٿيڻ کان بچايو شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

هنگو: خوارجن خلاف وڙهندي شهيد ٿيل 6 فوجي جوانن جي جنازي نماز پشاور ۾ ادا ڪئي پئي وڃي

هنگو ۾ شهيد ٿيل 6 فوجي جوانن جي جنازي نماز پشاور ۾ ادا

مڙهه پوري فوجي اعزاز سان تدفين لاءِ اباڻن علائقن ڏانهن روانا ڪيا ويا

پشاور (اي پي پي) هنگو ضلعي ۾ فتنه الخوارج سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻيندڙ پاڪ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي ڀرپور حمايت جاري رکنداسين: چين

دهشتگردي خلاف جنگ سمورن ملڪن جي گڏيل مفادن مطابق آهي: پرڏيهي ترجمان

سمورا ملڪ دهشتگردي جي خطرن جو گڏيل طور تي مقابلو ڪن ۽ عالمي سلامتي يقيني بڻائين

بيجنگ (اي پي پي) چين پاڪستان جي شهر ڪوهاٽ ۾ پوليس ڪئمپ تي دهشتگرد حملي جي مذمت ڪندي شهيدن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

قتل ڪيسن ۾ ايف آءِ آر جي داخلا بابت ڪيس ۾ آءِ جي سنڌ ۽ پراسيڪيوٽر جنرل کان سفارشون طلب

سنڌ ۾ سزا جو تصور ئي ناهي، قتل ڪيسن جي ايف آءِ آر ۾ دير قبول ناهي: سپريم ڪورٽ

ٻه ٽي ڏينهن دير سان ايف آءِ آر داخل ٿيندي ته جوابدارن جي بريت ٿيندي: جسٽس هاشم ڪاڪڙ جا ٻڌڻي دوران ريمارڪس

مڪروه ڌوڙهه ۾ فوري ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي، ايف آءِ آر جي داخلا لاءِ اجازت وٺڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي: جسٽس صلاح الدين پنهور

جوابدار بااثر هجي ته روز نامچو بند ٿي وڃي ٿو، صاحب بهادر ويٺا آهن، فريادي اهو ئي چوندو جيڪو اوهان چوندا، قتل ڪيس ۾ وڏيري جي اجازت جو انتظار هوندو آهي

جيڪڏهن هٿ ٻڌل آهن ته اسان انهن کي کولڻ چاهيون ٿا (آءِ جي سنڌ سان مڪالمو) ڪيس جي ٻڌڻي 6 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ سنڌ ۾ قتل جي ڪيسن جي ايف آءِ آر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم جي 90ع واري سياست ٻيهر آڻڻ واري ڪوشش ناڪام بڻائينداسين: شرجيل ميمڻ

سنڌ اسيمبلي صوبن بابت پنهنجو فيصلو ڏئي چڪي آهي، لساني بنيادن تي ورهاست قبول نه ٿيندي

ايم ڪيو ايم ٻيهر پنهنجو مينڊيٽ ثابت ڪري، اصلي اڪثريت هجي ها ته مڪاني چونڊن کان فرار نه ٿيڻ ها

اردو ڳالهائڻ وارن جي اڪثريت پاڻ کي سنڌي سمجهي ٿي، متحده قيادت جي ٻولي برداشت جوڳي ناهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چين ۾ ٿيل ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز جا آپريشن: 37 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز ڪرهاٽ، هنگو ۽ ٽل وارن علائقن ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي ڪارروايون ڪيون

افغانستان سان لڳل سرحد ويجهو علائقي ۾ دهشتگردن جا 3 ٺڪاڻا تباهه، ڪوهاٽ ۽ هنگو ۾ زميني ڪارروائي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبر پختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران 37 دهشتگرد مارجي ويا. خيبر پختونخواهه ۾ تازن دهشتگرد حملن جي پس منظر ۾، سيڪيورٽي فورسز ڪوهاٽ، هنگو ۽ ٽل وارن علائقن ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان، مسٽر جسٽس يحيٰ آفريدي، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ اين ڊي يو جي نيشنل سيڪيورٽي اينڊ وار ڪورس 2027 جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي

بلاول ڀٽو زرداري نوجوانن جي اميد ۽ ملڪ جي روشن مستقبل جي علامت آهي: سلمان عبدالله مراد

ڊپٽي ميئر ڪراچي پاران پيپلز پارٽي چيئرمين جي 38هين سالگرهه تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي سنڌس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو زرداري ننڍي عمر ۾ قومي سياست ۾ فعال ڪردار ادا ڪيو آهي: ناصر شاهه

صوبائي وزير پاران پيپلز پارٽي جي چيئرمين کي 38هين سالگرهه تي مبارڪباد پيش

صوبائي وزير پاران بلاول ڀٽو زرداري جي صحت، ڪاميابي ۽ ڊگهي عمر لاءِ دعا، سياسي خدمتن جي ساراهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نفرت لاءِ ڪا گنجائش ناهي، لساني سياست رد ڪريون ٿا: مرتضيٰ وهاب

ايم ڪيو ايم اڳواڻن مصطفيٰ ڪمال ۽ خالد مقبول صديقي جي ٻولي ناقابل قبول آهي

ڪراچي جا ماڻهو 90ع واري ڏهاڪي جي پرتشدد سياست ڏانهن واپس وڃڻ نٿا چاهين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ ڪراچي جي ميئر جي ترجمان بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ٽرين مارچ جو عوام پاران شاندار استقبال حڪومتي معاشي پاليسين خلاف ردعمل آهي: ڪاشف سعيد شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پيپلزپارٽي حڪومت کان ڌار ٿي ته بي اعتمادي رٺ آڻينداسي: مولانا فضل الرحمان جو مشروط اعلان

جي يو آءِ ڪانسواءِ ڪا حڪومت ٺهي نٿي سگهي ۽ جيڪڏهن ٺهي به وئي ته هلي نٿي سگهي: جي يو آءِ ف جو سربراهه

پارلياماني طرز حڪومت کي مستحڪم ٿيڻ نه ڏنو پيو وڃي، معيشت ۽ مهانگائي جو مسئلو سڀني لاءِ ڳڻتي جو سبب آهي

اسان بار بار چوندا رهيا آهيون ته ٻن صوبن ۾ حڪومتي رٽ موجود ناهي، اسان جي صوبي ۾ وزيرن کي روڊن تي روڪيو وڃي ٿو

بلوچستان ۾ ڏينهن ڏٺي جو بئنڪن ۾ ڌاڙا لڳن ٿا، ڪواهڙو نظام نظرنٿو اچي جيڪو بئنڪن يا شهرين کي تحفظ فراهم ڪري سگهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته جي يو آءِ ڪانسواءِ ڪا حڪومت ٺهي نٿي سگهي ۽ جيڪڏهن ٺهي به وئي ته هلي نٿي سگهي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

چين ۾ ٽيڪسٽائل فيڪٽري ۾ باهه لڳڻ سبب 8 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

بيجنگ (اي پي پي) چين جي گوانگ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ جي ڪوهاٽ واقعي ۾ شهيد ٿيندڙ پوليس اهلڪار ظهير الله جي گهر آمد، شهيد جي والد سان ملاقات

ڪوهاٽ (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سومر ڏينهن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نيويارڪ پهچي ويو

سنڌ ۾ پوليو خلاف مهم شروع، 10 ملين ٻارن کي ويڪسين پيارڻ جو هدف مقرر

ڪراچي ۾ وڏي وزير روٽري ڪلب ڪميونٽي سينٽر ۾ ٻارڙن کي ڦڙا پياري مهم جو آغاز ڪيو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ چين جي هُنان صوبي وچ ۾ ٽرانسپورٽ، توانائي ۽ زراعت ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ خانگشا ۾ هُنان عوامي ڪانگريس جي نائب چيئرمين سان ملاقات ڪئي

سنڌ ۾ اليڪٽرڪ، ڊبل ڊيڪر ۽ بي آر ٽي بسن سميت جديد ٽرانسپورٽ منصوبن تي بريفنگ ڏني

ملاقات ۾ توانائي، خوراڪ، زراعت ۽ بنيادي ڍانچي ۾ ڪاروباري سهڪار وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چين جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ عوامي ڪانگريس جي نائب چيئرمين سان ملاقات ڪندي

پاڪستان ۽ چين جي بنيادي مفادن جي حمايت تي ٻڌل دوستي اهم آهي: مراد علي شاهه

سي پيڪ پاڪستان جي اقتصادي منظرنامي ۽ ترقي جي امڪان ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي

سنڌ حڪومت چين جي ادارن ۽ ڪمپنين سان پنهنجي ڀائيواري کي وڏي اهميت ڏئي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن عوامي جمهوريه چين جي قيام جي 77 هين سالگرهه تي چين جي حڪومت ۽ عوام کي واڌايون ڏيندي پاڪستان ۽ چين جي دوستي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

يورپي يونين ۽ پاڪستان وچ ۾ 6 ڪروڙ 50 لک يورو جي مالي معاونت جي معاهدي تي صحيحون

مالي معاونت سان شروع ڪيل انهن قدمن ۾ پاڪستان جي ترقي جي 3 اهم پهلوئن تي ڌيان ڏنو ويو

معاهدي جو مقصد حڪومت جي ڊگهي مدي واري منصوبابندي کي مضبوط بڻائي پاڪستان ۾ وڌيڪ ڀرڏيهي سيڙپڪاري ڪرڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان حڪومت ۽ يورپي يونين مجموعي طور تي 6 ڪروڙ 50 لک يورو اٽڪل 20 ارب 64 ڪروڙ رپين جي مالي معاونت جي 3

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي صوبائي وزيرن، صلاحڪارن ۽ اسيمبلي ميمبرن پاران پ پ چيئرمين کي سالگرهه جون مبارڪون پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پنجگور ۾ ڪارروائي، فتنہ الهندستان جا 4 دهشتگرد مارجي ويا

ڪارروائي آپريشن رد الفتنہ 3 تحت تصديق ٿيل ڳجهي ڄاڻ تي ڪئي وئي

ڪوئيٽا (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي پنجگور ضلعي جي علائقي اڦانڪوهه (پروم) ۾ دهشتگردن خلاف ڀرپور

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ معذور ٻارن لاءِ 49 ڊجيٽل ڪلاس رومز ۽ 20 سيٽلائيٽ اسڪول قائم، استادن جي سکيا شروع

وڏي وزير استادن جي تربيتي پروگرام ۽ خاص تعليم ۽ بحالي مرڪزن ۾ جديد ڊجيٽل ڪلاس رومز جو افتتاح ڪيو

منصوبي تحت صوبي ۾ 754 ٻوڙن ۽ 476 ٻين ٻارن کي جديد تعليمي سهولتن تائين رسائي ملندي

تربيتي پروگرام سان پاڪستان سائن لينگئيج کي جامع تعليم لاءِ هڪ ضروري اوزار طور هٿي ملندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڊجيٽل ڪلاس رومز جو افتتاح بعد دورو ڪندي

مسجد الحرام جو مؤذن شيخ ابراهيم المدني لاڏاڻو ڪري ويو

مڪو شريف (م د) مسجد الحرام جو مؤذن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

عطاءُ الله تارڙ جو سي ايم ايڇ ڪوهاٽ جو دورو، ڪوهاٽ واقعي جي زخمين جي عيادت ڪئي

ڪوهاٽ (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سومر ڏينهن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پارلياماني جمهوريت ۽ اختيارن جي ورڇ جو آئيني نظام قانون جي حڪمراني ۽ نظم ضبط بنيادي جز آهن: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

پارليامينٽ، انتظاميه ۽ عدليه پنهنجي پنهنجي دائري اختيار ۾ آئيني حڪمراني کي هٿي ڏيڻ لاءِ مددگار ڪردار ادا ڪن ٿا: چيف جسٽس آف پاڪستان

نيشنل ڊفينس يونيورسٽي اسلام آباد جي نيشنل سيڪيورٽي اينڊ وار ڪورس 2027ع جي 123 رڪني وفد سپريم ڪورٽ جو دورو ڪيو

چيف جسٽس وفد جي ميمبرن سان سوال جواب جي ويهڪ به ڪئي، آئيني حڪمراني، عدالتي ادارن ۽ جاري سڌارن بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته پارلياماني جمهوريت ۽ اختيارن جي ورڇ جو آئيني نظام قانون جي حڪمراني ۽ آئيني نظم ۽ ضبط جا بنيادي جز آهن جڏهن ته

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

حيدآباد: هيلٿ ورڪر ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري رهي آهي

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 2700 رپين جي گهٽتائي، في تولو سون 4 لک 57 هزار 536 رپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت 2700 رپين جي گهٽتائي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ اڄ سرڪاري اسڪولن ۾ موڪل هوندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي راڄڌاني اسلام آباد جي مختلف سرڪاري

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪندڙ 150 کان وڌيڪ بئنڪ مئنيجرن خلاف ڪارروائي جو حڪم

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي شڪايت تي ڪارروائي ڪئي وئي، 8 مئنيجرن کي فوري طور معطل ڪيو ويو

آمريڪا، جرمني، جاپان، ڪئنيڊا، دبئي ۽ يورپي يونين جي ملڪن جي سفارتڪارن اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کي شڪايت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان سنڌ جي 150 کان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

یکم جنوری 2006 کے بعد سے رجسٹرڈ موٹرسائیکل، چنگچی، رکشہ اور چھوٹی گاڑیاں خصوصی ریلیف اسکیم کے لیے اہل ہیں

وزیراعظم کی خصوصی ریلیف اسکیم

موٹر سائیکل، چنگچی اور رکشہ چلانے والوں کے لیے
ایک ٹوکن پر ایک ہفتے میں 500 روپے کی رعایت

800 سی سی تک چھوٹی گاڑیوں کے مالکان کے لیے
ہر دس روز میں 10 لیٹر پر 100 روپے فی لیٹر رعایت

مجموعی طور پر 30 لیٹر پٹرول کی رعایتی قیمت پر فراہمی

REG لکھ کر space دیں
- STEP 01 اپنا قومی شناختی کارڈ نمبر 3740515196983 لکھنے کے بعد space دیں
- STEP 02 بغیر space نمبر پلیٹ LHR123 ایسے لکھنے کے بعد space دیں
- STEP 03 صوبے کے نام کا پہلا حرف جہاں آپ کی گاڑی رجسٹر ہے صوبہ کا نام پنجاب Ⓟ کے بعد space دیں
- STEP 04 وہیکل رجسٹریشن کی تاریخ بمعہ، مہینہ اور سال DD/MM/YYYY دن مہینہ اور سال ایسے لکھیں 08102010

چاروں تفصیلات اسپیسز کے ساتھ ایک ہی میسج میں لکھ کر 9771 پر مفت ایس ایم ایس کریں

رعایتی پٹرول کے حصول کا طریقہ کار:
- STEP 01 رجسٹریشن کے بعد پٹرول ریلیف حاصل کرنے کے لیے پٹرول پمپ جانے سے پہلے TOK لکھ کر 9771 پر بھیج دیں
- STEP 02 موصول ہونے والے میسج میں ٹوکن نمبر، گاڑی کا رجسٹریشن نمبر، پٹرول کی مقدار اور ٹوکن استعمال کرنے کی مدت درج ہو گی
- STEP 03 ٹوکن پٹرول پمپ پر دکھا کر آپ رعایتی قیمت پر پٹرول حاصل کر سکتے ہیں

صوبے کے نام کا پہلا حرف
Ⓘ اسلام آباد Ⓟ پنجاب Ⓢ سندھ Ⓑ بلوچستان
Ⓚ خیبر پختونخوا Ⓖ گلگت بلتستان Ⓐ آزاد جموں و کشمیر

9771
REG 4650191820545 LHR123 P 30082018

مزید معلومات کے لیے www.pmfuelrelief.pk وزٹ کریں یا QR اسکین کریں

وزارتِ اطلاعات ونشریات حکومتِ پاکستان

URAAN PAKISTAN

/GovtofPakistan | govtofpakistan | @GovtofPakistan | @govtofpak | www.moib.gov.pk

PID(I)2709-D/26

بقايا 1 روزاني عبرت

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سُک سان نہ ويهنداسين ڪوهاٽ جي دوري جي موقعي تي پارٽي ورڪرز کي خطاب ۽ صحافين سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته هن سي ايم ايڇ ڪوهاٽ ۾ ڌماڪي ۾ زخمي ٿيندڙ جوانن سان ملاقات ڪئي جن جو جذبو قابل فخر هو هڪ شديد زخمي جوان چيو ته "رت جي آخري ڦڙي تائين وڙهنداسين" جڏهن ته ٻئي جوان دهشتگردن جو ڀرپور مقابلو ڪري انهن کي شڪست ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو هن چيو ته پاڪ فوج ۽ پوليس جي جوانن ۽ آفيسرن آپريشن ۾ جنهن بهادري جو مظاهرو ڪيو اها ساراهه جوڳي آهي جيڪي جوان موڪل تي هئا اهي به ٻيهر يونيفارم پهري دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ پهچي ويا. انهن جوانن جو حوصلو ۽ جذبو ڏسي اميد وڌي آهي ته دهشتگردن کي شڪست ڏئي وينداسين عطاءُ الله تارڙ چيو ته شهيد فهيم جي والد پٽ جي شهادت تي فخر ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته منهنجو پٽ ٽن ڀينرن جو اڪيلو ڀاءُ هو هن چيو ته اهڙي قوم جي فرزندن کي شڪست ڏيڻ ممڪن نہ آهي جيڪي پنهنجي پيارن جي شهادت تي به فخر ڪن ٿا. وفاقي وزير شهيدن ۽ غازين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف واضح پيغام ڏنو آهي ته اهو وقت پري نہ آهي جڏهن ملڪ مان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج دهشتگردي جي خلاف ڀرپور قربانيون ۽ جدوجهد ڪري رهي آهي هن چيو ته دهشتگرد بزدل آهن ۽ لڪي وار ڪن ٿا، انهن کي خبر هجڻ گهرجي ته انهن جو مقابلو اهڙي قوم سان آهي جيڪا پنهنجي بهادر جوانن تي ناز ڪري ٿي وفاقي وزير چيو ته جڏهن ڪوهاٽ ۾ رت وهي رهيو هو ته خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير ڪٿي هو؟ هن چيو ته وڏو وزير سياسي سرگرمين ۽ فوٽو شوٽ جي لاءِ لاهور ۾ موجود هو ڪيس ڪوهاٽ اچي متاثرين ۽ شهيدن جي خاندانن سان گڏ بيهڻ گهرجي ها پر خيبرپختونخواهه جي وزيراعليٰ 15 منٽن تائين هيليڪاپٽر تي ڪوهاٽ جو چڪر لڳايو ۽ رخصت ٿي ويو ڪاش هو شهيدن جي گهرن ۾ وڃي ها پر وٽس وقت نہ آهي. ان وٽ انتشار ڦهلائڻ ۽ ڌرڻن جي لاءِ وقت آهي. هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ ساڍا 12 سالن کان پي ٽي آءِ جي حڪومت آهي پر امن امان جو مسئلو حل نہ ٿي سگهيو دهشتگردي جي خلاف ڏيڍ سئو ارب رپين جا فنڊز ڪٿي خرچ ٿي رهيا آهن صوبائي حڪومت کي ان جو جواب ڏيڻو پوندو هن چيو ته اهي فنڊز سياسي طور تي استعمال ٿي رهيا آهن وفاقي وزير چيو ته گذريل ڏينهن پي ٽي آءِ جي جنيد اڪبر بيان ڏنو ته اسان اسلام آباد کي سومنات بڻائي ڇڏينداسين. ڪيس معافي وٺڻ گهرجي ته انهن پنهنجي صوبي کي ته کنڊر بڻائي ڇڏيو آهي. هاڻي اهي هر جڳهه تي تباهي چاهين ٿا جنهن جي هرگز اجازت نہ ڏني ويندي هن چيو ته جيڪڏهن صوبي ۾ اسپتالون ۽ يونيورسٽيون ٺاهيون وڃن ها ته پوري پاڪستان مان ماڻهو هتي اچن ها. هن چيو ته موٽروي ۽ ڪوهاٽ ٽنل جهڙا منصوبا نواز شريف جي دور ۾ مڪمل ڪيا ويا، جيڪڏهن انهن منصوبن کي ڪڍيو وڃي ته صوبي جي تعمير ۽ ترقي ۾ باقي ڇا رهي ٿو وفاقي وزير چيو ته پوليس کي جديد هٿيار، تربيت ۽ ضروري وسيلا فراهم ڪرڻ صوبائي حڪومت جي ذميواري آهي صوبي ۾ فرانزڪ ليب تائين نہ ٺاهي وئي ۽ فرانزڪ جي لاءِ ماڻهو پنجاب وڃن ٿا. هن سوال ڪيو ته فرانزڪ ليب ڇو نہ ٺهي سگهي ۽ سي ٽي ڊي جي نئين فورس ڇو نہ جوڙي وئي جڏهن ته فنڊز ۽ وسيلا موجود آهن. عطاءُ الله تارڙ چيو ته باني پي ٽي آءِ سزا يافته ڏوهاري آهي جيڪڏهن ڪنهن ڏوهاري کي ڇڏائڻو آهي ته عدالت سان رجوع ڪيو وڃي

بقايا 2 روزاني عبرت

داخل ڪرڻ ۾ دير تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي آءِ جي سنڌ ۽ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کان هڪ هفتي اندر لکت ۾ سفارشون گهري ورتيون آهن جسٽس هاشم ڪاڪڙ جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ سومر ڏينهن درخواست تي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران جسٽس هاشم ڪاڪڙ ريمارڪس ڏنا ته ٻه ٽي ڏينهن دير سان ايف آءِ آر داخل ٿيندي ته جوابدارن جي بريت ٿيندي، سنڌ ۾ سزا جو تصور ئي ناهي. قتل ڪيسن جي ايف آءِ آر ۾ دير قبول ناهي جسٽس صلاح الدين پنهور جو چوڻ هو ته مڪروه ڏوهه ۾ فوري ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي ايف آءِ آر جي داخلا لاءِ اجازت وٺڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي. جوابدار بااثر هجي ته روز نامچو بند ٿي وڃي ٿو.

بقايا 3 روزاني عبرت

ڪرائڻ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ايم ڪيو ايم قيادت جيڪا ٻولي ڳالهائي رهي آهي اها برداشت جوڳي ناهي ايم ڪيو ايم فتني ۽ افراتفري، 90 واري ڌماڪي جي سياست چاهي ٿي سندن سازش کي ناڪام بڻائينداسين ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل جو اظهار ڪندي هڪ بيان ۾ هن چيو ته مصطفيٰ ڪمال ۽ خالد مقبول صديقي 1990 واري ڌماڪي جي سياسي واٽ تي هلي رهيا آهن.

بقايا 4 روزاني عبرت

فوج جي 6 شهيدن جي جنازي نماز پشاور ۾ ادا ڪئي وئي آءِ ايس پي آر مطابق جنازي نماز ۾ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، ڪي پي ڪي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، ڪور ڪمانڊر پشاور اعليٰ فوجي ۽ سول عملدارن ۽ شهيدن جي پونئرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وطن تي جان قربان ڪندڙن ۾ ڪيپٽن ابوذر فاروق شهيد، ليفٽيننٽ شيراز بابر شهيد، سپاهي شڪيل احمد شهيد، سپاهي حمزه شهيد، سپاهي محمد عثمان عزيز شهيد ۽ نائب ڪمپيٽنٽ غلام سجاد شهيد شامل آهن جنازي نماز کان پوءِ شهيدن جي ميتن کي پوري فوجي اعزاز سان تدفين لاءِ اباڻن علائقن ڏانهن روانو ڪيو ويو آءِ ايس پي آر چيو آهي ته وطن جي دفاع خاطر ڏنل شهيدن جون اهي لازوال قربانيون سيڪيورٽي فورسز جي پختي عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائين ٿيون

بقايا 5 روزاني عبرت

جي گهرڀاتين سان تعزيت ۽ زخمين سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان گوجياڪون سومر ڏينهن پريس ڪانفرنس دوران چيو آهي ته چين 18 سيپٽمبر تي پاڪستان جي شهر ڪوهاٽ ۾ پوليس ڪئمپ تي ٿيل دهشتگرد حملي جي شديد مذمت ڪري ٿو ۽ شهيدن جي گهرڀاتين سان دلي تعزيت ۽ زخمين سان همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪري ٿو هن چيو ته دهشتگردي انسان ذات جي گڏيل دشمن آهي دهشتگردي خلاف جنگ سمورن ملڪن جي گڏيل مفادن مطابق آهي هن چيو ته چين هميشه جيان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي ڀرپور حمايت جاري رکندو ۽ سمورن ملڪن کي اپيل ڪري ٿو ته هو دهشتگردي جي خطرن جو گڏيل طور تي مقابلو ڪن ۽ عالمي سلامتي ۽ استحڪام جي تحفظ لاءِ گڏجي ڪم ڪن

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪارروايون ڪيون جن ۾ دهشتگرد تنظيمن جي لڪڻ جي هنڌن ۽ محفوظ پناهگاهن کي نشانو بڻايو ويو سيڪيورٽي فورسز صوبي ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي ڪيل هڪ ڪارروائي دوران 9 "خوارج" کي هلاڪ ڪري ڇڏيو جڏهن ته افغانستان سان لڳل سرحد ويجهو علائقي ۾ دهشتگردن جا 3 ٺڪاڻا تباهه ڪيا ويا. 20 سيپٽمبر تي سيڪيورٽي فورسز ڪوهاٽ ۽ هنگو ضلعن ۾ دهشتگردن جي هڪ گروهه خلاف انٽيليجنس جي بنياد تي زميني آپريشن ڪيو آپريشن دوران مؤثر ۽ درست ڪارروائي جي نتيجي ۾ "فتنہ الخوارج (جيڪو ڀارت جو هڪ پراڪسي گروپ آهي) سان لاڳاپيل ٽي خارجي مارجي ويا. قابل اعتماد انٽيليجنس جي بنياد تي افغانستان سان لڳل سرحدي علائقي ۾ "فتنہ الخوارج" ۽ ان سان لاڳاپيل دهشتگرد گروهن جي ڪئمپن ۽ لڪڻ جي ٺڪاڻن کي به درستيءَ سان نشانو بڻايو ويو.

بقايا 7 روزاني عبرت

مولانا فضل الرحمان چيو ته پيپلزپارٽي هن وقت حڪومت جو حصو آهي ۽ ان وٽ آئيني عهدا به آهن. جيڪڏهن پيپلزپارٽي حڪومت کان ڌار ٿي اپوزيشن ۾ شامل ٿئي ٿي ته اسان بي اعتمادي رٽ آڻينداسين هن چيو ته هن وقت اپوزيشن اهڙي صورتحال ۾ ناهي جو بي اعتمادي رٽ آڻي سگهي، في الحال ان حوالي سان ڪا سوچ ناهي ۽ نہ ئي بي اعتمادي رٽ تي غور ڪيو ويو آهي تنهن هوندي به جيڪڏهن بي اعتمادي رٽ آئي ته ان جو ساٿ ڏينداسين. جي يو آءِ سربراهه حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو ته پارلياماني طرز حڪومت کي مستحڪم ٿيڻ نہ ڏنو پيو وڃي، جڏهن ته معيشت ۽ مهانگائي جو مسئلو سڀني لاءِ ڳڻتي جو سبب آهي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان بار بار چوندا رهيا آهيون ته ٻن صوبن ۾ حڪومتي رٽ موجود ناهي هن چيو ته سنڌ ۾ اسٽريٽ ڪرائيم جو مسئلو آهي جڏهن ته بلوچستان ۾ ڏينهن ڏٺي جو بئنڪن ۾ ڌاڙا لڳن ٿا، ڪو اهڙو نظام نظر نٿو اچي جيڪو بئنڪن يا شهرين کي تحفظ فراهم ڪري سگهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

ڊونگ صوبي جي شهر فوشان ۾ ٽيڪسٽائل فيڪٽري ۾ باهه لڳڻ سبب 8 ڄڻا فوت ۽ هڪ زخمي ٿي پيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب مقامي اڳواڻن ٻڌايو ته امدادي ۽ ريسڪيو ڪارروائيون جاري آهن

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪوهاٽ واقعي ۾ شهيد ٿيندڙ ٽن ڀينرن جي اڪيلي ڀاءُ پوليس اهلڪار فهيم الله جي گهر ويو جتي هن شهيد جي والد اڪرام الله سان ملاقات ڪئي ۽ شهيد فهيم الله جي روح جي ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي اطلاعات واري وفاقي وزير شهيد جي خاندان سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستاني قوم فهيم الله جهڙن بهادر جوانن جي قربانين کي ڪڏهن به نہ وساريندي.

بقايا 10 روزاني عبرت

خاتمي واري مهم جي شروعات ڪندي صوبائي حڪومت جي ان موذي بيماريءَ کي ختم ڪرڻ واري عزم کي ورجايو آهي ۽ والدين، سماجي اڳواڻن، مذهبي عالمن، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا تي زور ڀريو آهي ته هو ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ته جيئن هر ٻار کي زندگي بچائيندڙ ويڪسين ملي سگهي وڏي وزير گلستان جوهر ۾ روٽري ڪلب ڪميونٽي سينٽر جي دوري دوران مهم جو افتتاح ڪيو جتي هن ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پڻ پياريا. تقريب ۾ اسڪول ايجوڪيشن سيڪريٽري زاهد عباسي، هيلٿ سيڪريٽري طاهر سنگي، پوليو پروگرام جي انچارج شهريار گل، ڀائيوار تنظيمن جي نمائندن، روٽري انٽرنيشنل جي عزيز ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي افتتاح کان اڳ وڏي وزير روٽري ڪلب ڪميونٽي سينٽر ۾ مختلف سهولتن جو جائزو ورتو ۽ پوليو کان متاثر ٻارن جي سهائتا لاءِ جاري ڪوشش بابت بريفنگ ورتي. هن آرٿوپيڊڪ يونٽ جو دورو ڪيو جتي پوليو سبب معذور ٿيل ٻارن کي مصنوعي عضوا ۽ ڪئليپرز فراهم ڪيا پيا وڃن ۽ انهن جي بحاليءَ لاءِ ڏنيون ويندڙ فزيوٿراپي خدمتن جو جائزو ورتو دوري دوران وڏي وزير پوليو ورڪر مسمات هما سان ملاقات ڪئي جنهن پوليو بيماريءَ سبب پنهنجيون ٻئي ٽنگون وڃائي ڇڏيون هيون. عزيز ميمڻ ڪيس ٻڌايو ته روٽري انٽرنيشنل ڪيس مصنوعي ٽنگون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي هن پوليو کان متاثر ٻارن سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ کين ڏنيون ويندڙ سهولتن ۽ بحاليءَ جي خدمتن جو جائزو ورتو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته پوري دنيا ۾ رڳو ٻه ملڪ بچيا آهن جتي پوليو وائرس اڃا تائين ٻارن کي سخت متاثر ڪري رهيو آهي پر هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اڃا به وڏا چيلينج موجود آهن هن ياد ڏياريو ته پاڪستان ۽ افغانستان دنيا جا اهي واحد ٻه ملڪ آهن جتي پوليو وائرس اڃا تائين گردش ۾ آهي هن چيو ته گذريل سال پاڪستان ۾ پوليو جا 31 ۽ افغانستان ۾ 21 ڪيس رپورٽ ٿيا هئا. سال 2026 ۾ پاڪستان ۾ هيل تائين چار ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جن ۾ سنڌ جي ضلعي سجاول مان هڪ ۽ خيبرپختونخوا مان ٽي ڪيس شامل آهن جڏهن ته افغانستان ۾ 29 ڪيس رڪارڊ ٿيا آهن هن چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي پر اسان جو ڪم اڃا مڪمل ناهي ٿيو هن وڌيڪ چيو ته دنيا ۾ ڪٿي به وائرس جي موجودگي هر هنڌ جي ٻارن لاءِ خطرو بڻيل آهي. وڏي وزير ٿيندڙ اڳڀرائيءَ جو سهرو صوبائي حڪومت، فرنٽ لائين ورڪرز، والدين، سماجي اڳواڻن، ترقياتي ڀائيوارن ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن جي گڏيل ڪوشش کي ڏنو هن ياد ڏياريو ته سنڌ ۾ ماحولياتي نگرانيءَ جي اشارن ۾ حوصلہ افزا بهتري آئي آهي وڏي وزير موجب جنوري 2026 کان وٺي هاڪاري ماحولياتي نمونن جي تناسب ۾ واضح گهٽتائي آئي آهي هن چيو ته آگسٽ ۾ پازيٽو ريٽ 62 سيڪڙو مان گهٽجي 20 سيڪڙو تي اچي ويو آهي مهيني دوران لڌل ڇهن پازيٽو ماحولياتي نمونن مان چار ڪراچي ڊويزن ۽ ٻه حيدرآباد ڊويزن مان رپورٽ ٿيا، جڏهن ته انهن ڊويزنن کان ٻاهر گڏ ڪيل سمورا نمونا ناڪاري آيا. وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هدف تي ٻڌل ۽ همراهه ڪيل مداخلت وائرس جي ڦهلاءَ کي وڌيڪ گهٽائي سگهي ٿي. هن چيو ته پوليو خلاف جنگ ۾ غفلت جي ڪا به گنجائش ناهي هن خبردار ڪيو ته هر ويڪسين نہ پيئندڙ ٻار وائرس جي پکڙجڻ لاءِ هڪ موقعو پيدا ڪري ٿو هن پاڪستان جي پوليو مخالفت مهم کي هڪ فيصلي ڪندڙ مرحلي ۾ قرار ڏنو ۽ عزم جو اظهار ڪيو ته جيڪڏهن اعليٰ معيار جي ويڪسينيشن مهم ۽ مسلسل عزم جاري رهيو ته 2027 جي آخر تائين وائرس جي پکڙجڻ کي روڪڻ هڪ حاصل ڪرڻ جوڳو هدف آهي هن چيو ته پوليو جي خاتمي جو آخري مرحلو اڪثر سڀ کان وڌيڪ ڏکيو هوندو آهي بلا تفريق هر گهر جي هر ٻار تائين پهچڻ اسان جي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي هر ويڪسين پيئندڙ ٻار اسان کي پوليو کان پاڪ سنڌ ۽ پاڪستان جي ويجهو وٺي وڃي ٿو وڏي وزير اعلان ڪيو ته سڄي سنڌ ۾ 21 کان 27 سيپٽمبر تائين ذيلي قومي حفاظتي ٽيڪن واري مهم جاري رهندي هن مهم جو مقصد صوبي جي سمورن 30 ضلعن ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي لڳ ڀڳ 10 ملين ٻارن کي ويڪسين پيارڻ آهي 23 ضلعن ۾ مڪمل مهم ڪوريج فراهم ڪئي ويندي جڏهن ته ستن ضلعن ۾ پروگرام جي گهرج موجب جزوي ڪوريج ڏني ويندي هن چيو ته 80,000 کان وڌيڪ تربيت يافته ويڪسينيٽرز، سوشل موبلائيزر ۽ سپروائيزر مهم ۾ حصو وٺندا.

بقايا 11 روزاني عبرت

جي جاچ لاءِ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو احسن آباد جي رهائشي عمارت جي فليٽ مان هڪ ئي خاندان جي 5 ڄڻن جا لاش ملڻ واري واقعي جي جاچ لاءِ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي اعليٰ سطحي جاچ ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت ڪئي آهي آءِ جي سنڌ جي هدايت تي جاچ ڪميٽي ۾ ماهر جاچ آفيسر ۽ فارنزڪ ماهر شامل ڪيا ويندا، جڏهن ته ڪميٽي واقعي جي سمورن پاسن جو باريڪ بيني سان جائزو وٺندي ۽ دستياب شاهدن ۽ ثبوتن جي روشني ۾ جاچ کي يقيني بڻائيندي جاويد عالم اوڍو هدايت ڪئي ته واقعي جي جاچ ۾ ڊجيٽل ۽ فني شاهدن سميت سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪيا وڃن ۽ جديد جاچ ۽ فني ذريعن جي مدد سان واقعي جا سمورا حقيقتون سامهون آنديون وڃن هن چيو ته جاچ دوران ڪنهن به رخ کي نظرانداز نہ ڪيو وڃي ۽ شاهدن جي بنياد تي جاچ کي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي ٻئي طرف ڪراچي ايسٽ پوليس عورت کي قتل ۽ معصوم نينگري کي زخمي ڪري فرار ٿيل جوابدار کي 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي ايسٽ ڊبير نظير شيخ موجب جوابدار گذريل ڏينهن سٽي ڪاور پرسان گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ عورت جان بحق ۽ نينگري زخمي ٿي هئي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جوابدار جي بروقت گرفتاري تي ڊي آءِ جي ايسٽ ڊاڪٽر فرخ لنجار ايس ايس پي ايسٽ ڊبير نظير شيخ ۽ جمشيد ڪوارٽرز پوليس ٽيم کي شاباش ڏني ۽ پوليس ٽيم کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ روڪ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو آءِ جي سنڌ چيو ته سنگين واقعي ۾ ملوث جوابدار جي 24 ڪلاڪن اندر گرفتاري ايسٽ پوليس جي پيشه ورانه مهارت، تجربي ۽ بهترين جاچ صلاحيتن جو عملي ثبوت آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪواليفائنگ رائونڊ جو ڪراچي جي مختلف يونيورسٽين ۾ آغاز ڪيو ويو آهي رانديون ۽ نوجوانن معاملن کاتي واري سيڪريٽري منور علي مهيسر پاران آءِ او بي ايم يونيورسٽي ڪورنگي ۾ PUBG Mobile جي بهترين ڪواليفائنگ رائونڊ جو افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي رانديون ۽ نوجوانن معاملن کاتي واري ڊائريڪٽر اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله، ڊي ايس اوز ۽ ٻيا لاڳاپيل ۽ عهديدار پڻ موجود هئا. رانديون ۽ نوجوانن معاملن کاتي واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته رانديون واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايت تي سنڌ اي اسپورٽس چئمپين شپ جي ڪواليفائنگ رائونڊز جو باقائدا آغاز ڪيو ويو آهي هن ٻڌايو ته Tekken 8 ۽ FIFA جا ٽرائلز پڻ ڪراچي جي مختلف يونيورسٽين ۾ شروع ڪيا ويا آهن جڏهن ته PUBG Mobile جو ٻيو ڪواليفائنگ رائونڊ 23 ۽ 24 سيپٽمبر تي اقرا يونيورسٽي مين ڪيمپس ۽ ٽيون ڪواليفائنگ رائونڊ 26 ۽ 27 سيپٽمبر تي الفا ڪاليج PECHS ڪيمپس ۾ ٿيندو منور علي مهيسر چيو ته سنڌ ۾ اي اسپورٽس جي فروغ جو مقصد نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار ۽ ملڪي ۽ عالمي سطح تي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ رانديون واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جو ويزن آهي ته سنڌ ۾ اي اسپورٽس کي به باقائدا فروغ ڏنو وڃي. هن چيو ته اي اسپورٽس پوري دنيا ۾ تيزيءَ سان مقبول ٿي رهي آهي ۽ سنڌ جي نوجوانن ۾ به ان شعبي ۾ ڀرپور صلاحيت موجود آهي سنڌ حڪومت اي اسپورٽس سان لاڳاپيل نوجوانن کي موقعا فراهم ڪري انهن جي حوصلي افزائي ڪري رهي آهي. رانديون واري سيڪريٽري چيو ته اي اسپورٽس جي ڪواليفائنگ رائونڊز جو آغاز يونيورسٽين کان ڪيو ويو آهي ته جيئن نوجوانن کي صحتمند مقابلي ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن اسان جو مقصد سنڌ جي نوجوانن کي رانديون جي ميدان ۾ نمايان مقام ڏيارڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن لاءِ يوٿ ڪارڊ جاري ڪرڻ وڃي رهي آهي، جنهن ذريعي شاگردن ۽ نوجوانن کي مختلف سهولتون فراهم ڪيون وينديون يوٿ ڪارڊ ذريعي نوجوانن کي اسڪالرشپ سان گڏ بس، ٽرين ۽ ٻين سفري سهولتن ۾ رعايت به ڏني ويندي.

بقايا 13 روزاني عبرت

سنڌ آصف حيدر شاهه سنڌ ۽ اسلام آباد ۾ ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليج ايڊميشن ٽيسٽ (ايم ڊي ڪيٽ) 2026 جي ڪامياب، منظم ۽ شفاف طريقي سان منعقد ڪرڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي ترجمان چيف سيڪريٽري سنڌ موجب آصف حيدر شاهه امتحاني عمل جي سڌي ريت (براهِ راست) نگراني ڪئي ۽ سمورن امتحاني مرڪزن تي لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتي رابطاڪاري ۽ طئي ٿيل انتظامن تي هڪجهڙائيءَ سان عملدرآمد يقيني بڻايو ايم ڊي ڪيٽ 2026 لاءِ مجموعي طور تي 34 هزار 235 اميدوار رجسٽرڊ ٿيا، جن ۾ 12 هزار 853 مرد ۽ 21 هزار 382 عورتون اميدوار شامل هيون امتحان سنڌ ۽ اسلام آباد ۾ قائم نون امتحاني مرڪزن ۾ منعقد ڪيو ويو. چيف سيڪريٽري سنڌ چيو ته امتحان جي شفافيت ۽ ساک برقرار رکڻ لاءِ ڪن سطحن واري نگرانيءَ جو نظام قائم ڪيو ويو هو هر امتحاني مرڪز تي سکر آءِ بي اي، صحت کاتي، سنڌ ۽ لاڳاپيل ضلعي انتظاميا جي نمائندن تي ٻڌل نگران ٽيمون مقرر رهيون هن چيو ته مربوط ۽ اثرائتي نگرانيءَ ذريعي امتحاني عمل ۾ ميرٽ، شفافيت ۽ غير جانبداري يقيني بڻائي وئي، جڏهن ته امتحان جا سمورا مرحلا خوش اسلوبيءَ سان مڪمل ٿيا. سيد آصف حيدر شاهه چيو ته اميدوارن جي مستقبل سان وابسته امتحانن ۾ شفافيت حڪومت جي بهترين ترجيح آهي ميرٽ جو تحفظ ۽ اميدوارن جو امتحاني نظام تي اعتماد هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو چيف سيڪريٽري سنڌ ايم ڊي ڪيٽ جي ڪامياب منعقد ڪرڻ تي سکر آءِ بي اي، صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو هن چيو ته سمورن لاڳاپيل ادارن جي محنت، گڏيل رابطو ۽ ٽيم ورڪ قابل تعريف آهي هن ان عزم جو اعادو ڪيو ته امتحاني نظام جي ساک، ميرٽ ۽ شفافيت جي تحفظ لاءِ اثرائتي نگرانيءَ جو عمل جاري رکيو ويندو

بقايا 14 روزاني عبرت

واري هنڌ ڍاڪا جي ڀرپاسي واري علائقي اشوليا ۾ گئس سلينڊر جي ڌماڪي سبب باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 7 ماڻهو فوت ۽ 13 زخمي ٿي پيا پرڏيهي ميڊيا مطابق هڪ فيڪٽري جي اڳڻ ۾ بيٺل ڪيترين ئي مال بردار گاڏين ۾ ان وقت باهه لڳي جڏهن گئس سلينڊر هڪ گاڏي تان لاٿو پئي ويو اختيارين مطابق 5 لاش مال بردار گاڏين مان ڪڍيا ويا، جڏهن ته هڪ شخص ويجهي دڪان ۾ فوت ٿيو شروعاتي طور 14 ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن جن مان هڪ فوت ٿي ويو عملدارن ٻڌايو ته باهه تي ضابطو آندو ويو آهي.

بقايا 15 روزاني عبرت

نتيجي ۾ 30 سالن جو پورهيت خاور حسين پٽ لياقت علي فوت ٿي ويو آهي متوفي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايڌي ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي طارق روڊ تي ماهه روز بيوٽي پالر جي ويجهو ڪار ۽ رڪشي جي وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 9 سالن جي ٻارڙي جنت ڌي محمد بشير فوت ٿي وئي آهي جڏهن ته زخمي 35 سالن جي نامعلوم عورت جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي نينگري جو لاش ۽ زخمي عورت کي ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ماڙيپور ٿاڻي جي حد هاڪس بي ڪينپ پوائنٽ لڳ سمنڊ ۾ ٻڏي وڃڻ جي نتيجي ۾ 23 سالن جي اسد ولد فيصل زمان جو لاش ايڌي بحري خدمت جي ٽيم لاش ڪڍي ڪارروائي جي لاءِ ويجهي ٿاڻي منتقل ڪيو نيو ڪراچي سيڪٽر 11 کي صنوبر ڪاليج جي ويجهو نالي مان ٻڏل نامعلوم شخص جو لاش مليو

بقايا 16 روزاني عبرت

وزيراعليٰ هائوس ۾ تحريڪ انصاف جي پارلياماني پارٽي جي اجلاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو، اجلاس ۾ تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر، اسد قيصر عاطف خان ۽ شاهد خٽڪ سميت مرڪزي ۽ خيبر پختونخوا جي قيادت شرڪت ڪئي اجلاس کان پوءِ خيبر پختونخواهه جي وزيراعليٰ سهيل آفريدي هڪ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته 27 سيپٽمبر بابت مشاورت ڪئي وئي آهي هن چيو ته 26 نومبر 2024 تي پي ٽي آءِ کي ظلم ۽ جبر جو نشانو بڻايو ويو ۽ ڊي چوڪ تي مٿن گوليون هلايون ويون، ان دوران ٿيندڙ شهادتن جي ذميوار اها ٽولي آهي جيڪا رياست کي ڪنٽرول ڪري رهي آهي. ان بربريت باوجود اهي نہ جهڪيا، رياستي جبر جي باوجود پي ٽي آءِ هڪ وڏي قومي پارٽي طور قائم آهي هن نشاندهي ڪئي ته جيتوڻيڪ گذريل ٻن سالن دوران هتان خيبر پختونخواهه کان ٻاهر ڪي به وڏا عوامي جلسا نہ ڪيا، پر صوبائي ۽ قومي اسيمبلين ذريعي پنهنجو آواز اٿاريو ان باوجود کين ڪو به جواب نہ مليو وزيراعليٰ چيو ته 27 سيپٽمبر تي مڪمل طاقت ۽ پرامن انداز ۾ متحرڪ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، اسان جي وزيرن جي نظربندي هن تحريڪ کي نہ روڪي سگهندي اسان جو منصوبو 25 سيپٽمبر تي ظاهر ڪيو ويندو اسان ٽيسٽ ميچ کيڏي رهيا آهيون نہ ڪي ٽي-20 راند، اسان پرامن طريقي سان اڳتي وڌنداسين ۽ جيڪو به انتشار ڦهلائيندو ان جو اسان سان ڪو به واسطو نہ هوندو

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪراچي کي را جي پگهار تي هلائيندڙ اڄ اسان کي حڪمراني جا سبق ڏئي رهيا آهن هن چيو ته ڪمال، اوهان ڪراچي کي ٻيهر لساني جنگ ڏانهن ڌڪڻ چاهيو ٿا، چائنا ڪٽنگ جي باني اڄ انفراسٽرڪچر تي اربين رپيا خرچ ڪرڻ بابت ڪوڙا راڳ ڳائي رهيا آهن سنڌ حڪومت جي ترجمان مصطفيٰ ڪمال جي ميئرشپ واري دور جو باقاعده فرانزڪ آڊٽ ڪرائڻ ۽ حساب وٺڻ لاءِ جاچ ڪميٽي جوڙڻ جو مطالبو پڻ ڪيو سعديه جاويد چيو ته ساڍا 300 ارب رپيا ڪيڏانهن ويا؟ آڊٽ ٿيو ته ڪمال جا سمورا ڪمال بي نقاب ٿي ويندا.

بقايا 18 روزاني عبرت

ڪارروائي دوران عورتن ۽ ٻارن سميت 58 غيرقانوني افغانين کي حراست ۾ ورتو ويو آهي شروعاتي جاچ مان معلوم ٿيو آهي ته اهي سمورا ماڻهو انساني اسمگلرن جي نيٽ ورڪ ذريعي پاڪستان ۽ ايران رستي غيرقانوني طور تي يورپ وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. گرفتار ڪيل ماڻهن کي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس جي حوالي ڪيو ويو آهي ذريعن موجب پاڪ افغان ۽ پاڪ ايران سرحدي پٽي تي غيرقانوني اچ وڃ ۽ اسمگلنگ جي خاتمي تائين سخت ڪارروائيون جاري رهنديون

بقايا 19 روزاني عبرت

باب الاسلام سنڌ ۾ ڪراچي کان گهوٽڪي تائين ٽرين مارچ جو فقيدالمثال استقبال ظالم حڪمرانن لاءِ پٽ تي لکيل پيغام آهي سنڌ جي عوام جنهن جوش ۽ جذبي سان ٽرين مارچ جو استقبال ڪيو ان مان واضح ٿي ويو آهي ته عوام ڳرن ٽيڪسن، مهانگائي ۽ حڪومتي معاشي پاليسين کان تنگ اچي چڪو آهي.امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان جو ٽرين مارچ دوران عام ڪارڪنن سان گڏ اڪانامي ڪلاس ۾ سفر ڪرڻ سموري سياسي قيادت لاءِ هڪ مثال آهي جماعت اسلامي جي قيادت ۽ ڪارڪنن وچ ۾ ڪا به تفريق ناهي، اهو ئي سبب آهي ته عوام ۽ ڪارڪن جماعت اسلامي جي جدوجهد کي پنهنجو مقدمو سمجهن ٿا. ليوي پٽا ٽيڪس ختم ٿيڻ تائين جماعت اسلامي جا ڌرڻا، لانگ مارچ ۽ احتجاج جاري رهندا اها ڪنهن فرد يا جماعت جو ذاتي ايجنڊا ناهي، پر ڪروڙين عوام جي مفاد جي تحريڪ آهي.سنڌ ۾ سخت گرمي ۽ حبس باوجود جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ ذميوارن ٽرين مارچ جي ڪاميابي ۽ عوامي رابطا مهم لاءِ جنهن عزم ۽ حوصلي جو مظاهرو ڪيو اهو ساراهه جوڳو آهي.هن وڌيڪ چيو ته عوامي ۽ جمهوريت جي دعويدار پيپلزپارٽي حڪومت پاران سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي ٽرين مارچ جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهڻ، ڪارڪنن کي هراسان ڪرڻ ۽ اڳواڻن جي گهرن تي ڇاپا هڻڻ انتهائي شرمناڪ ۽ قابل مذمت عمل آهي.پرامن سياسي سرگرمين ۾ رڪاوٽون وجهڻ بدران حڪومت کي عوام جا مطالبا ٻڌڻ ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ گهرجن حڪومتي قدمن مان ثابت ٿي ويو آهي ته پيپلزپارٽي هاڻي سياسي ۽ عوامي جماعت بدران زرداري خاندان ۽ ڪجهه وڏيرن جي چوڌاري گهمندڙ جماعت بڻجي چڪي آهي جنهن جو مقصد اسٽيبلشمينٽ جي اي پلس ٽيم بڻجي

بقايا 20 روزاني عبرت

ته مصطفيٰ ڪمال ۽ خالد مقبول صديقي پاران استعمال ڪيل ٻولي ناقابل قبول آهي نفرت، تعصب ۽ لساني ورهاست جي سياست لاءِ سنڌ ۾ هاڻي ڪا به گنجائش ناهي ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي بيانن تي ردعمل ڏيندي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ايم ڪيو ايم هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچي ۾ لساني سياست ۽ نفرت جا ٻج پوکڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جڏهن ته اردو ڳالهائيندڙ سنڌي گهڻو اڳ ئي نفرت، تعصب ۽ لساني ورهاست جي سياست کي رد ڪري چڪا آهن هن چيو ته مان پاڻ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي آهيان. اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جا رهواسي هن ڌرتيءَ جا پٽ آهن ۽ مون کي هن ڌرتيءَ تي فخر آهي اسان جي ٻولي اردو ٿي سگهي ٿي پر سنڌ اسان جي ڌرتي، اسان جو گهر اسان جي ماءُ ۽ اسان جي سڃاڻپ آهي مرتضيٰ وهاب چيو ته ايم ڪيو ايم کي سمجهڻو پوندو ته هي 90 ع واري ڌماڪي وارو دور ناهي ڪراچي هاڻي ماضي جي پرتشدد سياست ڏانهن واپس نہ ويندو ڪراچي جي عوام بورين ۾ بند لاش، ڀتي خوري، هڙتالن ساڙيندڙ ۽ گهيراءُ ۽ خوف جي سياست جي تمام وڏي قيمت ادا ڪئي آهي هن چيو ته ڪراچي جا عوام هاڻي ڪنهن کي به نفرت جي ناليءَ تي پاڻ ۾ وڙهڻ جي اجازت نہ ڏيندا ۽ ايم ڪيو ايم جي سياست کي رد ڪري چڪا آهن هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي ڪالهه واري ريلي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ڪراچي جا عوام لساني ورهاست ۽ نفرت جي سياست سان گڏ ناهن ميئر ڪراچي جي ترجمان چيو ته ڪراچي جا باشعور ۽ غيرتمند عوام پنهنجو فيصلو ڏئي چڪا آهن نفرت ۽ ورهاست جي سياست هاڻي ڪراچي ۾ نہ هلندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي سنڌ جو اٽوٽ حصو سنڌ جي شهه رڳ ۽ ڪڏهن به نہ ٽٽندڙ حصو آهي ڪراچي سنڌ آهي ۽ سنڌ ڪراچي آهي. هن تاريخي ۽ جاگرافيائي رشتي کي ڪو به سياسي نعرو ٽوڙي نٿو سگهي هن چيو ته ڪراچي کي لساني نعرن ۽ نفرت جي نہ پر امن، روزگار، پاڻي، ٽرانسپورٽ، انفراسٽرڪچر ۽ ترقي جي سياست جي ضرورت آهي جنهن تي سنڌ حڪومت عمل ڪري رهي آهي مرتضيٰ وهاب مصطفيٰ ڪمال ۽ خالد مقبول صديقي کي مخاطب ٿيندي چيو ته ڪراچي جي عوام کي ورهائڻ بدران شهر جي ترقي لاءِ پنهنجو پروگرام ٻڌايو هن چيو ته ڪراچي جا باشعور عوام نفرت جا ٻج پوکڻ ۽ سنڌ کي ورهائڻ جي هر ڪوشش کي پنهنجي اتحاد سان ناڪام بڻائيندا مرتضيٰ وهاب چيو ته پيپلز پارٽي جو پيغام بلڪل واضح آهي سنڌ هميشه سلامت، متحد ۽ هڪجهڙي آهي ۽ رهندي سنڌ جي وحدت، ڪراچي جي امن ۽ هتي رهندڙ سمورن ماڻهن جي ڀائيچاري تي ڪو به سمجهوتو نہ ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ هميشه سلامت رهندي، ڪراچي سنڌ ۽ سنڌ ڪراچي آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

ڀٽو زرداري جي 38هين سالگرهه جي موقعي تي پنهنجي خصوصي وڊيو بيان ۾ کيس دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪندي سندس صحت، ڪاميابي ۽ ڊگهي عمر لاءِ دعا ڪئي آهي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ناني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو والده شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ والد آصف علي زرداري جي سياسي بصيرت، جمهوري جدوجهد ۽ عوامي خدمت واري ويزن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن ناصر حسين شاهه چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ننڍي عمر ۾ ئي قومي سياست ۾ فعال ڪردار ادا ڪندي پنهنجي صلاحيتن جو مڃتا حاصل ڪئي ۽ نوجوانيءَ ۾ ملڪ جي پرڏيهي وزير طور ذميواريون انجام ڏنيون هن چيو ته پرڏيهي وزير طور بلاول ڀٽو زرداري عالمي سطح تي پاڪستان جي نمائندگي ڪئي ۽ مختلف عالمي فورمن تي پاڪستان جو موقف اجاگر ڪيو ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ناني ۽ والده جي نقش قدم تي هلندي جمهوري سياست، پارلياماني نظام ۽ عوامي حقن لاءِ پنهنجو سياسي سفر جاري رکيو آهي جڏهن ته سندس قيادت ۾ نوجوان نسل جي سياسي عمل ۾ شرڪت پڻ اهميت اختيار ڪري وئي آهي صوبائي وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايندڙ نسل جي قيادت ڪري رهيا آهن ۽ ملڪ جي سياسي مستقبل ۾ سندس ڪردار اهم آهي هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري نوجوان اڳواڻ طور نہ رڳو قومي سياست ۾ پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي پر پرڏيهي وزارت جي دور ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۽ عالمي ادارن اڳيان پاڪستان جو ڪيس پڻ پيش ڪيو ناصر حسين شاهه چيو ته معرڪ حق دوران ڪانپوءِ به چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عالمي سطح تي پاڪستان جي نمائندگي ڪندي دنيا کي پاڪستان جي موقف کان آگاهه ڪيو جيڪو سندس سياسي ڪردار ۽ سفارتي تجربي جي عڪاسي ڪري ٿو هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جو مستقبل ۽ ايندڙ وزيراعظم آهن سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪنن لاءِ بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهه هڪ اهم موقعو آهي ۽ ان موقعي تي هو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صحت، ڪاميابي، خوشحالي ۽ ڊگهي عمر لاءِ دعاگو آهن

بقايا 22 روزاني عبرت

38هين سالگرهه تي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوجوان نسل جي اميد ۽ پاڪستان جي روشن مستقبل جي علامت آهن هنن جمهوريت، عوامي حقن ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ هميشه پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي مسئلن جي حل ۽ جمهوري قدرن جي فروغ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ بلاول ڀٽو زرداري انهيءَ سياسي ۽ جمهوري جدوجهد کي اڳتي وڌائي رهيا آهن انهن خيالن جو اظهار هن سومر ڏينهن بلديه عظميٰ ڪراچي جي صدر دفتر جي ڪميٽي روم ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38هين سالگرهه جي موقعي تي منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي سٽي ڪائونسل ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي، ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، صدر پيپلز ليبر بيورو ڪراچي ۽ ليبر ميمبر بلديه عظميٰ ڪراچي اسلم سمون، پيپلز ليبر يونٽي جي صدر ڪيپٽن شبير جدون، جنرل سيڪريٽري شاهد قادري سميت ٻين ذميوارن ۽ ڪارڪنن جو وڏو انگ پڻ موجود هو ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو ته بلاول ڀٽو زرداري شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي ويزن ۽ عوامي خدمت جي روايت جا امين آهن انهن جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي نوجوانن، پورهيتن ۽ عام شهرين جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن بلاول ڀٽو زرداري لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي چيو ته الله تعاليٰ کين صحت، سلامتي ۽ وڌيڪ ڪاميابيون عطا فرمائي. ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو ته پيپلز پارٽي جا ڪارڪن ۽ عوام اڄ پنهنجي چيئرمين جي سالگرهه جي خوشي ۾ شريڪ آهن هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ملڪ ۾ جمهوري نظام جي استحڪام ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ مسلسل آواز بلند ڪيو آهي هن بلاول ڀٽو زرداري جي صحت، سلامتي ۽ ڊگهي ڄمار لاءِ دعا پڻ ڪئي. ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو ته پورهيت طبقو پاڪستان پيپلز پارٽي جي جدوجهد جو اهم حصو آهي ۽ پيپلز ليبر بيورو جا ڪارڪن بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهه ڀرپور نموني سان ملهائي رهيا آهن تقريب دوران شرڪت ڪندڙن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو

بقايا 23 روزاني عبرت

جا يا انهن جا ناهن پر پاڪستان جا شهيد آهن. هن چيو ته سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر ڪو به وزير شهيدن جي جنازي ۾ نہ آيو هن سوال ڪيو ته ڇا اوهان ايترا بي حس ٿي ويا آهيو جو نہ پاڻ ۽ نہ ئي ڪو وزير شهيدن جي جنازي ۾ ويو؟ محسن نقوي چيو ته پي ٽي آءِ جا اڪثر ماڻهو لانگ مارچ ڪرڻ نٿا چاهين کين پاڻ به خبر ناهي ته سندن مطالبو ڇا آهي عمران خان جو علاج قانون موجب ٿيندو سندن مرضي موجب نہ عمران خان جو ڪالهه به طبي معائنو ڪيو ويو آهي. وفاقي گهرو وزير چيو ته اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي جيڪو به وفاقي گادي واري شهر کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ان سان قانون موجب سختي سان منهن ڏنو ويندو هن چيو ته اسان وٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو حڪم موجود آهي ۽ ان تي عمل ڪرايو ويندو هن چيو ته اڃا به وقت آهي بند گهٽي ۾ نہ وڃو ۽ اهڙي جاءِ تي نہ وڃو جتان واپسي جو رستو نہ هجي. اسان وٽ جيڪو به قانوني رستو هوندو اهو اختيار ڪيو ويندو محسن نقوي چيو ته هن ڀيري ائين نہ ٿيندو ته اوهان اچو ۽ ملڪ 10، 20 ڏينهن لاءِ بند ٿي وڃي. هن ڀيري مستقل حڪمت عملي تيار ڪئي ويندي ۽ وفاقي حڪومت ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. جيڪو مستقل بنيادن تي هوندو. اسلام آباد کي "سومنات" بڻائڻ جي ڌمڪي بابت سوال تي گهرو وزير چيو ته جيڪي ٻڪيون هڻن ٿا، انهن کي ٻڪيون هڻڻ ڏيو ان سان ڪو فرق نٿو پوي ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ بابت سوال تي محسن نقوي چيو ته هو معيشت بابت وڌيڪ ڳالهائڻ نٿو چاهي عالمي مارڪيٽ جي حساب سان پيٽرول جون قيمتون وڌن ٿيون جڏهن ته ڪيترن ئي ملڪن ۾ ته پيٽرول موجود ئي ناهي.

بقايا 24 روزاني عبرت

صوبي هونان جي شهر خانگشا ۾ هونان صوبائي عوامي ڪانگريس جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي نائب چيئرمين يانگ هائوڊونگ سان گهڻ رخي ڊائيلاگ ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جو خاص مددگار قاسم نويد قمر گوانگزو ۾ پاڪستاني قونصل جنرل ياسر اقبال ڀٽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. گهڻ رخي ڊائيلاگ ۾ ٻين ڪن ملڪن بيلاروس، روس ۽ ميڪسيڪو جي نمائندن به شرڪت ڪئي ڊائيلاگ دوران سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ حڪومت پاران عوامي ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ کنيل قدمن بابت تفصيلي روشني وڌي. هن چيو ته سنڌ ۾ اليڪٽرڪ بسن، ڊبل ڊيڪر بسن بي آر ٽي ڪوريڊورز ۽ اليڪٽرڪ ٽيڪسين ذريعي عوامي ٽرانسپورٽ جي نظام کي جديد ۽ بهتر بڻايو پيو وڃي، جڏهن ته صوبي جي عوام کي جديد، محفوظ ۽ ڪفايت ڀري سفري سهولت جي فراهمي لاءِ مختلف رٿائن تي ڪم جاري آهي شرجيل انعام ميمڻ توانائي، ٽرانسپورٽ، خوراڪ ۽ زراعت سميت مختلف شعبن ۾ هونان صوبي سان سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي يانگ هائوڊونگ ٽرانسپورٽ، توانائي ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقي سميت مختلف شعبن ۾ ڪاروباري سهڪار کي وڌائڻ جي اهميت تي زور ڀريو ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ترقياتي رٿائن ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار جي امڪانن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 25 روزاني عبرت

کي گڏيل ڀروسي، خودمختيار برابري ۽ هڪ ٻئي جي بنيادي مفادن جي حمايت تي ٻڌل هڪ دائمي ڀائيواري قرار ڏنو آهي. وڏو وزير ڪراچي ۾ چين جي حڪومت جي وقتي قونصل جنرل فينگ ڊيهينگ پاران چين جي قومي ڏينهن جي موقعي تي ڏنل هڪ تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي ڳالهائيندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته چين پنهنجي پختي ارادي، جدت، حڪمت عملي واري ويزن ۽ ذريعي جديد تاريخ ۾ ترقي جي سڀ کان شاندار ڪامياب ڪهاڻين مان هڪ بڻجي اڀريو آهي هن چيو ته چين ڪروڙين ماڻهن کي غربت مان ڪڍيو آهي عالمي معيار جو بنيادي ڍانچو تيار ڪيو آهي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ عالمي اڳواڻ طور اڀريو آهي ۽ بين الاقوامي اقتصادي ترقي جو هڪ وڏو انجڻ بڻجي چڪو آهي وڏي وزير صدر شي جن پنگ جي قيادت ۾ چين پاران جديديت، اعليٰ معيار جي ترقي ۽ انسانيت لاءِ هڪ گڏيل مستقبل واري سماج جي اڏاوت واري ويزن تي ڏنل زور کي پڻ اجاگر ڪيو هن چيو ته اقتصادي تبديلي ٽيڪنالاجي جي اڳڀرائي، ماحول دوست ترقي ۽ سماجي اڳڀرائي ۾ چين جي ڪاميابين عالمي سطح ماڃيون آهن ۽ خوشحالي ۽ پائيدار ترقي جي ڳولا ۾ رڌل ترقي پذير ملڪن کي اتساهه ڏنو آهي سيد مراد علي شاهه عالمي امن، ترقي ۽ بين الاقوامي سهڪار ۾ چين جي حصي کي پڻ ساراهيو ۽ چيو ته ڳالهين، گڏيل احترام، گهڻ پاسي واري عمل ۽ ڌرين جي گڏيل فائدي واري سهڪار تي ان جو زور قومن جي وچ ۾ تعميري لاڳاپن لاءِ موقعا فراهم ڪري ٿو ۽ چين جي عالمي ترقي واري قدم، عالمي سلامتي واري قدم ۽ عالمي تهذيب واري قدم جو حوالو ڏيندي هن چيو ته اهي ڪوششون سڀني جي شامل ڪندڙ ترقي، گڏيل سلامتي، ثقافتي ڇاڻ ۽ وڌيڪ انصاف تي ٻڌل عالمي نظام جي اهميت کي ظاهر ڪن ٿيون وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ چين جي دوستي وقت جي هر پرک تي پوري لٿي آهي ۽ هنن جي لاڳاپن کي هر موسم ۾ ساٿ ڏيندڙ حڪمت عملي واري سهڪاري ڀائيواري قرار ڏنو هن چيو ته ڏهاڪن کان اسان جا ٻئي ملڪ ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيهندا رهيا آهن. چيلينج جي گهڙين ۾ هڪ ٻئي جي پلڀرائي ڪئي آهي ۽ هڪ ٻئي جي ڪاميابين جو جشن ملهايو آهي هن وڌيڪ چيو ته هيءَ دائمي دوستي ٻنهي ملڪن جي عوام لاءِ فخر جو باعث ۽ علائقائي سهڪار توڙي استحڪام جو بنيادي پٿر آهي هن چيو ته چين-پاڪستان اقتصادي راهداري جيڪو بيلٽ اينڊ روڊ انيشيٽو جو هڪ اهم ترين منصوبو آهي تنهن ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي هڪ تبديل ڪندڙ رخ ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو ته وڌيڪ رابطن، توانائي جي منصوبن، صنعتي ترقي ۽ بنيادي ڍانچي جي سيڙپڪاري جي ذريعي، سي پيڪ پاڪستان جي اقتصادي منظرنامي ۽ ترقي جي اميدن ۾ نمايان حصو وڌو آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ، پاڪستان جو اقتصادي ۽ تجارتي مرڪز هجڻ ڪري، پاڪستان-چين سهڪار ۾ هڪ مرڪزي حيثيت رکي ٿي هن چيو ته اسان کي توانائي، بندرگاهن ۽ لاجسٽڪس، صنعت، زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي، شهري بنيادي ڍانچي، صحت ۽ تعليم سميت ڪيترن ئي شعبن ۾ چين جي وڌندڙ سيڙپڪاري ۽ سهڪار کي ڏسي خوشي ٿي آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت چيني ادارن ۽ ڪمپنين سان پنهنجي ڀائيواري کي وڏي اهميت ڏئي ٿي ۽ سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي وڏي وزير چيو ته صوبائي حڪومت متبادل توانائي، سمارٽ شهري ترقي، زراعت جي جديديت، پروفيشنل تربيت، ڊجيٽل تبديلي ۽ صنعتي جدت ۾ سهڪار کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي خواهان آهي هن چيو ته اهي شعبا سنڌ ۽ چين جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ اسان جي ماڻهن کي سڌوسنئون فائدا پهچائڻ لاءِ وڏي صلاحيت رکن ٿا. مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان ملڪ جي ترقي، اقتصادي اڳڀرائي ۽ علائقائي استحڪام لاءِ چين جي مسلسل حمايت کي ساراهي ٿو هن ويساهه ظاهر ڪيو ته ٻه طرفا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا رهندا ۽ سهڪار توڙي عوامي سطح تي رابطن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڪوششون ڪرڻ جو سڏ ڏنائين وڏي وزير هڪ ڀيرو ٻيهر چين جي حڪومت ۽ عوام کي قومي ڏينهن تي واڌايون ڏنيون ۽ چين لاءِ مسلسل امن، ترقي، خوشحالي ۽ ڪاميابي جي دعا ڪئي تقريب جي شروعات چين ۽ پاڪستان جي قومي ترانن سان ٿي وقتي قونصل جنرل فينگ ڊيهينگ ڀليڪار جا لفظ چيا جڏهن ته تقريب جي پڇاڙي ڪيڪ ڪٽڻ جي رسم سان ٿي.

بقايا 26 روزاني عبرت

معاهدن تي صحيحون ڪيون آهن. انهن معاهدن تحت پاڪستان لاءِ گلوبل گيٽ وي ترقياتي سهولت، ڪي پي ڪي ۾ توانائي ۽ قدرتي ماحول جي پائيداري ۽ پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني ۽ ڪاروباري ماحول لاءِ يورپي يونين جي مدد جي عنوان سان 3 پروگرام شروع ڪيا ويندا اهو تعاون پاڪستان ۽ يورپي يونين جي اقتصادي ۽ توانائي جي شعبن ۾ ترقي ۽ قانون جي حڪمرانيءَ کي هٿي ڏيڻ بابت گڏيل عزم کي عملي جامو پارائيندو اقتصادي معاملن واري ڊويزن طرفان جاري بيان مطابق معاهدن تي پاڪستان ۾ مقرر يورپي يونين جي سفير ريمونداس ڪروپليس ۽ اقتصادي معاملن واري سيڪريٽري محمد حمير ڪريم صحيحون ڪيون يورپي يونين جو گهڻن سالن وارو اهو پروگرام 2021 ع کان 2027 ع تحت مالي معاونت سان شروع ڪيل آهي قدمن ۾ پاڪستان جي ترقي جي 3 اهم پهلوئن تي ڌيان ڏنو ويو آهي. پاڪستان لاءِ گلوبل گيٽ وي ترقياتي سهولت؛ سيڙپڪاري جي انتظام ۽ ماحولياتي ماحول جي بهتري جي منصوبي جو مقصد ٽيڪس نظام ۾ بهتري ۽ حڪومت جي ڊگهي مدي واري منصوبابندي کي مضبوط بڻائي پاڪستان ۾ وڌيڪ پرڏيهي سيڙپڪاري جي راهه هموار ڪرڻ آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪارروائي ڪندي فتنه الهندستان جي 4 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق اها ڪارروائي آپريشن رد الفتنه 3 تحت تصديق ٿيل ڄاڻ تي ڪئي وئي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن جو گهيراءُ ڪيو ته ٻنهي طرفن کان فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ 4 دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار، بارود به هٿ ڪيو ويو آهي سيڪيورٽي ذريعن عزم جو اظهار ڪيو آهي ته بلوچستان جي امن کي نقصان پهچائيندڙ ڌرين ۽ آخري دهشتگرد جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن بنا رڪاوٽ جاري رهندو

بقايا 28 روزاني عبرت

پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي 38هين سالگرهه تي شاندار مبارڪباد سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد، صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي، وڏي وزير سنڌ جي بحالي واري کاتي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي، قومي اسيمبلي جي ميمبر شرميلا فاروقي ۽ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاران دلي مبارڪباد پيش ڪئي وئي آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

معذور فردن جي اختيارن واري کاتي (DEPD) جي 37 خاص تعليم ۽ بحاليءَ جي مرڪزن ۾ علامتي طور تي 49 ڊجيٽل ڪلاسرومز سڄي سنڌ ۾ 20 سيٽلائيٽ اسڪولن ۽ سڄي صوبي ۾ ٻوڙن ۽ مختلف صلاحيتن جي حامل ٻارن لاءِ سکيا جا موقعا بهتر بڻائڻ جي مقصد سان اشارن جي ٻوليءَ جي استادن جي تربيتي پروگرام جو افتتاح ڪري پنهنجي حڪومت جي جامع ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل تعليم جي عزم کي ورجايو آهي افتتاحي تقريب گلستان جوهر ۾ موجود گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبيليٽيشن ڪمپليڪس ۾ منعقد ڪئي وئي جتي وڏي وزير سان گڏ ڊي اي پي ڊي (DEPD) سيڪريٽري طه احمد فاروقي، ڊيف ريچ (Deaf Reach) جو باني رچرڊ گيئري، تعليمي ماهر استاد، والدين ۽ ترقياتي ڀائيوار موجود هئا.

بقايا 30 روزاني عبرت

شيخ ابراهيم المدني لاڏاڻو ڪري ويو سعودي ميڊيا تصديق ڪئي آهي ته مسجد الحرام جو مؤذن شيخ ابراهيم المدني لاڏاڻو ڪري ويو آهي حرمين جي آفيس اڪائونٽ تي شيخ ابراهيم المدني جي تصوير جاري ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته هو ڪڏهن مسجد الحرام جي "مڪبريه" ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين خاص طور رات جي آخري پهر ۾ عبادت ۽ الله تعاليٰ جي قرب حاصل ڪرڻ ۾ مشغول رهندو هو شيخ ابراهيم المدني جي وفات تي سندس چاهيندڙن ۽ عقيدتمندن طرفان گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي.

بقايا 31 روزاني عبرت

هٿي سي ايم ايڇ ڪوهاٽ جو دورو ڪيو ۽ ڪوهاٽ واقعي ۾ زخمي ٿيندڙ ماڻهن جي عيادت ڪئي وفاقي وزير زخمين سان ملاقات ڪئي ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران انهن جي جلد صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو پيغام پهچايو زخمين اطلاعات واري وفاقي وزير کي دهشتگردي جي واقعي بابت تفصيلن کان آگاهه ڪيو ۽ عيادت جي لاءِ اچڻ تي سندس ٿورا ادا ڪيا.

بقايا 32 روزاني عبرت

پارليامينٽ، انتظاميه ۽ عدليه پنهنجي پنهنجي دائري اختيار ۾ آئيني حڪمراني کي هٿي ڏيڻ لاءِ مددگار ڪردار ادا ڪن ٿا. سپريم ڪورٽ پاران جاري بيان موجب چيف جسٽس اهڙو اظهار نيشنل ڊفينس يونيورسٽي اسلام آباد جي نيشنل سيڪيورٽي اينڊ وار ڪورس 2027 ع جي 123 رڪني وفد سان سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات دوران ڪيو وفد جي اڳواڻي چيف انسٽرڪٽر ميجر جنرل محمد شهزاد خان ڪئي. وفد ۾ هٿياربند فوج ۽ سول سروسز جا آفيسر فيڪلٽي ميمبر جڏهن ته دوست ملڪن جا 27 نمائندا به شامل هئا. چيف جسٽس وفد جي آجيان ڪندي پارلياماني جمهوريت جي نمايان خاصيتن ۽ اختيارن جي ٽه ڌرئي ورڇ جي آئيني تصور تي روشني وڌي

بقايا 33 روزاني عبرت

سان في تولو سون 4 لک 57 هزار 536 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب سومر ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 2 هزار 700 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 57 هزار 5 سؤ 36 رپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 2315 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 94 هزار 578 رپين سان گهٽجي 3 لک 92 هزار 263 رپيا ٿي وئي، 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 61 هزار 709 رپين مان گهٽجي 3 لک 59 هزار 587 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن مطابق في تولو ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت بنا ڪنهن تبديلي جي ترتيب وار 7100 رپيا ۽ 6087 رپين تي برقرار رهي

بقايا 34 روزاني عبرت

اسڪولن ۾ موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي. احتجاج جي امڪان ۽ سيڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اسڪول بند رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اسڪول انتظاميا والدين کي موڪل بابت آگاهه ڪري ڇڏيو آهي سيڪٽر جي-7 ۽ ستارا مارڪيٽ جي اسڪولن ۾ پوليس اهلڪارن کي ترسايو ويندو

بقايا 35 روزاني عبرت

وڌيڪ قومي ۽ نجي بئنڪن جي 150 مئنيجرن خلاف انڪوائري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي انهن ۾ 8 مئنيجرن کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي انهن بئنڪ جي مئنيجرن ملڪ کان ٻاهر ويندڙ ماڻهن کي جعلي بئنڪ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا آهن. آمريڪا، جرمني، جاپان، ڪئنيڊا، ڊبئي ۽ يورپي يونين جي ملڪن جي سفارتڪارن سفارش ڪئي هئي ته سندن قونصل خانن جي ڪميشن جاچ ڪئي هئي ته جمع ڪرايل ويزائن ۾ انڪشاف ٿيو ته انهن کي جعلي بئنڪ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا 36 روزاني عبرت

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي سندس 38هين سالگرهه تي دلي مبارڪباد ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جمهوريت، آئين ۽ عوام جي حقن جي جدوجهد کي اڳتي وڌايو آهي سندس سياسي جدوجهد عوامي خدمت ۽ جمهوري قدرن سان وابسته آهي هن چيو ته ڀٽو خاندان جون جمهوريت ۽ عوام لاءِ ڏنل قربانيون اسان جي تاريخ جو روشن باب آهن جڏهن ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي قربانين جي ميراث بلاول ڀٽو زرداري جي عزم کي وڌيڪ سگهه ڏني ٿي بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي خاندان جي جمهوري جدوجهد ۽ قربانين جو امين آهي ۽ عوام جي حقن، جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي لاءِ سندس جدوجهد جاري آهي وڏي وزير دعا ڪئي ته الله پاڪ بلاول ڀٽو زرداري کي صحت، سلامتي، درازي عمر ۽ عوامي خدمت توڙي قومي سياست جي سفر ۾ وڌيڪ ڪاميابيون عطا فرمائي هوڏانهن پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو بلاول ڀٽو زرداري کي 38هين سالگرهه تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ملڪي سياست جو محور ۽ عوام جي اميدن جي ڪرڻ آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

ترجمان سريندر ولاسائي چيو آهي ته خالد مقبول ۽ سندس ساٿي سنڌ جي عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ کان پاسو ڪن هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي ريلي پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جي گڏجاڻي کان به ننڍي هئي جڏهن ته ڪراچي جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي ريلي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي استقبال لاءِ نڪتي هئي.سريندر ولاسائي چيو ته 18 آڪٽوبر 2007 ع تي 30 لک ماڻهن شهيد بينظير ڀٽو جو استقبال ڪيو هو ان وقت ڪراچي جي آبادي هڪ ڪروڙ 40 لک هئي

بقايا 38 روزاني عبرت

سيد مراد علي شاهه ٽنڊو الهيار ۾ ناقص ڪاڌو کائڻ سبب سوين ماڻهن جي حالت خراب ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ پوليس ۽ حيدرآباد ڪمشنر کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. وڏي وزير هدايت ڪئي ته متاثر ماڻهن کي فوري ۽ بهترين طبي امداد فراهم ڪئي وڃي ۽ سمورن لاڳاپيل اسپتالن ۾ ترت هنگامي حالت لاڳو ڪري متاثرن جي علاج لاءِ سمورا ضروري انتظام يقيني بڻايا وڃن

بقايا 39 روزاني عبرت

نارٿ ناظم آباد ۾ پيش آيل ٻن مختلف واقعن ۾ هڪ شخص جو لاش هٿ ۽ 3 ورهين جو ٻار گولي لڳڻ سبب زخمي ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي سيڪٽر 11 ڪي ۾ صنوبر ڪاليج پرسان نالي مان ٻڏل حالت ۾ هڪ شخص جو لاش هٿ آيو آهي ريسڪيو ذريعن موجب هٿ آيل لاش جي عمر لڳ ڀڳ 55 سال آهي، جنهن کي عباسي اسپتال منتقل ڪيو ويو وڃي جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ اڃا تائين نہ ٿي سگهي آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

سگهجي ٿو برطانوي ميڊيا سان ڳالهائيندي جماعت اسلامي جي سنڌ سماءِ واري سيڪريٽري شڪيل ترابي چيو ته حڪومتي وزيرن لانگ مارچ هڪ مهيني لاءِ ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي جيڪا جماعت اسلامي قبول نہ ڪئي هن چيو ته وفاقي وزير احسن اقبال ۽ راڻا ثناءُ الله جماعت اسلامي سان رابطي ۾ آهن جڏهن ته حڪومتي وزيرن طرفان اها ڳالهه به ڪئي وئي آهي ته جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي آمريڪا ۾ موجود وزيراعظم شهباز شريف سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪرائي سگهجي ٿي

بقايا 41 روزاني عبرت

اهتمام ڪيو اجلاس ۾ قومي، صوبائي ۽ علائقائي ميڊيا ادارن سان لاڳاپيل 30 کان وڌيڪ صحافين شرڪت ڪئي اجلاس دوران نئين سر نوٽيفاءِ ڪيل نيشنل پاپوليشن ڪائونسل (NPC) جي مينڊيٽ ۽ ذميوارين غريب ترين عورتن لاءِ خانداني منصوبابندي جي سهولتن تائين رسائي ۾ رڪاوٽن ۽ عملدرآمد جي نگراني ۽ جوابدهي مضبوط ڪرڻ ۾ ميڊيا جي ڪردار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي پنهنجن آجيان وارن لفظن ۾ پاپوليشن ڪائونسل جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڊاڪٽر علي ايم مير آبادي کي مختلف شعبن سان لاڳاپيل قومي مسئلو قرار ڏنو هن چيو ته "آبادي ڪو الڳ مسئلو ناهي. ان جو سڌو سنئون تعلق پاڻي جي تحفظ، شهري آبادي جي ڦهلاءَ، زرعي زمين خوراڪ جي تحفظ ۽ غذائيت سان گڏ عورتن جي تعليم ۽ بااختيار بڻائڻ سان آهي" هن ٻڌايو ته 1965 ع کان وٺي في ماڻهو زرعي زمين ۾ لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو گهٽتائي ٿي چڪي آهي هن زور ڏنو ته آبادي ۾ واڌ ۽ پاڪستان جي تيزيءَ سان محدود ٿيندڙ وسيلن وچ ۾ لاڳاپي کي ملڪ جي ترقي واري بحث جو مرڪزي حصو بڻائڻ جي ضرورت آهي

بقايا 42 روزاني عبرت

هنگو ۾ شهيد ٿيل 6 جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته هنگو ۾ وطن جو دفاع ڪندي شهيد ٿيل جوان پاڪستان جا بهادر پٽ هئا. انهن بهادر جوانن ڪنهن سياسي پارٽي لاءِ نہ پر پاڪستان جي خاطر قرباني ڏني آهي شهيدن جي جنازي نماز ۾ پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت طرفان ڪنهن جو شريڪ نہ ٿيڻ افسوسناڪ آهي سومر ڏينهن پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته صوبائي حڪومت جي نمائندگي نہ هئڻ سان ڪيترائي سنجيده سوال جنم وٺن ٿا.

آفيس آف دي سپرنٽنڊنگ انجنيئر (جوڊيشل ورڪس)/
پروجيڪٽ مئنيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي
بيرڪ نمبر 18، بلاڪ A-4، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪورٽ روڊ، ڪراچي.

No. TC/SE/Judicial Works/Sindh/Karachi/429 of 2026
Dated: 21-09-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

اي-پروڪيورمينٽ جي حاصلات واري طريقي (SPPRA E-Procurement) تحت، هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقي ذريعي قابليت رکندڙ واڪ ڏيندڙن کان "EPADS" جي نئين طريقي واري E-BID ذريعي درخواستون ۽ آڇون طلب ڪيون وينديون، جنهن جا تفصيل هيٺ ڏنل آهن:

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل رقم	ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ ڏنل وقت	واڪ دستاويز جي رقم
1.	ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ شڪارپور ۾ عورت فريادين لاءِ ويهڻ جي جڳهه / ويٽنگ روم ۽ عورت فريادين لاءِ ٻن واش رومن جي تعمير	Rs. 60,27,000/-	03 مهينا	3000/-

a. خواهشمند شرڪت ڪندڙ پنهنجون درخواستون هيٺين صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ٽينڊر هوسٽنگ / شايع ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي، باقي هيٺ ڏنل دستاويزن ۽ شرطن سان گڏ 09-10-2026 تائين صبح 09:30 وڳي تائين جمع ڪرائي سگهن ٿا. واڪ دستاويز هر ڪم لاءِ الڳ الڳ بغير ڪنهن في جي فراهم ڪيا ويندا. پري آرڊر يا ڊپازٽ رسيد هر ڪم سان گڏ پيش ڪرڻي پوندي.

b. آڇون 09-10-2026 تي صبح 10:00 وڳي تائين وصول ڪيون وينديون ۽ ان ئي ڏينهن 10:30 وڳي تي سپرنٽنڊنگ انجنيئر جي آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ آڇ ڏيندڙن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون. جيڪڏهن ٽينڊر ناڪام ٿيا يا قبول نہ ٿيا ته پوءِ هيٺين تاريخن تي ٻيهر جاري ڪيا ۽ کوليا ويندا.

اڻ جوابيل آڇن جو شيڊول:

جاري ڪرڻ جي ٻي تاريخ	جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي ٻي تاريخ
ٻهرين پيرو: واڪ دستاويز جاري ڪرڻ جي تاريخ 12-10-2026 کان 26-10-2026 تي صبح 09:30 وڳي تائين	ٻي تاريخ: 26-10-2026 تي صبح 10:00 وڳي تائين وصول ڪيون وينديون ۽ ان ئي ڏينهن 10:30 وڳي تي کوليون وينديون

c. اهليت / شرط:

i. جنوري 2027 يا ان کان پوءِ تائين جي صحيح PEC رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزڊ ڪوڊ CE09, CE10, EE11(vi) & ME01 ۾ هجڻ ضروري آهي.
ii. تفصيلي اهليت جو معيار / شرط واڪ دستاويزن سان گڏ موجود آهن.
iii. گذريل 3 سالن دوران ساڳئي قدر يا ان کان وڌيڪ قيمت جي سئي نموني سان مڪمل ڪيل گهٽ ۾ گهٽ 3 ڪمن جو تحريري ثبوت ۽ مالڪ / امپلائر کان ڪم شروع ۽ مڪمل ٿيڻ واري تاريخ جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪرڻو پوندو.
iv. آڇ ڏيندڙ وٽ گذريل ٽن سالن دوران اهڙن ڪمن جو تجربو هجڻ گهرجي ۽ گذريل ٽن سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 2 هڪ جهڙي نوعيت جا ڪم مڪمل ڪيا هجن (فهرست آڇ سان گڏ پيش ڪرڻي پوندي).
v. شرطيه، اليڪٽرانڪ، ٽيليگرافڪ يا اڻپورا ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
vi. ساڳئي قيمت يا ان کان وڌيڪ قيمت جي ڪمن جي ايوارڊ ليٽرن / ورڪ آرڊرن جي فهرست ۽ ڪاپيون شامل ڪرڻيون پونديون.
vii. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN ڪاپي) ۽ سنڌ ريوينيو بورڊ (سيلز ٽيڪس رجسٽريشن) سان گڏ باقاعده ۽ ايڪٽو اسٽيٽس ۽ CNIC جي ڪاپي لڳل هجڻ گهرجي.
viii. گذريل ٽن سالن جو سالياني ٽرن اوور اندازي مطابق قيمت جي برابر يا ان کان وڌيڪ هجڻ گهرجي.
ix. واڪ دستاويز خريد ڪرڻ لاءِ درخواست سان گڏ ٽينڊر في جمع ڪرڻي پوندي.
x. 5% سوڻي رقم جي شڪل ۾ ڪال ڊپازٽ / پي آرڊر / ڊمانڊ ڊرافٽ ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ آف پاڪستان تان سپرنٽنڊنگ انجنيئر (جوڊيشل ورڪس)/PM&IU، ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي جي نالي جمع ڪرڻو پوندو.
xi. جيڪڏهن ڪو ڪورٽ ڪيس / شڪايت هجي ته ان جي نوعيت ۽ نتيجي جو اسٽامپ پيپر تي بيان حلف نامو پيش ڪيو وڃي.
xii. اسٽامپ پيپر تي هي تحريري يقين ڏهاني ته فرم حڪومتي يا نجي ادارن ۾ ڪو به ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ يا بغير ڪنهن سبب جي دير ڪرڻ ۾ ملوث ناهي.
xiii. بيان حلفي ته فرم کي اڳ ۾ ڪنهن به اجرا ڪندڙ ايجنسي پاران بليڪ لسٽ نہ ڪيو ويو آهي.
xiv. بيان حلفي ته پيش ڪيل سڀ دستاويز / تفصيل / معلومات سچا ۽ صحيح آهن.
xv. مجاز اٿارٽي وٽ SPPRA Rules 2010 (تازو ترميم ٿيل) جي تحت سڀني يا ڪنهن به آڇ (ٽينڊر) کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
xvi. جيڪڏهن حڪومت پاران مقرر ڪيل تاريخن تي ڪا عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي ته ٽينڊر ايندڙ ٻئي ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول مطابق SPPRA Rule 2010 (Rule 41 (3)) تحت جمع ڪيا ۽ کوليا ويندا.

سپرنٽنڊنگ انجنيئر
(جوڊيشل ورڪس)/PM&IU،
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ،
حڪومت سنڌ، ڪراچي.

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/4196/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سياست ماڻهن کي ورهائڻ بدران انهن جا مسئلا حل ڪرڻ جو ذريعو هجڻ گهرجي

صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر

سستو تيل وٺو: اڄ ڪي تازا خبر!

صفحو 4

وچ اوڀر جي جنگ ۽ عالمي معيشت ۾ تيل جا وڌندڙ اگهه!

نور سنڌي

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن — 22 سيپٽمبر

صفحو 4

ٿاڻوبولاخان جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي الله بچايو خاصخيلي بنيادي سهولتن کان وانجهيل

ڪئمپس اسڪول جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان وانجهيل سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ پريشانين جو سبب بڻيل

اسڪول ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي، واش روم، فرنيچر ۽ بجلي سميت مختلف بنيادي سهولتن جي کوٽ جي اڻاٺ

بجلي ۽ سولر سسٽم جي سهولت موجود نه هجڻ ڪري شاگرد ۽ شاگردياڻيون سخت گرمي دوران به ڪلاس رومن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور

ٿاڻوبولاخان: ڪئمپس اسڪول جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان وانجهيل سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ پريشانين جو سبب بڻيل

ٿاڻوبولاخان(ن ع) ٿاڻي بولاخان تعلقي هيڊڪوارٽر جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي الله بچايو خاصخيلي ڪئمپس اسڪول بنيادي سهولتن کان وانجهيل، شاگرد زمين تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور خبر ٿاڻوبولاخان شهر جو گورنمينٽ پرائمري حاجي الله بچايو خاصخيلي ڪئمپس اسڪول جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان وانجهيل سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ پريشانين جو سبب بڻيل آهي اسڪول ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي واش روم فرنيچر ۽ بجلي سميت مختلف بنيادي سهولتن جي کوٽ جي اڻاٺ جڏهن ته اسڪول جو تعميراتي ڪم به رولڙي جو شڪار هجڻ سبب تدريسي عمل متاثر ٿي رهيو آهي اسڪول ۾ بجلي ۽ سولر سسٽم جي سهولت موجود نه هجڻ ڪري شاگرد ۽ شاگردياڻيون سخت گرمي دوران به ڪلاس رومن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن جڏهن ته فرنيچر جي کوٽ سبب شاگرد ۽ شاگردياڻيون پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن پيئڻ جي پاڻي ۽ واش روم جي مناسب سهولت نه هجڻ سبب پڻ شاگردن ۽ استادن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ان حوالي سان اسڪول جي استادن شاگردن ۽ شاگردياڻين ڳالهائيندي چيو ته تعلقي هيڊڪوارٽر شهرٿاڻوبولاخان جو هي سرڪاري اسڪول ئي جيڪڏهن بنيادي سهولتن کان محروم آهي ته ٻهراڙي وارن علائقن جي اسڪولن جي صورتحال جو اندازو آساني سان لڳائي سگهجي ٿو هنن چيو ته اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ سبب روزاني تدريسي عمل دوران شاگردن ۽ استادن کي مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته سخت گرمي ۾ بجلي يا سولر سسٽم نه هجڻ ڪري ننڍڙا ٻار سخت تڪليف برداشت ڪندي تعليم حاصل ڪن ٿا جڏهن ته فرنيچر جي کوٽ سبب ڪيترائي شاگرد فرش تي ويهڻ تي مجبور آهن اسڪول جو تعميراتي ڪم مڪمل نه ٿيڻ سبب پڻ تدريسي ماحول متاثر ٿي رهيو آهي استادن شاگردن ۽ شاگردياڻين وس وارن ادارن تعليم کاتي جي اختيارين ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته گورنمينٽ پرائمري حاجي الله بچايو خاصخيلي ڪئمپس اسڪول ۾ پيئڻ جي پاڻي، واش روم فرنيچر بجلي ۽ سولر سسٽم سميت سمورين بنيادي سهولتن فراهم ڪري تعميراتي ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي، جيئن شاگردن کي بهتر ۽ سازگار تعليمي ماحول ملي سگهي.

مسوپرگڙي جو بنيادي صحت مرڪز گڏيل 15 ڏينهن کان بجلي جي سهولت کان محروم

بي ايڇ يو مسوپرگڙي گڏيل 15 ڏينهن کان بجلي جي سهولت کان محروم هجڻ مريض ۽ عملو پريشان

اسپتال جو سولر يونٽ خراب هجڻ سبب بجلي جو متبادل نظام به ناڪاره بڻيل، سخت گرمي ۾ مشڪلاتون درپيش

سولر يونٽ جي خرابي بابت پي پي ايڇ آءِ حيدرآباد انتظاميا کي بار بار لکت ۾ آگاهه ڪيو ويو پر ڪو ٽيل نه نڪتو: اسپتال انتظاميه

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي ۽ ڀرپاسي جي 100 کان وڌيڪ ڳوٺن جي غريب ۽ مسڪين مريضن لاءِ واحد سهارو بڻيل بي ايڇ يو مسوپرگڙي گڏيل 15 ڏينهن کان بجلي جي سهولت کان محروم هجڻ سبب علاج بدران مريضن ۽ سندن وارثن لاءِ سخت اذيت جو مرڪز بڻجي ويو. اسپتال جو سولر يونٽ خراب هجڻ سبب بجلي جو متبادل نظام به ناڪاره بڻيل آهي جڏهن ته سخت گرمي دوران اسپتال اندر بجلي ۽ مناسب ٿڌڪ نه هجڻ ڪري مريضن جي حالت خراب ٿيڻ ۽ بيهوشي جا واقعا پيش اچڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن اسپتال انتظاميا موجب سولر يونٽ جي خرابي بابت پي پي ايڇ آءِ حيدرآباد انتظاميا کي بار بار لکت ۾ آگاهه ڪيو ويو پر 15 ڏينهن گذرڻ باوجود مسئلو حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم نه کنيو ويو سوال اهو آهي ته جيڪڏهن غريب مريضن جي علاج لاءِ قائم صحت مرڪز ۾ بنيادي بجلي جي سهولت به بحال نه ڪرائي سگهجي ته پوءِ اهڙن ادارن جي انتظامي ڪارڪردگي تي ڪير نظر رکندو؟ بجلي جي ڊگهي بندش خلاف مريضن ۽ سندن وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته بي ايڇ يو مسو پرگڙي سوين خاندانن لاءِ صحت جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ جو اهم مرڪز آهي پر انتظامي لاپرواهي سبب مريضن کي علاج دوران به سخت گرمي ۽ تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي احتجاج ڪندڙن چونڊيل نمائندن ضلعي انتظاميا حيدرآباد ۽ پي پي ايڇ آءِ جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي خراب سولر يونٽ جي مرمت يا متبادل جو انتظام ڪيو وڃي، جيئن علائقي جي غريب مريضن کي بنيادي صحت جون سهولتون بنا ڪنهن تڪليف جي فراهم ٿي سگهن مريضن جو سوال آهي ته 15 ڏينهن تائين هڪ بنيادي مسئلو حل نه ٿيڻ جي ذميواري آخر ڪنهن تي عائد ٿئي ٿي؟ علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته لاڳاپيل اختيارين رڳو نوٽيس وٺڻ تائين محدود نه رهن پر عملي طور تي اسپتال جي بجلي بحال ڪرائي ۽ ذميوارن کان جواب طلب ڪن

حيدرآباد جي وڊ ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ حاجي لونگ نوناري جي رهواسين جو باثرن خلاف احتجاج

باثر ماڻهن پاران زبردستي گهر مان لڏائڻ، حملي ۽ تشدد خلاف اڪبر بروهي، زال ۽ ماءُ سميت احتجاج ڪيو

پاڙيسري باثر محرم ڪوسو، صادق ڪوسو، شاهنواز ڪوسو ۽ ٻين اسان جو ناحق جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: اڪبر بروهي

هر ايندڙ ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن سان جهيڙو ڪري ڳوٺ مان لڏائي ڇڏين ٿا، غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي گهرن مان جون چوريون به ڪرايون وڃن ٿيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي وڊ ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ حاجي لونگ نوناري جي رهواسين باثر ماڻهن پاران زبردستي گهر مان لڏائڻ، حملي ۽ تشدد خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڪبر بروهي پنهنجي زال نصرت ۽ پيرسن امڙ الهوسائي سان گڏ احتجاج ڪندي ٻڌايو ته پاڙيسري باثر ماڻهو محرم ڪوسو صادق ڪوسو شاهنواز ڪوسو جبار ڪوسو مرتضيٰ،نادن ممتاز حسينا، بشيرا ۽ ٻين اسان سوڙو ٻين جو ناحق جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هر ايندڙ ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن سان جهيڙو ڪري ڳوٺ مان لڏائي ڇڏين ٿا،غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي گهران ناحق لڏائي قبضي خاطر اسان جون چوريون به ڪرايون وڃن ٿيون ۽ گهر ۾ گهري عورتن ۽ مردن کي مارڪٽ ڪري وڃن ٿا پر انهن کي ڪير به چوڻ وارو ناهي هنن چيو ته گهر ۾ گهري مارڪٽ ڪري زخمي ڪرڻ جو ڪيس وڊ ٿاڻي تي داخل ڪرايو پر پوليس هڪ دفعو به جوابدارن جي در تي نه آئي آهي جڏهن ته جوابدارن ڪورٽ مان گرفتاري کان اڳ واري ضمانت ڪرائڻ لاءِ ڪوشش شروع ڪري ڇڏيون آهن جنهن سبب اسان عدم تحفظ جو شڪار بڻيل آهيون جڏهن ته جوابدار ڌر ڪيس تان هٿ نه کڻڻ جي صورت ۾ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته اسان جي ڪيس جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

مٽلي ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38 هين سالگره ملهائي وئي

مٽلي (ڊ-ر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38 هين سالگره جي موقعي تي پ پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو جي هدايتن تي تعلقه سطح تي تقريب رکڻ جي نسبت سان پيپلز پارٽي تعلقه مٽلي صدر سراج سومرو جي ميزباني هيٺ پيپلز پارٽي ميرپورخاص ڊويزن صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي صدارت ۾ سالگره تقريب ملاڻي هائوس مٽلي تي منعقد ڪئي وئي ۽ سالگره مبارڪ جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو پيپلز پارٽي ميرپورخاص ڊويزن صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي، ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي، سينيٽر انجنيئر گيانچند ڦارائي خصوصي طور شرڪت ڪئي ونود ڪمار ملاڻي، دادن هنگورجو پرديپ اوجها، طالب ڏوهٽ، نهچل هنساڻي، جڳديش راساڻي، اقبال نون، ثمينه پيل، تعلقه مٽلي جي سمورن پارٽي عهديدارن ٽائون ڪاميٽي چيئرمينن، يونين ڪائونسل چيئرمينن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبرن ۽ ميونسپل ڪائونسلرز تعلقه مٽلي سان لاڳاپيل سمورن پارٽي ورڪرن ۽ جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پنگريو لڳ هفتو اڳ پاڻي جي واري تان قتل وارو مامرو

قاسم جوڻيجو کي قتل ڪندڙ جوابدار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: حاجي قاسم

معاملي جو نوٽيس وٺي انهي جو صد باب ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي

پنگريو(ن ع)هڪ هفتو اڳ پاڻي جي واري تان قتل ٿيل ڳوٺ يوسف جوڻيجو واسي زميندار حاجي قاسم جو پٽ ۽ ڀاءُ مخالفن جي ڏاڍهن ڪلهي پريس ڪلب پنگريو پهچي ويا جتي صحافين اڳيان ڏانهيندي مقتول جي ڀاءُ حاجي طالب جوڻيجو پٽ عطاءُ الله جوڻيجو چيو ته اسان جو اڄ پاڻي جو وارو آهي هڪ هفتو اڳ پاڻي جي واري تان سندن ماڻيت قاسم جوڻيجو کي قتل ڪندڙ جوابدار ڌمڪيون ڏئي ڪين هراسان ڪري رهيا آهن جون ڦاٽ اوهان اسان جي چٽڻ جتڻ تي ڪيس داخل ڪري ڪين گرفتار ڪرايو آهي جنهن جو حساب هو مخالفن جي گهر ۾ موجود 80 سالا پيرسن شريف جوڻيجو کي قتل ڪري ان جو الزام قاسم جي ڀائرن ۽ پٽن تي هڻي مٿن ڪيس داخل ڪرائڻداسين هنن وڌيڪ ٻڌايو ته اهڙي ڄاڻ ايم پي اي بي بي ياسمين شاهه برادري جي چڱن مڙسن کي به ڏني آهي ۽ ڊي ايس پي ٽنڊو باگو ايس ايس پي بدين آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارا کان مطالبو ٿا ڪريون ٿا ته معاملي جو نوٽيس وٺي انهي جو صد باب ڪري ڪين تحفظ ڏنو وڃي

DISTRICT BADIN.

پنگريو: قاسم جوڻيجو کي قتل ڪندڙ جوابدار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: حاجي قاسم

ڏوڪري ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38 هين سالگره ملهائي وئي

ڏوڪري(ن ع) ڏوڪري ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38 هين سالگره اياز هائوس تي پ پ پ اڳواڻ تعلقه ڏوڪري صدر منير احمد سوهو چيئرمين عبدالحميد جيسر رئيس دائود خان جوڻيجو ۽ نياز حسين سوهو جي اڳواڻي ۾ وڏي جوش جذبي سان ملهائي وئي، ان سلسلي سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو سالگره ۾ پ پ پ اڳواڻن عهديدارن ورڪرن ڪارڪنن ڳوٺاڻن توڙي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي پڻ وڏي ڄمار لاءِ پڻ دعائون گهريون ويون آخر ۾ پ پ پ اڳواڻ تعلقه ڏوڪري صدر منير احمد سوهو خطاب ڪندي چيو ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هڪ بهادر انسان آهي جنهن سنڌ جي هر وار کي رڪ جي ديوار وانگر بيهي مضبوطي سان روڪيو آهي سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ به وڏي اڪثريت سان سنڌ ورهائڻ جي سازش کي روڪي بل پاس ڪرايو آهي

ڪڪڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا

چونڊيل نمائندن شهر کي نظرانداز ڪري ڇڏيو

جديد قسم جو ڊرينيج سسٽم ۽ رهيل پاڙن کي پيور بلاڪ ڏنو وڃي: رهواسي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر جا 3 بنيادي مسئلا حل نه ٿيا چونڊيل نمائندن شهر کي نظرانداز ڪري ڇڏيو تفصيل موجب ڪڪڙ تاريخي پراڻو شهر آهي جنهن کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي شهر ۾ ڪيترين بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي جنهن ۾ 3 بنيادي مسئلا جيئن جو تيئن رهيا پيا آهن جيڪي هن وقت تائين ڪير به حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي چونڊيل نمائندن شهر کي مڪمل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي ڪڪڙ شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن جي رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪڪڙ 1942 تائين تعلقو رهي چڪو آهي جنهن جي هيڊ آبادي 40 هزار کان به وڌي وئي آهي جنهن سبب ڪڪڙ کي تعلقه جو درجو ڏنو وڃي ڪڪڙ شهر ۾ صحت جي حوالي سان ڪابه سهولت موجود نه آهي شهر ۾ هڪ لوڪل ڊسپينسري ڪم ڪري رهي آهي جيڪا 50 سال اڳ تعمير ڪئي وئي هئي ايترو عرصو گذري وڃڻ ڪانپوءِ به ڊسپينسري کي اپ گريڊ ناهي ڪيو ويو جڏهن ته ڊسپينسري ۾ علاج جي ڪابه سهولت موجود نه آهي جنهن سبب غريب شهري ۽ ڳوٺاڻن جا رهواسي سخت پريشاني ۾ ورتل آهن جڏهن ته ڊسپينسري ۾ ايمرجنسي وارڊ موجود نه آهي ۽ نه وري رات جي وقت اسپتال ۾ علاج جي سهولت آهي رات جي وقت ايمرجنسي ڊاڪٽر مقرر نه هجڻ سبب ڊسپينسري کي تالا لڳل آهن جنهن سبب رات جي وقت غريب مسڪين ماڻهون اذيتن تڪليفن ۾ اچي وڃن ٿا ڪڪڙ ۽ آس پاس جي رهواسين جي سهولت خاطر ڊسپينسري کي اپ گريڊ ڪري آر سي ايڇ اسپتال ڏني وڃي جنهن ۾ ايمرجنسي وارڊ سميت علاج جون مڪمل سهولتون موجود هجن ڪڪڙ شهر جو ڊرينيج سسٽم ناڪارا ٿي چڪو آهي ۽ ڪيترن پاڙن ۾ ڊرينيج ۽ پيور بلاڪ جي سهولت ناهي جنهن ۾ دينار شاهه پاڙو غريب آباد پاڙو جمالي پاڙو ۽ ٻيا شامل آهن جتي ڊرينيج ۽ پيور بلاڪ جي سهولت موجود نه آهي شهر جي سمورن پاڙن کي جديد قسم جو ڊرينيج سسٽم ۽ رهيل پاڙن کي پيور بلاڪ ڏنو وڃي

پ پ تعلقه ڏوڪري جي جنرل سيڪريٽري پاران بلاول ڀٽو جي سالگره ملهائي وئي

ڏوڪري(ن ع) پ پ تعلقه ڏوڪري جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ علي ڏنو خان گاڏهي جي رهائش گاهه تي پ پ بلاول ڀٽو زرداري جي 38 هين سالگره جي تقريب ڪوٺائي وئي، ان سلسلي ۾ تقريب جي صدارت پ پ اڳواڻ تعلقه ڏوڪري جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ علي ڏنو خان گاڏهي ڪئي، جنهن ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو سندس ڪاميابي ۽ عمر درازيءَ لاءِ پڻ دعائون گهريون ويون تقريب ۾ سڀني عهديدان يونين ڪائونسل عهديدان مختلف ڊيلي ونگس جا عهديدار، چيئرمين يونين ڪائونسل وائيس چيئرمين ميمبر ضلع ڪائونسل ڪائونسلر نوڪيبلس جيالن ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

گمبٽ جي رهواسي فياض جويو مٿان حملو احتجاج

ٺٺون ديرو کان محفل کان واپسي ايندي رستي ۾ حملو ڪيو ويو

فياض جويو مٿان تشدد ڪندڙن کي گرفتار ڪري سامان واپس ڪرايو وڃي: اڳواڻ

گمبٽ (ن ع) سنڌ جو مشهور راڳي گمبٽ جو رهواسي فياض جويو تي ٺٺون ديرو کان محفل کان واپسي ايندي رستي ۾ ڪيس مٿان حملو ۽ تشدت ڦرلٽ ڪرڻ خلاف گمبٽ جي فنڪارن سازڻن پاران سنگر سهيل عباسي .محمد اسحاق ناريجو .باقر علي ناريجو .نعيم احمد شيخ سنگر شرافت علي ناريجو پاران احتجاج ڪيو ويو هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سنڌ جي مشهور راڳي فياض جويو مٿان تشدد ڪندڙن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ سنڌ جا فنڪار پوري سنڌ ۾ احتجاج جو ڏائرو وڌايو ويندو .

سنجهورو ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره تقريب

راجا آفتاب لغاري ۽ آصف علي رند جي ميزباني ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو

جاويد ناياب لغاري، سيد سبطين علي شاهه، خادم حسين خاصخيلي ۽ ٻيا شريڪ

سنجهورو(ت ر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38هين سالگره پ پ پ تعلقي سنجهورو جي صدر راجا آفتاب لغاري جنرل سيڪريٽري آصف علي رند جي ميزباني ۾ رند هائوس سنجهورو ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو سالگره تقريب ۾ پ پ پ يوٿ ونگ سنڌ جي صدر جنرل سيڪريٽري شهيد بينظير آباد ڊويزن جاويد ناياب لغاري پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سيد سبطين علي شاهه پ پ پ تعلقي سنجهورو جي صدر راجا آفتاب لغاري سپاف ضلعي سانگهڙ جي صدر خادم حسين خاصخيلي پ پ پ تعلقي سنجهورو جي جنرل سيڪريٽري آصف علي رند پ پ پ ڪاچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر عبدالستار خاصخيلي پ پ پ تعلقي سنجهورو جي انفارميشن سيڪريٽري ساجد جعفري ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سعيد لغاري ٽائون ڪميٽي سنجهورو جي چيئرمين راڻا محمد انور راجپوت رئيس صادق علي خان لغاري وائيس چيئرمين جهول خان محمد خاصخيلي علي گل رند علي رضا چاڪراڻي مير ابراهيم مري ڊاڪٽر غلام قادر پنهور شير محمد رند يار محمد بالادي پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاڪستان جي چيئرمين قربان خاصخيلي شير محمد خاصخيلي پ پ پ ليبر بيورو شهيد بينظير آباد ڊويزن جي سابق صدر غلام علي پ پ پ اڳواڻ فاروق لغاري چاڪراڻي يوسي جعفر خان لغاري جي چيئرمين سائين بخش لغاري حاجي گل شير خاصخيلي نواب خان ٻبر مياري ونگ ضلعي سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري خوشحال داش ۽ ٻين پ پ پ ڪاچرل ونگ سپاف پ پ پ ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

سنجهورو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره تقريب

سنڌ اسان جي امڙ آهي، سنڌ اسان جي جيجل آهي: پير مظهرالحق

توهان شاگرد تعليم جي زيور سان آراسته ٿي سنڌ ڌرتي جا محافظ بڻجندا

زباني ڪلامي نه فوري طور تي اوهان کي سنڌ جي خدمت ڪرڻ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ کپي

دادو(ڊ ر) سنڌ اسان جي امڙ آهي، سنڌ اسان جي جيجل آهي، سنڌ کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دعا آهي، توهان شاگرد تعليم جي زيور سان سنڌ ڌرتي جا محافظ بڻجندا اهڙو اظهار پيپلزپارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق گورنمينٽ پرمانند پائلٽ بوائز هاءِ اسڪول دادو ۾ سينئر استاد جاويد اڪبر ميمڻ جا نوڪري جا 60 سال مڪمل ٿيڻ تي رٽائرڊ ٿيڻ جي تقريب ۾ شاگردن ۽ استادن کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته مان اوهان کي خبردار ڪيان ٿو ته اوهان سنڌ جا اڳواڻ ٿيندئو سنڌ سلامت رهندي شاهه لطيف جي سنڌ کي دعا آهي جيڪڏهن توهان وڏن عهدن تي پهچي سنڌ غريب ماڻهن سان وفا نه ڪئي ته پوءِ قدرت توهان کي ان انجام تي پهچائيندي سنڌ سان جيڪو غداري ڪندو آ ته ان جو نالو نشان مٽجي ويندو آهي سنڌ اسان جي امڙ آ، سنڌ اسان جي جيجل آ سنڌ جي لاءِ اوهان کي رڳو زباني ڪلامي نه فوري طور تي اوهان کي سنڌ جي خدمت ڪرڻ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ کپي مان توهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان ۽ خبردار ڪري ٿو ڇڏيان ته اسان ويندڙ مرحلي تي آهيون اوهان ايندڙ مرحلي تي آهيو هي سنڌ توهان جي حوالي آ سنڌ جي خدمت لاءِ پاڻ کي تيار ڪيو تعليم جي هٿيار سان پاڻ کي تيار ڪيو تعليم ئي توهان کي سنڌ کي بچائڻ لاءِ توهان کي تيار ڪندي ۽ ڪاميابي توهان کي عطا ڪندي هن اسڪول کي اعزاز آهي ته سيد عبدالله شاهه به هن اسڪول ۾ پڙهيو ۽ تمام هشيار شاگرد هئو ۽ اهو سنڌ جو وزيراعليٰ سيد عبدالله شاهه ٿيو هن چيو ته اوهان شاگرد وڌ تعليم طرف ڌيان ڏيو ۽ مستقبل ۾ هن ملڪ جا معمار بڻجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهو رٽائرڊ ٿيندڙ استاد جاويد اڪبر ميمڻ چيو ته مون کي نوڪري به پير مظهرالحق صاحب ڏني هئي ۽ اڄ سان 60 سال مڪمل ڪري ان محسن جي موجودگي ۾ رٽائرڊ ٿي رهيو آهيان

ERMANAND-HARDAS
ILOT HIGH SCHOOL DADU

دادو: شاگرد تعليم جي زيور سان آراسته ٿي سنڌ ڌرتي جا محافظ بڻجندا

سڪرنڊ ۾ "چانهه جي چسڪي تي ڳوٺاڻي ڪچهري" جو اهتمام

هن اوطاق تي روزانو جي بنياد تي ڪچهري ٿيندي آهي: ساجد علي انڙ

اڄ آيل شخصيتن سان دلي سڪون محسوس ٿيو آهي، ڪافي دوست پهريون ڀيرو آيا آهن

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي قديم ڳوٺ دوست آباد ۾ ڳوٺ جي چڱي مڙس ۽ اوطاقي شخصيت ساجد علي انڙ "چانهه جي چسڪي تي ڳوٺاڻي ڪچهري" جي عنوان تحت ساجد علي پئليس تي شاندار ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ تعلقه سڪرنڊ سميت ضلع شهيد بينظيرآباد جون ساجهه وند ڌريون واپاري، زميندار ڪاروباري ماڻهو ۽ زميندار شريڪ ٿيا جن ۾ رئيس اسد علي مگسي، رئيس شيراز احمد انڙ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي رئيس حماد الله انڙ راجا خانزادو، حافظ محمد رمضان مگسي غلام محمد پرهياڙ غلام شبير انڙ نظر گهمڻ علي زاهد خانزادو ۽ پرنس قربان انڙ سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون ڳوٺاڻيءَ ڪچهري ۾ آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي ميزبان ساجد علي انڙ ڳالهائيندي چيو ته توڙي جو هن اوطاق تي روزانو جي بنياد تي ڪچهري ٿيندي آهي جنهن ۾ دوست يار ۽ مٽ مائٽ شريڪ ٿيندا آهن پر اڄ آيل شخصيتن سان دلي سڪون محسوس ٿيو آهي جنهن ۾ ڪئي دوست پهريون ڀيرو آيا آهن جنهن تي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو ته اوطاقون توڙي جو اسان جي سونهاري سنڌ جي قديم روايت آهي پر دنيا جي مصروفيات ۽ جديد دور جي ڪري اوطاقون ويران ٿي ڪيون آهي پر اڄا ڪي خانداني نوجوان آهن جيڪي وڏن جي روايت کي قائم رکيو اچن انهن ۾ محترم ساجد علي انڙ پڻ شامل آهي هن وڌيڪ چيو ته " ساجد پئليس " تي پهچي نه صرف خوشي ٿي آهي بلڪ سنڌ جي ثقافت تي پڻ سارڻيون ساريوسين آخر ۾ ميزبان پاران شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي ڪچهريءَ ۾ منصور شهزاد، عاقب انڙ پڻ موجود هئا ان دوران سارنگ ڀٽو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

سڪرنڊ: جيئي ڀٽو امداد گروپ ۾ شموليت جا سلسلو جاري

خاصخيلي برادري جي وفد جي رئيس امتياز علي راهو سان ملاقات

انشاءَ الله اسين اوهان جي ڏک سک جا ساٿي رهنداسين: امتياز علي راهو

سڪرنڊ (ن ع) جيئي ڀٽو امداد گروپ ۾ شموليت جا سلسلو جاري ڪوسا برادري جي شاندار شموليت ڪانپوءِ ملاح برادري مظهر ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ خاصخيلي برادري شعبان خاصخيلي جي اڳواڻيءَ ۾ راهو هائوس صابو راهو پهچي گروپ جي چيئرمين رئيس امتياز علي راهو سان ملاقات ڪئي جنهن تي ٻنهين برادرين پاران راهو خاندان تي اعتماد ڪندي سندن سٿ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو جنهن تي چيئرمين امتياز علي راهو ڪين ڀليڪار ڪندي چيو ته انشاءَ الله اسين اوهان جي ڏک سک جا ساٿي رهنداسين جيسين سسيءِ ۾ ساهه آهي پنهنجي برادري سميت راڄ سان وفا ڪنداسين ان موقعي تي جيئي ڀٽو امداد گروپ جو ضلعي صدر غلام علي رند ۽ سينيئر نائب صدر غلام محمد رند پڻ موجود هئا جن ٻنهين برادرين کي ڀليڪار ڪندي ڪين يقين ڏياريو ته راهو خاندان وفادار خاندان آهي سندن جي خاص خوبي اها به آهي ته هو پنهنجن جا پرجهلا هوندا آهن اسين اوهان کي يقين ٿا ڏياريون ته ساٿ سلامت رهندو

سڪرنڊ شهر جي مهڙ ڪالوني جي نوجوانن پاران ايس يو پي ۾ شموليت

جدوجهد ۾ ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪندي پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي

سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ۾ هر نئون ساٿي اسان جي طاقت آهي: پرويز سومرو

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ شهر جي مهڙ ڪالوني جي نوجوانن سنڌ جي موجوده صورتحال کي ڏسندي سنڌ خاطر ڪجهه ڪرڻ جي نيت سان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۾ شموليت جو فيصلو ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ مختلف برادرين جي سائين سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر پرويز احمد سومرو سان ملاقات ڪري ايس يو پي جي فڪر سنڌ جي حقن ۽ عوامي جدوجهد ۾ ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪندي پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏيو جن شموليت ڪئي انهن ۾ محب الله مهڙ سڪندر علي ڀلو ابوبڪر مهڙ سجاد لنڊ، زاهد مهڙ عبدالرزاق مهڙ مشتاق مگسي نعمان احمد مهڙ جاويد سولنگي نويد جمالي لطيف ڀلو ۽ جنيد پرهياڙ شامل هئا ان موقعي تي پرويز سومرو نون شامل ٿيندڙ سائين کي ڀليڪار ڪندي چيو ته سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ۾ هر نئون ساٿي اسان جي طاقت آهي گڏيل جدوجهد سان ئي سنڌ جي حقن ۽ عوام جي آواز کي وڌيڪ سگهارو بڻائي سگهجي ٿو

مٽياري: 15 ورهين جي نينگر سان مبينا زيادتي

والد جي فرياد تي ڪيس داخل، هڪ جوابدار گرفتار

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ٿاڻي جي حد ۾ 15 ورهين جي نينگر منير علي برهياڙ سان مبينا زيادتي جو واقعو سامهون آيو آهي. پوليس موجب واقعي بابت نينگر جي والد فقير محمد برهياڙ جي فرياد تي مٽياري ٿاڻي تي قلم 377 ۽ 34 PPCتحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس پاران ڪيس ۾ نامزد هڪ جوابدار ارباب عرف عربي کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد ٻئي جوابدار جي گرفتاري لاءِ پڻ ڪوششون جاري آهن پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

سنڌ يونيورسٽي ۾ هنگامي صورتحال ۾ ابتدائي طبي امداد ۽ حفاظتي بچاءُ بابت تربيتي پروگرام

ريسڪيو سروس سان فوري رابطو ڪرڻ ۽ ابتدائي طبي امداد بابت بنيادي ڄاڻ رکڻ انتهائي ضروري آهي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

هنگامي صورتحال ۾ سيڪنڊ به قيمتي هوندا آهن،ان صورتحال ۾ پنهنجي حواسن کي قابو ۾ رکي سيڪنڊن اندر قدم کڻڻا هوندا آهن

هن قسم جا تربيتي پروگرام شاگردن ۾ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت آگاهي ۽ صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

ڄامشورو: ريسڪيو سروس سان فوري رابطو ڪرڻ ۽ ابتدائي طبي امداد بابت بنيادي ڄاڻ رکڻ انتهائي ضروري آهي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

ڄامشورو(پ ر) روٽري انٽرنيشنل ڊسٽرڪٽ 3271 جي ضلعي ريسڪيو اينڊ سيفٽي ڪميٽي پاران سنڌ يونيورسٽي جي بيورو آف اسٽيڪس ۽ ريسڪيو 1122 سنڌ جي سهڪار سان سنڌ يونيورسٽي جي ڪامرس ڊپارٽمينٽ جي آڊيٽوريم ۾ انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (IBA) جي شاگردن هنگامي صورتحال ۾ ابتدائي طبي امداد ۽ حفاظتي بچاءُ بابت تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو هن پروگرام ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) مکيه مهمان طور شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪرنل ايس سردار علي شاهه ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن اينڊ ٽريننگ، ريسڪيو 1122 سنڌ ۽ ضلعي چيئر. ريسڪيو اينڊ سيفٽي روٽري انٽرنيشنل ڊسٽرڪٽ 3271 اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري چيو ته هن قسم جا تربيتي پروگرام شاگردن ۾ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت آگاهي ۽ صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا هن چيو ته اوچتي هنگامي صورتحال دوران بروقت قدم کڻڻ، فوري طور ريسڪيو سروس سان رابطو ڪرڻ ۽ فرسٽ ايڊ بابت بنيادي ڄاڻ رکڻ انتهائي ضروري آهي تعليمي ادارن ۾ اهڙين سرگرمين جي انعقاد سان شاگردن کي هنگامي صورتحال ۾ پاڻ کي ۽ ٻين کي محفوظ رکڻ لاءِ ضروري ڄاڻ ۽ عملي مهارتون حاصل ٿين ٿيون وائيس چانسلر وڌيڪ چيو ته هنگامي صورتحال ۾ سيڪنڊ به قيمتي هوندا آهن،ان صورتحال ۾ پنهنجي حواسن کي قابو ۾ رکي سيڪنڊن اندر قدم کڻڻا هوندا آهن فوري قدم نقصان کي اثرن کي روڪڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو هن اميد ظاهر ڪئي ته تربيتي پروگرام ۾ شامل شاگرد هتان حاصل ڪيل ڄاڻ مان نه رڳو پاڻ فائدو حاصل ڪندا پر ٻين تائين به ڄاڻ منتقل ڪندا ته جيئن وڌ ۾ وڌ آگاهي پيدا ٿي سگهي وائيس چانسلر انتهائي اهم موضوع تي تربيتي پروگرام منعقد ڪرڻ تي روٽري ڪلب ۽ بيورو آف اسٽيڪس جي ڪوششن کي ساراهيو ان موقعي تي پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ روٽري انٽرنيشنل ڊسٽرڪٽ 3271 جي اسسٽنٽ گورنر ايم عمران خان وائيس چانسلر، ٽريننگ فيڪلٽي ميمبرن ، روٽري ميمبرن ۽ شاگردن کي ڀليڪار ڪيو ۽ بنيادي فرسٽ ايڊ، فائر سيفٽي، ريسڪيو ۽ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي صلاحيتن جي اهميت تي روشني وڌي هن تربيتي سيشن جو انتظام ڪندڙ سيد ياسين شاهه راشدي، اسٽيشن هائوس انچارج ۽ انچارج ٽريننگ ونگ، ريسڪيو 1122، ضلعو حيدرآباد، ۽ شاهد علي معظم پيراميڊڪ هئا، جن شاگردن کي موضوع جي مناسبت سان ٽريننگ ڏني ۽ هنگامي صورتحال دوران گهربل ضروري قدمن ريسڪيو 1122 سان فوري رابطي ۽ فرسٽ ايڊ جي مختلف طريقن بابت تفصيلي آگاهي فراهم ڪئي تربيتي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن کي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بنيادي فرسٽ ايڊ، فائر سيفٽي ۽ ريسڪيو جي طريقيڪار بابت عملي تربيت ۽ رهنمائي فراهم ڪئي وئي ان موقعي تي روٽري انٽرنيشنل پاران سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ ڪرنل ايس سردار علي شاهه کي اجرڪ ۽ يادگار ثقافتي سوکڙيون پڻ پيش ڪيون ويون هن پروگرام ۾ فيڪلٽي آف ڪامرس اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو بيورو آف اسٽيڪس جي ڊائريڪٽر اجويد احمد ڀٽي انسٽيٽيوٽ آف ڪامرس اينڊ مئنيجمينٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر حاڪم علي مهيسر انسٽيٽيوٽ آف بزنس ائڊمنسٽريشن جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عائشه بشير شاهه سوشالاجي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر احمد علي بروهي، ڊاڪٽر وشنو پرمان ڊاڪٽر سيما ميمڻ روٽري ميمبرن ايس رفيق سريش ڪمار يسرا شاڪي سرفراز پنهور نظام سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڪڙيو گهنور ۾ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جي مان ۾ آجياڻو

بدين ضلعي جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون جاري رکيون وينديون: اسماعيل راهو

17 سال اڳ واري ضلعي بدين ۽ موجوده ضلعي بدين ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، صورتحال ۾ نمايان تبديلي آئي آهي

موهن جي دڙي جي تاريخ ۾ به سنڌ جو ذڪر ملي ٿو ۽ سنڌ جي ماڻهن هن ڌرتي کي ماءُ جو درجو ڏنو آهي: ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيو گهنور ۾ ڪريبڊز ايسوسيئيشن پاران سنڌ جي صوبائي وزير براءِ يونيورسٽيز ۽ بورڊ محمد اسماعيل راهو ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خصوصي براءِ اقليتي معاملا ۽ چيئرمين سنڌ ايويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جي مان ۾ شاندار استقبالي تقريب ۽ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ واپاري برادري، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ علائقي جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير براءِ يونيورسٽيز ۽ بورڊ محمد اسماعيل راهو چيو ته ڪڙيو گهنور ۽ ضلعي بدين جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون جاري رکيون وينديون هن چيو ته 17 سال اڳ واري ضلعي بدين ۽ موجوده ضلعي بدين ۾ زمين آسمان جو فرق آهي جڏهن ته تعلقي شهيد فاضل راهو جي صورتحال ۾ پڻ نمايان تبديلي آئي آهي هاڻي علائقي جي عوام کي بهتر روڊ رستا، اسپتالون ۽ اسڪول فراهم ڪيا ويا آهن هن چيو ته عوام جون تڪليفون اسان جون تڪليفون آهن ڪين ڪنهن به مشڪل گهڙي ۾ اڪيلو نه ڇڏيو ويندو صوبائي وزير چيو ته ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جڏهن کان اقليتي معاملن جو معاون خصوصي مقرر ٿيو آهي تڏهن کان هن اقليتي برادري جي مسئلن جي حل لاءِ بهترين ڪوششون ورتيون آهن تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خصوصي براءِ اقليتي معاملا ۽ چيئرمين سنڌ ايويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ هڪ هئي هڪ آهي ۽ هڪ رهندي هن چيو ته موهن جي دڙي جي تاريخ ۾ به سنڌ جو ذڪر ملي ٿو ۽ سنڌ جي ماڻهن هن ڌرتي کي ماءُ جو درجو ڏنو آهي، تنهنڪري هن ڌرتي جي ورهاڱي کي هرگز قبول نه ڪيو ويندو هن چيو ته "مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون" سنڌ جي ڌرتي سان محبت ۽ وابستگي جو اظهار آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته هي سنڌ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو ۽ شهيد فاضل راهو جي سنڌ آهي جڏهن ته شاهه سچل ۽ سامي جي فڪر ۽ صوفياڻي روايتن سان مالا مال آهي هن چيو ته سنڌ پاڪستان جو معاشي حب آهي ۽ سنڌ جي ترقي سان ملڪ جي ترقي جڙيل آهي هن ٻڌايو ته بدين ضلعي ۾ هندو برادري لاءِ مجموعي طور 22 اسڪيمون رکيل آهن جڏهن ته ڪڙيو گهنور ۾ ڪن اسڪيمن تي ايندڙ مهيني کان ڪم شروع ڪيو ويندو هن ڪڙيو گهنور جي تاريخي درگاهه سائين محمود فقير تي اقليتي فنڊ مان ڪميونٽي هال تعمير ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ جي تاريخ ۾ مسلمان صوفي هجن يا هندو صوفي انهن جي فڪر ۽ صوفياڻي روايتن ۾ مذهبي فرق نظر نٿو اچي هن چيو ته ساڳي رواداري ۽ ڀائيچاري جي روايت پاڪستان پيپلزپارٽي ۾ پڻ موجود آهي، جتي ڪنهن به قسم جو مذهبي فرق نه رکيو ويندو آهي هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته ڏياري جي موقعي تي سنڌ ۾ هندو برادري جي ضرورتمند خاندانن جي مالي سهائتا ڪئي ويندي جنهن ۾ ڪڙيو گهنور جا ضرورتمند شهري پڻ شامل هوندا تقريب ۾ محمد اسلم راهو ڪيلاش ڪمار گهنشام داس لالو مالهي، نريش ڪمار دليپ ڪمار سميت واپاري تنظيمن جي نمائندن سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مٽياري ۾ مشاعرو نالي وارن شاعرن ۽ اديبن جي شرڪت

مٽياري(ڊ ر) مٽياري ۾ مشاعرو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پوري سنڌ جي مختلف ضلعن مان نالي وارن شاعرن اديبن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، سجاده نشين هائوس مرڪزي درگاهه پير سرهندي مٽياري شريف تي ثقيفه حضرت شهيد رحمة الله عليه ۾ ڪاروان ادب سنڌ ڪاس طرفان پندرهن روزه گڏجاڻي ٿي گذري تقريب ۾ تلاوت قرآن مجيد جامعه مجدديه جي طالب علم عبدالله جوڻيجو رحيمي ڪئي جڏهن ته نعت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي سعادت معروف ثناءِ خوان سجاد اڪبر ۽ حماد اڪبر قادري جن کي حاصل ٿي، مشاعري جي صدارت معروف اديب دانشور پروفيسر سائين سيد زوار نقوي زيد مجده (سجاده نشين جهانيان سادات سنڌ) ڪئي جڏهن ته مهمان خاص طور بزم روح رهاڻ جي صدر سهڻي شاعر جناب واحد ڪانڌڙو شرڪت ڪئي چيئرمين ڪاس سائين پير غلام مجدد سرهندي ۽ سيڪريٽري ڪاس سائين پير بها سرهندي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ مهمانن کي هار پهرايا ٻين شاعرن ۾ ميان مختيار احمد نظاماڻي ۽ مسڪين سمون پير آفتاب شاهه قريشي قاضي مقصود احمد، فقير سائين علي اڪبر قادري، خميسو خان خانوڙي، حاجي سونهارو ڏگهڙ حاجي غلام حيدر خاصخيلي فواد اڪبر قادري اياز سنڌي، اعجاز ٻرڙو، معروف سگهڙ نذير گلاڻي، طالب پنهور، فقير نياز حسين حضرت مخدوم امين فهيم رحمته الله عليه جن جي ڪافي (تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پٽي ڳائيندس) پڙهي خوب داد وصول ڪيو فتح شاهه فراق، (نواب شاهه کان آيل) رفيق مسافر رند، غلام مصطفيٰ چنو صابرعلي اختيار علي اختيار به پنهنجي شاعري پڙهي، گڏجاڻي جي ڪمپيئرنگ شاخ جي سيڪريٽري نامياري شاعر منظور گلاڻي ڪئي صدر محفل پروفيسر زوار نقوي زيد شرفه جن جي علمي ادبي تحقيقي تصوف سان ڀريل گفتگو ڪئي

دولتپور پرسان ڳوٺ جوڻيجا موري جو معزز شخصيت حاجي لال محمد جوڻيجو وفات ڪري ويو

دولتپورصفن(ن ع) دولتپور پرسان ڳوٺ جوڻيجا موري جو معزز شخصيت ۽ قاضي احمد / ضلع ڪائونسل ميمبر رئيس حاجي لال محمد جوڻيجو سعودي عرب جي مقدس شهر مڪي پاڪ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي سندس وڏي پٽ رئيس مير محمد جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو والد حاجي لال محمد جوڻيجو عمره ادا ڪرڻ لاءِ 20 ڏينهن اڳ سعودي عرب ويل هو جتي اڄ سندس جي پنهنجي ملڪ واپسي هئي پر اوچتو دم ڏئي حوالي ڪري هو الله سائين کي پيارو ٿي ويو هوڏانهن سندس وفات جي خبر سان علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي آهي حاجي لال بخش جوڻيجو کي مڪ پاڪ ۾ ئي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو رئيس حاجي لال بخش جوڻيجو تمام ڪرو انسان هو جڏهن ته سندس تڏو ابائي ڳوٺ جوڻيا موري تي وڇايو ويو آهي الله پاڪ مرحوم جي مغفرت فرمائي سندس درجات بلند فرمائي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سمورن وارثن عزيزن ۽ لاڳاپيلن کي صبر جميل عطا فرمائي

شهدادڪوٽ ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل پاڪستان جا فلاحي ڪم جاري

پاڻي کان محروم علائقن تائين صاف شفاف ۽ مٺي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو

پاڻي جي فراهمي ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي، خدمت ائين جاري رهندي: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ڊ ر) قائد ملت جعفريه سيد ساجد علي نقوي جي خصوصي هدايت تي مرڪزي جنرل سيڪريٽري شيعا علماءِ ڪائونسل پاڪستان علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي زيراهتمام زهراءِ اڪيڊمي ڪراچي جي طرفان شيعا علماءِ ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي مختلف تعلقن قبو سعيد خان نصير آباد، شهدادڪوٽ، وارهه ميروخان سجاول جوڻيجو ۾ العطش يا حسين عليه السلام منصوبي پاڻي جي تحت پائيپ لائين جي ذريعي مٺي پاڻي کان محروم علائقن تائين صاف شفاف ۽ مٺي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي 123 مختلف هنڌن تي جتي زير زمين پاڻي مٺو نه هيو ان علائقن ۾ پاڻي جهڙي نعمت سان پيئڻ جي منصوبي تي ڪم جاري آهي الحمد الله زهراءِ اڪيڊمي پاڪستان ملڪ سڄي ۾ پاڻي جي منصوبي تي بي مثال فعاليت انجام ڏئي ٿي اتي پائيپ ڪينال جي ذريعي به هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پاڻي جي فراهمي ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ خدمت جو هي سلسلو جاري ۽ ساري آهي ياد رهي ته سخت موسم حالت جي باوجود رضاڪار پاڻي جي فراهمي جي منصوبن جي منصوبن ۾ مصروف عمل آهن

شهدادڪوٽ: شيعا علماء ڪائونسل پاڪستان جا فلاحي ڪم جاري

مٽياري پرسان باثر زميندار خلاف هارين جو احتجاج

گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڳوٺ ولي محمد آرائين ۾ آباد آهيون: خداڏنو

باثر زميندار پاران مبينا طور ڪين زمينون ڇڏڻ ۽ ڳوٺ مان لڏي وڃڻ لاءِ ڌمڪايو پيو وڃي

مٽياري(ڊ ر) مٽياري پرسان شاهپور ڊرپور ٿاڻي جي حد ويجهو ڳوٺ ولي محمد آرائين ۾ مبينا طور 80 سالن کان آباد غريب هارين کي باثر زميندار پاران گهر خالي ڪري علائقو ڇڏڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ خلاف هارين احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ هارين خداڏنو چنو ولد سائين بخش چنو انور چنو عرفان چنو ممتاز علي چنو ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته هو گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڳوٺ ولي محمد آرائين ۾ آباد آهن ۽ زمينن تي هاري ڪري پنهنجو گذر سفر ڪن ٿا، پر هاڻي باثر زميندار پاران مبينا طور ڪين زمينون ڇڏڻ ۽ ڳوٺ مان لڏي وڃڻ لاءِ ڌمڪايو پيو وڃي هنن الزام لڳايو ته ڪين چيو پيو وڃي ته گهر خالي ڪري هتان نڪري وڃو ٻي صورت ۾ پوليس ذريعي ڪيس داخل ڪرايا ويندا. هارين جو چوڻ هو ته اهڙين ڌمڪين سبب هو سخت پريشاني ۽ خوف ۾ مبتلا آهن احتجاج ڪندڙن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا ڌمڪين جو سلسلو بند ڪرائي سندن گهرن ۽ زمينن بابت قانون موجب انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٻيلا بچايو ڪميٽي پاران نواب محمد خان ٻيلي جو هنگامي دورو

زمين کي هيوي مشينري ذريعي هموار ڪرڻ تي سخت افسوس ۽ ڳڻتي جو اظهار

معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوار آفيسرن ۽ ملازمن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: اڳواڻ

مسوپرگڙي (ن ع) ٻيلا بچايو ڪميٽي پاران نواب محمد خان ٻيلي جو هنگامي دورو ڪري ٻيلي جي آخري چوڪڙي ۾ وڻن جي وڏي پيماني تي تباهي ۽ زمين کي هيوي مشينري ذريعي هموار ڪرڻ تي سخت افسوس ۽ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو. ڪميٽي موجب قيمتي ۽ لڳ ڀڳ پنجاهه سال پراڻا وڻ ڪٽي علائقو زرعي زمينن ۽ قبضي لاءِ تيار ڪيو ويو جنهن سان پکين ۽ جهنگلي جيوت جا قدرتي آستانا پڻ ختم ٿي ويا آهن ڪميٽي مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوار آفيسرن ۽ ملازمن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ تباهه ٿيل چوڪڙي ۾ ٻيهر وڻڪاري ڪرائي وڃي ڪميٽي پيس نه ڏالهي ڪٽڻ ڪندي ۽ ٻين مقامي ۽ ماحول دوست وڻن جي پوک کي هٿي ڏيڻ تي پڻ زور ڏنو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته وڻن جي تحفظ لاءِ عوامي آگاهي مهم شاخن ۽ ڳوٺن ۾ وڻن جي مالڪي، پوليس گشت لاءِ درخواستون ۽ وڏي پيماني تي پلانٽيشن ڪئي ويندي نواب محمد خان ٻيلي کي ٻهرين مرحلي ۾ ڪيس اسٽڊي ۽ ماڊل طور وٺي حيدرآباد جي ٻين ٻيلن جي به مالڪي ۽ تحفظ جو سلسلو جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ ڪامريڊ نثار لغاري، رحمت سولنگي علي اڪبر سولنگي اعزاز لغاري، ڪامريڊ گلزار لغاري، پير نوتاري، ڪامريڊ بشير دل رياض راجا لغاري، آڪاش لغاري ۽ ٻين ماحول دوستن شرڪت ڪئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اڱارو 22 سيپٽمبر 2026ع

سياست ماڻهن کي ورهائڻ بدران انهن جا مسئلا حل ڪرڻ جو ذريعو هجڻ گهرجي

سياست ڪنهن به معاشري جي اجتماعي زندگيءَ جو اهم حصو آهي. سياست جو بنيادي مقصد ماڻهن جي مسئلن کي سمجهڻ، انهن جي حقن جي نمائندگي ڪرڻ، بهتر حڪمراني قائم ڪرڻ ۽ معاشري کي ترقيءَ جي رستي تي اڳتي وٺي وڃڻ هئڻ گهرجي. پر جڏهن سياست کي ذاتي، گروهي يا جماعتن جي مفادن کان اڳتي وڌائي نفرت، دشمني ۽ ورهاڱي جو ذريعو بڻايو وڃي ٿو ته ان جا اثر رڳو سياسي ميدان تائين محدود نٿا رهن پر سماج جي هر شعبي کي متاثر ڪن ٿا. تنهنڪري سياست ڪندڙن سان گڏ عام شهرين لاءِ به اهو سمجهڻ ضروري آهي ته سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر نفرت ڪنهن به صورت ۾ معاشري جي مفاد ۾ ناهي. جمهوري معاشري ۾ اختلاف راءِ هڪ قطري ۽ ضروري عمل آهي. مختلف سياسي جماعتن جا پنهنجا منشور، پروگرام ۽ پاليسيون ٿي سگهن ٿيون. انهن پاليسين تي تنقيد به ٿي سگهي ٿي ۽ انهن جي مخالفت به جمهوري حق آهي، پر اختلاف کي ذاتي دشمني ۾ تبديل ڪرڻ، مخالف کي دشمن سمجهڻ، سندس عزت ۽ ساک کي نقصان پهچائڻ يا ماڻهن کي هڪ ٻئي خلاف ڀڙڪائڻ سياست جي صحتمند روايتن کي ڪمزور ڪري ٿو. سياست جو حُسن ان ڳالهه ۾ آهي ته اختلاف هوندي به ڳالهه ٻولهه جا دروازا کليل رهن. اڄ جي دور ۾ سياسي بحث رڳو جلسن، پارليامينٽ ۽ اخبارن تائين محدود ناهي رهيو. سماجي رابطن جون ويب سائيٽون سياسي اظهار جو وڏو ذريعو بڻجي چڪيون آهن. هڪ طرف انهن ذريعي عام ماڻهو پنهنجي راءِ آسانيءَ سان پيش ڪري سگهي ٿو ته ٻئي طرف غير ذميواراڻي ٻولي، الزام تراشي ۽ نفرت انگيز مواد به تيزيءَ سان پکڙجي سگهي ٿو. سياسي اڳواڻن ۽ انهن جي ڪارڪنن تي ان حوالي سان وڌيڪ ذميواري عائد ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته سندن لفظ هزارين ماڻهن جي راءِ ۽ روين تي اثرانداز ٿين ٿا. جيڪڏهن سياسي قيادت پاڻ سخت ۽ نفرت ڀري زبان استعمال ڪندي ته ان جو اثر هيٺين سطح تائين ضرور پهچندو.

اسان جي سماج کي اڳ ئي گهڻن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئي ٿو. معاشي پريشاني، بيروزگاري، مهانگائي، تعليم ۽ صحت جا مسئلا، امن امان ۽ روزگار جا سوال اهڙا معاملا آهن، جن تي سنجيده سياسي بحث جي ضرورت آهي. جيڪڏهن سياسي توانائي انهن مسئلن جي حل بدران هڪ ٻئي کي گهٽ ڏيکارڻ، الزام هڻڻ ۽ نفرت پيدا ڪرڻ تي خرچ ٿيندي ته عوام جا حقيقي مسئلا پوئتي رهجي ويندا. سياست جو اصل امتحان اهو آهي ته سياسي جماعتون عوام جي زندگيءَ ۾ ڪهڙي عملي بهتري آڻڻ لاءِ پنهنجا پروگرام پيش ڪن ٿيون. نفرت جي سياست جو سڀ کان وڏو نقصان اهو آهي ته اها سماج ۾ برداشت جي قوت کي گهٽائي ٿي. اهڙي ماحول ۾ مخالف راءِ ٻڌڻ جي صلاحيت گهٽجي وڃي ٿي ۽ معاشرو مختلف گروهن ۾ ورهائجي سگهي ٿو. اسان کي اهڙي سياسي ثقافت جي ضرورت آهي، جنهن ۾ اختلاف کي دشمني نه سمجهيو وڃي. چونڊن ۾ مقابلو هجي پر سماج ۾ نفرت نه هجي؛ پارليامينٽ ۾ سخت بحث هجي پر ذاتي دشمني نه هجي؛ حڪومت تي تنقيد هجي پر ملڪ ۽ معاشري جي گڏيل مفادن کي نظرانداز نه ڪيو وڃي. سياسي اختلاف ختم ڪرڻ ممڪن به ناهي ۽ ضروري به ناهي پر اختلاف کي مهذب، دليل ۽ برداشت جي دائري ۾ رکڻ ضرور ممڪن آهي. آخرڪار، سياست ماڻهن کي ورهائڻ بدران انهن جا مسئلا حل ڪرڻ جو ذريعو هجڻ گهرجي. اقتدار ايندو ويندو رهندو، سياسي جماعتون بدلجنديون رهنديون، پر سماج ۽ ان جا ماڻهو مستقل رهن ٿا. تنهنڪري سياسي مفادن لاءِ پيدا ڪيل نفرت جيڪڏهن سماج جي رشتن کي ڪمزور ڪري ڇڏي ته ان جو نقصان سڀني کي برداشت ڪرڻو پوندو. سياست کي اختلافن جي اظهار، مسئلن جي حل ۽ بهتر مستقبل جي تعمير لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي، نفرتن جي واڌاري لاءِ نه. هڪ مهذب جمهوري معاشرو اهو ئي آهي، جتي سياسي اختلاف موجود هجن پر انسان هڪ ٻئي جا دشمن نه بڻجن.

سنڌ جو صنعتي خواب ۽ ايس اي زيڊ ايم ڪمپني جي سيڙپڪاري!

رحمت الله ٻرڙو

سنڌ ۾ صنعتي ترقيءَ جو سوال نئون ناهي پر هر نئين صنعتي منصوبي سان اهو سوال ٻيهر سامهون اچي ٿو ته حڪومت جي سيڙپڪاري، زمين، انفراسٽرڪچر ۽ مالياتي سهڪار جو آخري فائدو ڪيترو مقامي صنعت، روزگار ۽ برآمدن ۾ تبديل ٿيو آهي؟ سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني، سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني (انهيءَ سوال جي مرڪز ۾ بيٺل ادارن مان هڪ آهي. سنڌ حڪومت ڪمپنيز ايڪٽ 2017 تحت سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني قائم ڪئي ته جيئن صوبي جي صنعتي بنياد کي مضبوط ڪيو وڃي، توان اقتصادي ۽ صنعتي زون قائم ڪيا وڃن ۽ مقامي توڙي پرڏيهي سيڙپڪارن لاءِ ڪاروباري ماحول آسان بڻايو وڃي ڪمپنيءَ جو سرڪاري مقصد manufacturing sector ۾ سيڙپڪاريءَ کي سهولت ڏيڻ انفراسٽرڪچر بهتر ڪرڻ ۽ صنعتي ترقيءَ کي منصوبابنديءَ سان اڳتي وڌائڻ آهي اصل امتحان، بهرحال زمين الاٽ ڪرڻ يا منصوبو شروع ڪرڻ ڪانپوءِ شروع ٿئي ٿو ته ڪارخانا ڪيترا لڳا؟ پيداوار ڪيتري ٿي؟ سيڙپڪاري ڪيتري آئي؟ ۽ مقامي ماڻهن لاءِ مستقل روزگار جا ڪيترا موقعا پيدا ٿيا؟ سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپنيءَ جي نمايان منصوبن ۾ ڌاٻيجي اسپيشل اڪنامڪ زون، خيرپور اسپيشل اڪنامڪ زون ۽ ماربل سٽي ڪراچي شامل آهن وفاقي انويسٽمينٽ بورڊ جي هڪ رپورٽ ۾ سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپنيءَ جي ان وقت جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ٻڌايو هو ته ڌاٻيجي ڪي سي پيڪ سان ڳنڍيل صنعتي منصوبو سمجهيو وڃي ٿو جنهن مان تقريباً 1 هزار 7 سئو 50 ارب رپين جي امڪاني سيڙپڪاري ۽ هڪ لک کان وڌيڪ سڌيون ۽ اڻ سڌيون نوڪريون پيدا ٿيڻ جو اندازو لڳايو ويو هو. اهي منصوبا بنديءَ جا انگ اکر آهن خيرپور جو ماڊل وري سنڌ جي زرعي معيشت سان ڳنڍيل آهي 140 ايڪڙن تي قائم اهو زون خاص طور کجين ۽ ٻين زرعي شين جي processing، food processing ،packaging ۽ light engineering لاڳاپيل صنعتن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني ان کي زرعي پيداوار کي value-added صنعت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم صنعتي مرڪز قرار ڏئي ٿي ڪراچيءَ جي ماربل سٽي جو مقصد ماربل ۽ گرينائيٽ کي صرف خام مال طور وڪڻڻ بدران ويليو-ايڊيڊ شين ۾ تبديل ڪرڻ ۽ برآمدي صنعت کي وڌائڻ آهي سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني موجب ان منصوبي سان سٺو ۽ اُسٿو روزگار، برآمدات ۽ مقامي توڙي عالمي سيڙپڪاري وڌائڻ جو مقصد رکيو ويو آهي صنعتي زونن جي ترقيءَ ۾ وڏي رقم شامل آهي پر هتي هڪ اهم فرق رکڻ ضروري آهي ته هر رقم سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني جي پنهنجي انتظامي خرچ يا ملازمن جي پگهارن لاءِ ناهي بلڪ ڪيترائي فنڊ مخصوص منصوبن لاءِ آهن خيرپور جي انتظام ۽ آپريشن لاءِ سنڌ حڪومت پاران 519.707 ملين رپيا سنڌ بئنڪ ۾ منتقل ڪيا ويا هئا ته جيئن ڪمپني موڊ تحت ڏهن سالن تائين زون هلائي سگهي ساڳئي آڊٽ ۾ 22 پلاٽن، مجموعي طور 23.7 ايڪڙ جي اِجا تائين الاٽ نه ٿيڻ ۽ انهن جي ماليت 57.014 ملين رپين جي نشاندهي ڪئي وئي ان ڪان به اهم معاملو خيرپور جي اينفليئنٽ ٽريٽمينٽ پلانٽ جو آهي آڊيٽر جنرل موجب ڊسمبر 2021ع ۾ سنڌ حڪومت طرفان 58.524 ملين رپيا فراهم ڪيا ويا پر رقم استعمال نه ٿيڻ بابت آڊٽ اعتراض سامهون آيو بعد ۾ DAC انتظاميا کي رقم بابت ضروري ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي اهي انگ اکر ڪنهن هڪ اداري تي الزام ناهن پر اهي هڪ اهم انتظامي سوال ضرور پيدا ڪن ٿا ته جڏهن صنعتي سهولتن لاءِ رقم موجود هجي ته ان جي استعمال، نتيجن ۽ واپسيءَ بابت نظام ڪيترو موثر آهي؟

اها ڳالهه به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته آڊيٽر جنرل آف پڪستان جي هڪ آڊٽ رپورٽ ۾ سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني بابت 8.858 ارب رپين جا آڊٽ مشاهدا درج ٿيا هئا. جن مان 8.797 ارب رپيا procurement-related observations سان لاڳاپيل هئا. رپورٽ ۾ ڌاٻيجي منصوبي جي تقريباً 8.791 ارب رپين جي هڪ ڪانٽريڪٽ ايوارڊ بابت به اعتراض رڪارڊ ڪيو ويو آڊٽ جو موقف هو ته مقرر ڪيل بڊنگ مطابق وڌيڪ revenue-share offer ڪندڙ bidder کي ترجيح ملڻ گهرجي ها، جڏهن ته contract ٻئي bidder کي ڏنو ويو آڊٽ کي پاڻمرادو ڪرپشن يا نقصان جو حتمي فيصلو سمجهڻ درست نه ٿيندو ان جو مطلب اهو آهي ته سرڪاري آڊٽ وارو طريقو ڪنهن معاملي ۾ وضاحت، رڪارڊ يا ضابطن جي پابندي بابت سوال اٿاريو آهي انهن اعتراضن جو جواب departmental scrutiny ۽ بعد واري settlement ئي حتمي تصوير واضح ڪري سگهن ٿا.

سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپنيءَ جي صنعتي منصوبن سان گڏ سنڌ جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروگرام ۾ عالمي مالياتي ادارن جي شموليت به موجود آهي ايشيائي ترقياتي بينڪ جي Supporting Public-Private Partnership Investments in Sindh Province پروگرام جي مجموعي project cost 165 ملين ڊالر آهي جنهن ۾ 100 ملين ڊالر ADB financing ۽ 65 ملين ڊالر counterpart financing شامل آهن ان پروگرام هيٺ Marble City Karachi لاءِ 16 سيپٽمبر 2025ع تي تقريباً 37.17 ملين ڊالر جو contract درج ٿيل آهي جنهن مان 15.70 ملين ڊالر ADB-financed آهن باقي رقم ٻين ذريعن سان لاڳاپيل آهي اها رقم سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپنيءَ جي عام انتظامي بجيٽ نه پر پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ investment جي مخصوص مالي ڍانچي جو حصو آهي ٻئي طرف ڌاٻيجيءَ لاءِ هڪ لک کان وڌيڪ نوڪرين جو اندازو صنعتي سيڙپڪاريءَ مان پيدا ٿيڻ واري امڪاني روزگار سان لاڳاپيل آهي ان ڪري انهن ٻنهي انگن کي گڏ ڪرڻ سان عوام ۾ غلط تاثر پيدا ٿي سگهي ٿو سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپنيءَ هر سال پنهنجي ڪارڪردگيءَ جا واضح انگ اکر جاري ڪري ته ڪيترا پلاٽ الاٽ ٿيا، ڪيترا ڪارخانا پيداوار ۾ آيا، ڪيترن ادارن ۾ نجي سيڙپڪاري داخل ٿي، ڪيترين نوڪرين حقيقت ۾ پيدا ٿيون، ڪيتري برآمدات ٿي ۽ سرڪاري سرمائيءَ جي هر رپئي مان ڪيترو معاشي فائدو حاصل ٿيو؟ سوال اهو آهي ته زونن کي معاشي نتيجن ۾ ڪيئن تبديل ڪيو وڃي؟ جيڪڏهن سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني زمين، انفراسٽرڪچر ۽ عالمي مالياتي سهڪار کي حقيقي پيداوار، روزگار ۽ برآمدن ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ته اهو سنڌ جي معاشي ڍانچي ۾ اهم تبديلي آڻي سگهي ٿو پر ان ڪاميابيءَ جو فيصلو اعلانن سان نه پر تصديق ٿيل نتيجن ۽ احتساب سان ممڪن ٿيندو.

سستو تيل وٺو: آج کي تازا خبر!

مير اعظم علي ٽالپر

ڪالهه جڏهن سومر ڏينهن هي تحرير لکڻ کان اڳ ۾ اڄوڪي عبرت اخبار پڙهڻ شرط پهرين صفحي تي ٽن ڪالمن واري خبر تي نظر پئي، جنهن ۾ اسلام آباد جي حوالي سان لکيل هو ته 'وفاقي حڪومت پيٽرول في ليٽر هڪ هزار رپين تائين پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو' وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ جو بيان. اِهو بيان نمان خبر اڄوڪين سڀني اخبارن ۾ ڇپيل آهي انهيءَ مغز جا چارئي طبقا روشن ڪندڙ خبر پڙهڻ کان پوءِ راقم کي هڪ هڪدم 2001ع ۾ پاڻيءَ تي گاڏي هلائڻ وارو آغا وقار احمد ياد اچي ويو ته ڪاش! هن وقت اهو هجي ها ته هن مهانگي پيٽرول ۽ سستي پيٽرول جي رليف پيڪيج ۾ ڦاسڻ بدران هرڪو آغا وقار احمد کان پاڻيءَ تي ڪار هلائڻ جو نسخو وٺي ها. بهرحال سنڌ ۾ هڪ سدا بهار چوڻي آهي، يعني تيل جي حوالي سان ته 'امڙان ۽ تيل'، يعني مائي امڙان وارو تيل جيئن جهان خان وارو فيصلو مشهور چيو ويندو آهي. هن وقت واقعي به پوري دنيا آمريڪا-ايران جنگ سبب تيل ۽ گيس جي بحران مان گذري رهي آهي ان ڪري هر هڪ ملڪ تيل جي مار جو شڪار آهي. وزيراعظم پاڪستان شهباز شرف سستي تيل (پيٽرول) وٺڻ لاءِ سبسڊي جي رليف اسڪيم شروع ڪئي آهي. ڄاڻايل اسڪيم ۾ ٻن ۽ ٽن ڦيٿن جي گاڏين لاءِ آهي، ٻه ڦيٿا معنيٰ ڦٽڦٽي (موٽرسائيڪل) اسڪوٽر ۽ ٽن ڦيٿن وارين گاڏين حيدرآباد ۾ بدين اسٽاف کان اکين جي اسپتال هلندڙ رُوڻ رُوڻ ڪندڙ فورسيٽر ۽ ڀهراڙي ۾ انهن کي چنگچي چيو ويندو آهي. انهن لاءِ سستي تيل جي رعايت آهي. ان شاندار اسڪيم لاءِ رعايت به حساب ڪتاب سان ملندي. هن حڪومتي بندوبست کي حڪمران تاريخي فيصلو چئي رهيا آهن. بظاهر اعلان ڀلو آهي پر اُن تي عمل ڪرڻ ائين آهي، جيئن مکڻ مان وار ڪڍجي يا مکڻ جي شيخ پڇائجي، ڇو ته هي هڪ مُتڏل سٽ ۽ پٽ جيان موصل جي طلسماتي محل جا مرحلا طئي ڪرڻ بعد رعايت جي منزل تي پهچبو. سو جڻ هماليه جبل جي چوٽيءَ تي چڙهڻو آهي. سستو پيٽرول 100 روپيا رعايت لاءِ هوڪا ڏيڻ ۽ اخبارن ۾ ڪروڙن جا اشتهار شد مد سان ڏئي سمجهائڻ کان بهتر هو ته سڀني ننڍين گاڏين لاءِ بنا ٽوڪن پيٽرول رعايت تي ڏنو وڃي ها. هاڻ اها رعايت حاصل ڪرڻ لاءِ نانگ ۽ ڏاڪڻ واري راند کيڏائي پوندي ۽ پوءِ جيڪو نانگ کان بچي مٿي چڙهيو، اُن کي ئي سستو تيل ملندو. اسڪيم مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ موبائيل ايپ جو محتاج ڪيو ويو آهي حالانڪ اُن شرط ڪانسواءِ 'اعلان سستو' اعلان جي حد تائين دل کي وڻندڙ آهي پر منجهائيندڙ به آهي. ڇو ته سستي تيل وٺڻ لاءِ ڪيترائي سوال آهن ۽ بنيادي سوال مٿي ۾ سور وجهڻ برابر آهي جيتوڻيڪ حڪومت روزانو انهن سوالن جا جواب ڏئي رهي آهي تيل سستو وٺڻ لاءِ نادرا ٽيليڪام آپريٽر ۽ صوبائي ٽرانسپورٽ کاتي پاران تيل حاصل ڪندڙ گاڏين ۽ اُن گاڏيءَ جي مالڪ جي سڃاڻپ ۽ تصديق ٿيڻ لازمي آهي. اُن بعد سستو تيل وٺڻ جو رستو هموار ٿيندو. جڏهن ته ڀهراڙي وارا عام ماڻهو رڪشا، لوڊر، اسڪوٽر تي پاڇيون ڪپائڻ وارا ڪهڙو سمارٽ فون استعمال ڪندا. جيتوڻيڪ موبائيل هر ڪنهن وٽ آهي ۽ سرڪار ميسيج مفت ڪرڻ جو اعلان فرمايو آهي. پوءِ به سستو پيٽرول وٺڻ ائين آهي، جيئن 'نو من پهرين تيل اچي ۽ پوءِ رادا نچي' سو اهو سستو تيل به ڪن چنڊ واري سُون جهڙو ٿي آهي، اُن ڪري اُن جهنجهٽ ۾ پوڻ بدران هر ڪو مهانگائي جي مار برداش ڪندو ۽ تيل پراڻي رُمندو رهندو، جو ته اردو پهاڪي 'ڪون جيتا هي تيري زُلف کي سحر هوني تڪ. هم خاڪ هو جائينگي صبح هوني تڪ' جيستائين ٽوڪن ملي ۽ تيل وٺجي اُن کان ته ڀلو آهي 'ٽڪو ڏنو ٻرو چنو' وانگر ڏنو پٽ جتي جو ڀلو آهي. هن نظام تحت شناختي ڪارڊ جي تصديق کان وٺي ڪيترائي امتحان پاس ڪرڻ بعد تيل ملندو. اهڙي مصيبت کان بچڻ ڀلو آهي. هن سسٽم اچڻ ڪانپوءِ وچ ۾ دلال به ميدان ۾ اچي ويندا ۽ انهن دلالن جي معرفت تيل ملڻ شروع ٿيندو. معلوماتي مهم ڀلي هجي پر سڀ ڪاغذي ڪارروائي آهي. اُن ڪري تاريخ شاهد آهي ته سرڪاري اسڪيمون ائين فيل ٿينديون آهن. بهتر هو ته سنئون سڌو قيمت گهٽ ڪئي وڃي ها، جيئن بنا پيد پاءِ ۽ فرق جي هر ڪو سستو تيل وٺي ها. پر هن وقت روزانو تيل جي قيمت ۾ 'ردوبدل' جي نالي ۾ 'رد' گهٽ 'بدل' وڌيڪ جو ڦيٿو ڦري رهيو آهي ۽ هاڻ ته اِهو به خوف ٿيڻ لڳو آهي ته تيل جي اگهن ۾ روزانو جي بنياد تي ڦير ڦار بدران ڪلاڪن ۾ نه ڪئي وڃي ۽ اُن لاءِ اهو فارمولو طئي ڪيو وڃي ته صبح 6 وڳي کان شام 6 وڳي تائين هڪڙو اگهه هوندو ته شام ڇهين وڳي کان صبح ڇهين تائين ٻيو اگهه هوندو. بهرحال تيل دنيا ۾ پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ پاڪستان ۾ روز سج لٿي کانپوءِ اگهن ۾ تبديلي سبب عوام قلم پرديسي جو گانو محمد ابراهيم ۽ نذير بيگم وارو ڳائي رهيا آهن ته 'اي سج نه لاهه خدارا تنهنجي روشني ٿي گهرجي' مطلب ته سج لهڻو ته تيل جو اگهه چڙهندو. سستو تيل جيڪو به وٺندو اُن کي جڻ مکڻ مان وار ڪڍڻو پوندو. ڇو ته مرحلو به ڪجهه اهڙو آهي. رجسٽريشن جو فارميٽ مڪمل ٿيڻ بعد 100 روپيا سستو تيل ملندو. اها رعايت ضرور آهي پر ڏکي ۽ مشڪل آهي، ڇو ته تيل جو سائل جڏهن ايس ايم ايس ڪندو ۽ اُن جو جواب ايندو. اُن درميان ته دير ٿي ويندي ۽ اِهو پيغام جيستائين تصديق ٿئي، قبول ٽوڪن ملڻ ۽ ڏيکارڻ بعد رعايتي پيٽرول گاڏي ۾ ڀريو ويندو. اِها آهي سستي تيل جي سهولت واري جدول، جنهن سان عوام تي حڪومت ٿورو ڪيو آهي. هن تحت سبسڊي جي مهرباني حڪومت ضرور فرمائي آهي پر اِها خاص ۽ مخصوص گاڏين تائين محدود آهي. جيڪا هن بي لغام مهانگائي واري ڊوڙندڙ گهوڙي اڳيان ڪجهه نه آهي. هي هڪ نمائشي رعايت به ثابت ٿي سگهي ٿي، حالانڪ حڪومت جو رعايت وارو فيصلو ڀلي نيڪ نيتي وارو هجي. البته فائدو ملڻ ڏکيو عمل آهي هن نظام ۾ لڳي به ٿي سگهي ٿي. اڄڪلهه تيل وٺڻ وارو به پريشان آهي ته تيل وڪڻڻ وارو به پريشان آهي. مطلب ته هر طرفن پريشاني ئي پريشاني آهي. اُن ڪري خود آمريڪا ۽ سعودي عرب به پريشان آهن. البت سڀني جي نوعيت مختلف ضرور آهي. اُن ڪري سڀئي ڪنگال پٽي جي دور مان گذري رهيا آهن.

هوڏانهن پمپ هلائڻ وارن ڊيلرن ۽ مالڪن هن طريقيڪار تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. ڇو ته هي هڪ پيچيده عمل آهي ۽ هن مصنوعي ذهانت واري زماني ۾ هلڻ ۾ دوکي بازي به ٿي سگهي ٿي. اُن ڪانسواءِ پمپن تي وڏيون قطارون به لڳي وينديون ۽ انتظار ڪير برداشت ڪندو ۽ ڏکهي قطار ۾ ڪير بيهندو. جيستائين جانچ پڙتال ٿئي ۽ تيل گراهڪ کي ملي. جڏهن ته ڪاروبار اڳ ئي متاثر آهي. هن سان وڌيڪ مونجهارا ٿيندا. حڪومت خلقِ خدا کي رعايت صرف اسڪوٽر ۽ ڦيٿا ۽ ٽي ڦيٿا فورسيٽر ۽ چنگچي لاءِ ڏني آهي، جن ۾ پيٽرول استعمال ٿئي ٿو پر ملڪ جو ڦيٿو خود معيشت ۽ زراعت تي ڦري ٿو اُن لاءِ خبر ناهي اقتدار جي ايوان ۾ ويٺلن جا سوچيو آهي. ڇو ته عنقريب ملڪ ۾ جيٺ جو فصل پوکڻ لاءِ هارين ۽ زميندارن ۾ هلچل شروع ٿي ويندي، ڪٽي وارو فصل خاص ڪري ووٽڻ (ڦٽي) جلدي ختم ٿي ويندا ۽ هاري ناري ڪڻڪ لاءِ ٻنيون ناهيندا ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ آڪٽوبر جو مهينو اچڻ وارو آهي ۽ 15 آڪٽوبر دنيا ۾ ڪاڌ خوراڪ جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي ۽ سنڌ ۾ اڳاٽي ڪڻڪ ۽ برسيم (گاهه) پوکڻ لاءِ ريج ڪيو ويندو آهي. ڪڻڪ لاءِ پاڻي جون موٽرون هلائڻ لاءِ ڊيزل گهرجي. ٻني ناهڻ لاءِ ٽريڪٽر هر ڏيندا آهن انهن لاءِ ڊيزل جي ضرورت پوندي، جڏهن ته ڊيزل جو اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ ڪڻڪ جي پوکائي ڪيتري آسان ٿيندي، حڪومت کي سوچڻ گهرجي. رڳو پيٽرول تي رعايتي پئڪيج، ڪجهه ته ڊيزل به سستو ڪيو وڃي ۽ عام طرح سان اُن ۾ ڪو به وٽ سٽ نه هجي. راقم پرائمري کان پڙهيو آهي ته 'اسان جو ملڪ هڪ ايگريڪلچر ملڪ آهي' هاڻ ڊيزل سستو ڪرڻ لاءِ حڪومت ڪيترو 'ايگري' آهي يا رڳو 'ڪلچر' تي زور ڏيندي رهندي، هن وقت اٽو مهانگو آهي. اُن ڪري بظاهر لڳي ٿو ڪڻڪ جي کوٽ آهي ۽ هاڻ مٿان نئين ڪڻڪ پوکڻ جي سيزن اچڻ واري آهي ۽ اُن جي تياري لاءِ ڊيزل جي اگهن تي نظرثاني هئڻ گهرجي ۽ ڊيزل تي سبسڊي جو اعلان ڪيو وڃي. اُن ڪانسواءِ وڏو ۽ گهڻو سامان ڪڻڻ لاءِ ٽرڪون ڊيزل استعمال ڪن ٿيون ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ هر هڪ سامان ملڪ اندر پهچائين ٿيون. خاص ڪري تعميراتي سامان ڪرش ريتي (بجري) پٿر سيمينٽ وغيره اڄڪلهه تعميرات به متاثر ٿي رهي آهي. ڇو ته روز روز ڀاڙو مهانگو ٿي رهيو آهي، هڪ ٽرڪ مالڪ ۽ ڊرائيور نياز خان بولهاڙي ۽ نوري آباد کان پٿر ريتي آڻي ٿو پريشان آهي ته هڪ دکي وارو ريتي ڪرش ڪپائڻ وارو عادل ٽالپر به روز نون اگهن سبب پريشان آهي. اڄ ڳالهه شروع ٿي هئي تيل هزار روپيا ٿيڻ کان ۽ پاڻي سان گاڏي هلائڻ واري ڳالهه کان. سو 'ياد ڪرتا هي زمانه انهين انسانو ڪو جو روڪ ديتي هين طوفانو ڪو'

> **حڪومت خلقِ خدا کي رعايت صرف اسڪوٽر ۽ ڦيٿا ۽ ٽي ڦيٿا فورسيٽر ۽ چنگچي لاءِ ڏني آهي، جن ۾ پيٽرول استعمال ٿئي ٿو پر ملڪ جو ڦيٿو خود معيشت ۽ زراعت تي ڦري ٿو اُن لاءِ خبر ناهي اقتدار جي ايوان ۾ ويٺلن جا سوچيو آهي، ڇو ته عنقريب ملڪ ۾ جيٺ جو فصل پوکڻ لاءِ هارين ۽ زميندارن ۾ هلچل شروع ٿي ويندي، ڪَٽي وارو فصل خاص ڪري ووٽڻ (ڦٽي) جلدي ختم ٿي ويندا ۽ هاري ناري ڪڻڪ لاءِ ٻنيون ناهيندا ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ آڪٽوبر جو مهينو اچڻ وارو آهي ۽ 15 آڪٽوبر دنيا ۾ ڪاڌ خوراڪ جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي ۽ سنڌ ۾ اڳاٽي ڪڻڪ ۽ برسيم (گاهه) پوکڻ لاءِ ريج ڪيو ويندو آهي. ڪڻڪ لاءِ پاڻي جون موٽرون هلائڻ لاءِ ڊيزل گهرجي.**

وچ اوڀر جي جنگ ۽ عالمي معيشت ۾ تيل جا وڌندڙ اگهه!

نور سنڌي

وچ اوڀر جي جاري جنگ ۾ ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي ٽڪراءَ سان گڏ يمن جا حوثي به خطي جي بحران جو اهم حصو بڻجي سامهون آيا آهن باب المندب ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي سامونڊي رستن بابت خدشن کان وٺي هرمز جي امڪاني رڪاوٽ تائين جنگ جو اثر هاڻي رڳو جنگي ميدان تائين محدود ناهي رهيو پر تيل گئس واپار، مال برداري، خوراڪ ۽ عالمي معيشت تائين پکڙجي رهيو آهي ايران ۽ اسرائيل سڌي جنگ جا وڏا متاثر آهن پر ان جا معاشي اثر يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي انهن ملڪن تائين به پهچي رهيا آهن جيڪي وچ اوڀر جي توانائي ۽ سامونڊي واپار تي دارومدار رکن ٿا. پاڪستان به انهن ملڪن مان هڪ آهي جنهن لاءِ عالمي تيل جي قيمت، ڊالر ۽ درآمدي بل جو دٻاءُ اهم مسئلو بڻجي سگهي ٿو. هن بحران ۾ آبناءِ هرمز سڀ کان حساس معاشي نقطن مان هڪ آهي ٿلر ملڪن مان نڪرندڙ تيل ۽ گئس جو وڏو حصو هن سامونڊي رستي وسيلي عالمي مارڪيٽن تائين پهچي ٿو جيڪڏهن هرمز ۾ اڄ وچ معمول مطابق جاري رهي ٿي ته توانائيءَ جي فراهميءَ جو سلسلو برقرار رهي سگهي ٿو پر رڳو ان رستي بابت خطرو به مارڪيٽ ۾ خوف پيدا ڪري قيمتن کي مٿي وٺي وڃي ٿو جيڪڏهن ڏگهي رڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي ته مسئلو رڳو تيل تائين محدود نه رهندو، جهاز، مال برداري ۽ متبادل رستن جا خرچ به وڌي ويندا عالمي خام تيل جي قيمت تقريباً 110 کان 113 ڊالر في بيرل تائين پهچڻ جو ذڪر ڪيو پيو وڃي جڏهن ته اڳئين سال اها لڳ ڀڳ 87 ڊالر هئي اهڙي واڌ ۾ حقيقي فراهميءَ جي خدشي سان گڏ جنگي خوف جو به حصو آهي جنهن کي جنگي خطري ۾ ٿيندڙ واڌ چئي سگهجي ٿو عالمي تيل جي واپار ۾ قيمت صرف موجوده پيداوار سان طئي نٿي ٿئي پر مستقبل جي خطري بابت خدشا به ان تي اثرانداز ٿين ٿا جيڪڏهن صورتحال وڌيڪ خراب ٿئي ٿي ته مختلف تجزياتي منظرنامن ۾ 100، 150 ڊالر کان مٿي في بيرل قيمتن جا امڪان بيان ڪيا پيا وڃن هرمز ۾ وڏي ۽ ڏگهي رڪاوٽ واري انتهائي صورتحال لاءِ 150 کان 200 ڊالر في بيرل تائين جا منظرناما پڻ سامهون آيا آهن اهي يقيني اڳڪٿيون نه پر مختلف خطري واري حالتن جا امڪاني حساب آهن اصل قيمت جو دارومدار رڪاوٽ جي مدي، متاثر ٿيندڙ فراهمي ۽ پيدا ڪندڙ ملڪن جي متبادل انتظامن تي هوندو تيل جي قيمت وڌڻ جو سڌو سنئون اثر زراعت تي ٿئي ٿو ٽريڪٽر، ٽيوب ويل، زرعي مشينري، پاڻ جي تياري، فصل جي ڪٽائي ۽ ان کي منڊيءَ تائين پهچائڻ ۾ توانائي استعمال ٿئي ٿي تنهنڪري توانائي مهانگي ٿيڻ سان خوراڪ جي پيداوار جي مجموعي لاڳت وڌي سگهي ٿي جيڪڏهن ساڳئي وقت ڀاڻ ۽ سامونڊي مال برداريءَ جا خرچ وڌن ٿا ته خوراڪ جي قيمتن تي وڌيڪ دٻاءُ پيدا ٿيندو جنهن جو اثر گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن تي وڌيڪ پئجي سگهي ٿو چين لاءِ وچ اوڀر جي استحڪام معاشي ضرورت به آهي ۽ سفارتي مسئلو به، چين خطي جو وڏو توانائي خريدار آهي ۽ ايران سميت خليجي ملڪن سان معاشي لاڳاپا رکي ٿو سعودي عرب ۽ ايران وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي بحاليءَ ۾ بيجنگ اڳ ئي ڪردار ادا ڪري چڪو آهي موجوده صورتحال ۾ چين لاءِ تيل جي مسلسل فراهمي، سامونڊي واپار ۽ علائقائي استحڪام اهم آهن ساڳئي وقت ايران، سعودي عرب، گڏيل عرب امارات ۽ ٻين واپاري ڀائيوارن سان توازن رکڻ به سندس مفاد ۾ آهي روس جو ڪردار ڪجهه مختلف نوعيت جو آهي روس تيل ۽ گئس پيدا ڪندڙ ملڪ آهي تنهنڪري عالمي توانائيءَ جي قيمتن ۾ تبديلي سندس برآمدي آمدنيءَ تي اثر وجهي سگهي ٿي ايران سان روس جا حڪمتِ عملي وارا لاڳاپا پڻ آهن جڏهن ته وچ اوڀر ۾ موجود آمريڪي اثر روس جي علائقائي ۽ عالمي مفادن سان ڳنڍيل آهي ايران کي روس يا چين طرفان مخصوص فوجي خلائي مشاهدي يا دفاعي فني مدد بابت مختلف دعوائون سامهون ايندڙ رهيون آهن پر اهڙين دعوائن جي تصديق ضروري آهي ٻنهي ملڪن جا ايران سان سياسي ۽ معاشي لاڳاپا موجود آهن ۽ ڏگهي جنگ سندن علائقائي مفادن لاءِ به پيچيدگيون پيدا ڪري سگهي ٿي آمريڪا اسرائيل جو اهم اتحادي آهي ۽ خطي ۾ سندس فوجي موجودگي وڏي اهميت رکي ٿي واشنگٽن لاءِ اسرائيل جي سلامتي ايران جي فوجي صلاحيتن ۽ سامونڊي واپار جي تحفظ جا سوال اهم آهن اسرائيل ايران جي فوجي صلاحيتن کي پنهنجي سلامتيءَ لاءِ خطرو سمجهي ٿو، جڏهن ته ايران پنهنجي سلامتي ۽ خودمختياريءَ جي دفاع کي پنهنجي موقف جو بنياد قرار ڏئي ٿو انهن مختلف سلامتيءَ وارن موقفن سبب فوجي ٽڪراءَ سان گڏ سفارتي حل به پيچيده بڻجي وڃي ٿو ٿلر جا ملڪ به جنگ جي پکيڙ بابت فڪرمند آهن سعودي عرب، گڏيل عرب امارتون قطر ۽ عمان جون معيشتون توانائيءَ سان گڏ واپار، هوابازي، سياحت ۽ عالمي سيڙپڪاريءَ سان ڳنڍيل آهن ڏگهي جنگ علائقائي سيڙپڪاري، هوائي ۽ سامونڊي آمدرفت ۽ ترقياتي منصوبن تي اثر وجهي سگهي ٿي قطر ۽ عمان مختلف وقتن تي ڌرين وچ ۾ رابطن ۽ ڳالهين لاءِ سفارتي جاءِ فراهم ڪندو رهيو آهي تنهنڪري وچولي سفارتڪاريءَ جي اهميت برقرار آهي گڏيل قومن يورپي ملڪن ۽ ٻين عالمي ڌرين جي سامهون بنيادي سوال اهو آهي ته جنگ کي وڌيڪ محاذن تائين پکڙجڻ کان ڪيئن روڪيو وڃي؟ جنگبندي، انساني امداد ۽ سفارتي رابطا اهم آهن پر جڏهن ڌريون هڪ ٻئي کي پنهنجي سلامتيءَ لاءِ خطرو سمجهنديون هجن ته انهن وچ ۾ اعتماد پيدا ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو آهي عارضي جنگبنديءَ ڪانپوءِ به ايران ۽ اسرائيل جي سلامتي، علائقائي هٿيارن، پابندين، سامونڊي رستن ۽ مستقبل جي سياسي ضمانتن جا سوال باقي رهندا تنهنڪري پائيدار امن لاءِ فائرنگ بند ڪرڻ سان گڏ سياسي انتظام ۽ سلامتيءَ بابت قبول ٿيڻ جوڳي ضمانتن تي ڳالهه ٻولهه ضروري ٿيندي پاڪستان لاءِ هن بحران جو معاشي پاسو خاص اهميت رکي ٿو ملڪ ۾ روزاني تيل جي کپت لڳ ڀڳ 4 لک 20 هزار کان 4 لک 50 هزار بيرل آهي جڏهن ته مقامي خام تيل جي پيداوار لڳ ڀڳ 63 کان 68 هزار بيرل روزانو آهي مقامي پيداوار ضرورت جو رڳو لڳ ڀڳ 15 کان 18 سيڪڙو پورو ڪري ٿي عالمي قيمتن ۾ واڌ سان درآمدي بل، ڊالر جي گهرج، ٽرانسپورٽ ۽ خوراڪ جي قيمتن تي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو.

پراڻي ٽيڪنالاجيءَ سبب ڪجهه ڪارخانا اعليٰ معيار جو يورو-5 پيٽرول گهٽ ۽ فرنس آئل وڌيڪ پيدا ڪن ٿا، جنهن ڪري ملڪ کي خام تيل سان گڏ ڪجهه تيار ٿيل پيٽرول ۽ ڊيزل به ٻاهرين منڊي مان وٺڻو پوي ٿو پاڪستان جي سفارتڪاري به هن بحران ۾ اهم آهي چو ته ايران هڪ پاڙيسري ملڪ آهي جڏهن ته سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتون توانائي واپار ۽ پاڪستاني معيشت سان اهم لاڳاپا رکن ٿيون چين سان معاشي ۽ حڪمت عملي وارو تعلق آهي تنهنڪري پاڪستان لاءِ اهڙي متوازن سفارتڪاري ضروري آهي جيڪا پاڙيسري لاڳاپن، معاشي ضرورتن ۽ علائقائي امن کي نظر ۾ رکي سگهي.

اڄوڪو ڏينهن ..... 22 سيپٽمبر

تاجل بيوس

اڄ سنڌ جي سرموڙ شاعر تاجل بيوس جي جنم جو ڏينهن آهي هو 22 سيپٽمبر 1938ع تي ڳوٺ درگاهه پيرحيات شاهه تعلقي سوڀي ديري ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم نوريور ۽ پونيٽ پور جي اسڪولن مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول گمبٽ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي (اقتصاديات) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن جپان، ٿائيلينڊ ۽ آمريڪا مان به ڪجهه ڪورس پاس ڪيا عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين هن سنڌ سرڪار جي انتظامي هيٺ هلندڙ مختلف ادارن ۽ ڪمپنين ۾ ريسرچ آفيسر اسسٽنٽ چيف، ڊپٽي چيف، چيف ۽ رجسٽرار طور ڪم ڪيو وفاقي سرڪار ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ ڪارپوريٽ لا اٿارٽيءَ ۾ رجسٽرار آف لا اٿارٽيءَ طور به ڪم ڪيائين هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر جي صلاحڪار ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر طور پڻ ڪم ڪيو هو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو شاعر هو شاعريءَ سان گڏ ڪهاڻيون، ڪالم ۽ مضمون پڻ لکيائين هن جي لکيل ڪتابن جو تعداد 40 کان وڌيڪ آهي، جنهن ۾ سنڌس شاعريءَ جا مجموعا، اديبن جا خط ۽ ٻيو مواد شامل آهي هن 13 ڊسمبر 2008ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي

لطف علي لطف



اڄ مشهور عوامي شاعر ۽ ڪلاڪار لطف علي لطف جي پيدائش جو ڏهاڙو آهي هو 22 سيپٽمبر 1939ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ٽنڊي شير عليءَ ۾ ڄائو غربت سبب فقط سنڌيءَ جو پهريون درجو پڙهي سگهيو البت مقامي مدرسي مان ناظره قرآن شريف پڙهڻ جو شرف حاصل ڪيائين هو هڪ سريلو راڳي هو ۽ يڪتاري ۽ چپڙيءَ تي عوامي ڪلام ڳائي داد حاصل ڪندو هو اڳتي هلي شاعري پڻ ڪرڻ شروع ڪيائين سندس پاءِ عمر دراز به هڪ عمدو شاعر هو هن جي شاعريءَ ۾ بيت، ڏور بيت، سينگار بيت ۽ ٻي شاعري شامل آهي جيڪا قلمي صورت ۾ سندس پونئرن وٽ محفوظ آهي هن 23 آڪٽوبر 2005ع تي هي جهان ڇڏيو

نثار کهڙو

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان نثار کهڙي جي جنم جو ڏينهن آهي سندس جنم 22 سيپٽمبر 1950ع تي لاڙڪاڻي جي مشهور سياسي خاندان ۾ ٿيو هن لاڙڪاڻي جي پائلٽ سيڪنڊري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيو اڳتي هلي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين هن جرمنيءَ جي فرينڪفرٽ شهر مان ووڪيشنل تعليم پڻ حاصل ڪئي نثار کهڙو جو شمار سنڌ جي سينئر سياستدانن ۾ ٿئي ٿو هو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو هڪ اهم اڳواڻ آهي هو 1988ع کان لاڳيتو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجندو رهيو آهي هن 2008ع کان 2013ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر طور خدمتون سرانجام ڏنيون 1997ع کان 1999ع تائين ۽ 2002ع کان 2007ع تائين سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ طور به ڪم ڪيائين سنڌ جي مختلف وزارتن جا قلمدان به وقت بوقت سندس هٿ هيٺ رهيا آهن پاڻ سنڌ جي سرڪاري يونيورسٽين جو پرو وائيس چانسلر پڻ رهي چڪو آهي 9 مارچ 2022ع تي سينيٽ جو ميمبر چونڊيو ويو.

سيد نويد قمر

اڄ سيد نويد قمر جي سالگره جو ڏينهن آهي هن ناميارو سياستدان جو جنم 22 سيپٽمبر 1955ع تي ٽنڊو محمد خان جي مشهور ڳوٺ ٽڪڙ ۾ ٿيو سندس والد قمرالزمان شاهه به هڪ مشهور سياستدان ۽ وڏو زميندار هو سيد نويد قمر انگلينڊ جي مانچسٽر يونيورسٽيءَ مان 1976ع ۾ گريجوئيٽ ٿيو اُن بعد ڪيليفورنيا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان 1979ع ۾ ايم بي اي جي سند حاصل ڪيائين هو شروع کان وٺي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو آهي پاڻ پهريون ڀيرو 1988ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ان بعد 1990ع کان 2024ع تائين 8 ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهي چڪو آهي هن مختلف وقتن تي وفاقي وزير طور به خدمتون سرانجام ڏنيون آهن مختلف وزارتن جا قلمدان به سندس هٿ هيٺ رهيا، جن ۾ بجلي، نائون، واٽر ۽ پاور، پيٽروليم ۽ نيچرل رسورسز ۽ ٻيا کاتا شامل آهن

لطيف اياز پنهور



اڄ مشهور ليکڪ ۽ سنڌيڪار لطيف اياز پنهور جي جنم جو ڏينهن آهي هو 22 سيپٽمبر 1956ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود ۾ ڄائو ايم اي (سنڌي ادب) تائين تعليم حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ ڪاليج ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين سندس والد ابن حيات پنهور پنهنجي دور جو هڪ ناليوارو اديب هو لطيف اياز پنهور هڪ سٺو مترجم آهي سندس ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ "سارڀان سي ٿي ڏينهن" (ڪرشن چندر جي ناول جو ترجمو) ۽ "عشق جو آواز" (جميله هاشميءَ جي ناول جو ترجمو) شامل آهن

مير اصغر حسين اصغر ٽالپر

هن مشهور شاعر جو جنم 22 سيپٽمبر 1960ع تي جهڏي شهر ۾ ٿيو سندس والد خان محمد صائم ۽ چاچو حيدرعلي حيدر به پنهنجي دور جا مشهور شاعر هئا. انڪري اصغرحسين کي شاعري جڻ ته ورثي ۾ ملي. اِجا ڇهن سالن جو مس هو جو سندس خاندان جهڏو ڇڏي ٽنڊي جان محمد ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي انهيءَ ئي شهر جي تعليمي ادارن مان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين هن 1976ع ۾ باقاعدي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ معصوم يوسفانيءَ کان اصلاح ورتائين هن سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي هن جو ڪتاب "وڻ وڻ پرلاءِ جا" 1979ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو انهيءَ ڪتاب ۾ هن سنڌس ته جي شاعرن جا خاڪا ۽ سندن شاعري شامل ڪئي آهي

زاهد ملڪ

اڄ مشهور صحافيءَ ۽ ليکڪ زاهد ملڪ جي سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 22 سيپٽمبر 1961ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ فيض محمد ملڪ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار گورنمينٽ هاءِ اسڪول قلعي اسٽيشن ۽ گورنمينٽ ڪاليج داوءِ مان پاس ڪيا. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماس ڪميونيڪيشن واري شعبي ۾ ماسٽر آف آرٽس جي سند حاصل ڪيائين هن 1973ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو شروع ۾ ٻارائين ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين ۽ بعد ۾ شاعري به ڪرڻ شروع ڪيائين ننڍپڻ ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري پڻ ڪيائين 1981ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي صداڪار ۽ اداڪار طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين هو هڪ ڏگهي عرصي کان صحافت سان پڻ سلهاڙيل رهيو آهي ۽ مختلف اخبارن جي سب ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر ۽ ايڊيٽر طور ڪم ڪندو رهيو آهي

مختيار اٽر

نوشين شيخ

نوشين شيخ اسٽيج ۽ ٽيليويزن جي مشهور سنڌي اداڪاره هئي هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1963ع ۾ سکر ۾ ٿيو ۽ هن جو اصل نالو ڪشور سلطانه هو هن سکر جي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان تعليم حاصل ڪئي هن اسٽيج ڊرامن سان پنهنجي اداڪاريءَ جي سفر جي شروعات ڪئي هن جو پاڪستان ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ پهرين ڊرامون "راڄ ڀاڳ" هو ان بعد پاڪستان ٽيليويزن، ڪي ٽي اين سنڌ ٽي وي، مهراڻ ۽ ٻين سنڌي ٽي وي چئنلن جي ڪيترن ئي ڊرامن ۽ سيريلس ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين عمر جو آخري حصو قاسم آباد حيدرآباد جي هڪ فليٽ ۾ گذاريائين تاريخ 27 جون 2024ع تي انهيءَ فليٽ مان سندس لاش هٿ آيو

مفتي خليل احمد جان نقشبندي



هن ديني عالم، اديب ۽ شاعر جو جنم 22 سيپٽمبر 1971ع تي سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ درگاهه ويهڙ شريف ۾ ٿيو هن 1997ع ۾ مصر جي مشهور جامعة الازهر مان اسلاميات ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي پاڻ سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي ۽ فارسي ٻولين جو هڪ قادرالڪلام شاعر آهي سندس شاعريءَ ۾ حمد، نعتون ۽ مناجاتون وغيره شامل آهن هن مختلف ديني ۽ اخلاقي موضوعن تي ٽيهارو کن ڪتاب لکيا آهن جن ۾ سندس شاعريءَ جا مجموعا به شامل آهن سندس ڪتابن جي فهرست مير حاجن مير جي ڪتاب "سيوهڻ جون ادبي شخصيتون" ۾ ڏنل آهي

فضه غزل

اڄ مشهور شاعره فضه غزل جي سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 22 سيپٽمبر 1974ع تي سيد غلام سرور شاهه جي گهر ۾ بلڙا ۾ ٿيو ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين ۽ پرائمري اسڪول جي ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين 1990ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين سندس شاعري سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي سندس شاعريءَ جو مجموعو "چنڊ ۽ چاهتون" ڇپجي چڪو آهي هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن ۾ غزل، گيت، وايون، نظم ۽ دوهيڙا وغيره شامل آهن

مولانا غلام محمد ملڪاڻي

اڄ سنڌ جي جيد عالم، فقه جي علم جي ماهر ۽ عالم مولانا غلام محمد ملڪاڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن برگزيده بزرگ جو جنم دادو ضلعي جي ڳوٺ ملڪاڻي شريف ۾ 14 رمضان 1276هه مطابق اپريل 1860ع ڌاري ٿيو پاڻ قرآن شريف، فارسي، عربي ۽ ديني تعليم مختلف عالمن کان حاصل ڪيائين هن هندستان، عراق ۽ حجاز مقدس وغيره جو سفر ۽ مختلف بزرگن جي مزارن ۽ مقدس مقامات جون زيارتون ڪيون ۽ روحاني رمزون حاصل ڪيون تعليم پوري ڪرڻ بعد درس ۽ تدريس جي ڪم ۾ مشغول ٿي ڪيترائي علم پيدا ڪيائين ڪيس ٻين ديني علمن سان گڏ فقه تي خاص عبور حاصل هو ڪيس تصنيف ۽ تاليف جو به گهڻو شوق هو سندس تصنيف ۽ تاليف ڪيل ڪتابن جو تعداد لڳ ڀڳ 60 آهي هن بزرگ 22 سيپٽمبر 1935ع تي راهه رباني ورتي

سيد امداد علي شاهه رضوي

اڄوڪو ڏينهن اسان کي مشهور شاعر ۽ روحاني اڳواڻ سيد امداد علي شاهه رضويءَ جي يادگيري ڏياري ٿو جيڪو اسان کان اڄوڪي ڏينهن تي 1966ع ۾ وڇڙي ويو هن بزرگ جو جنم حيدرآباد ۾ 1870ع ڌاري ٿيو هو سنڌ جي مشهور مرثيه گو شاعر سيد ثابت علي شاهه جي خاندان جو چشم ۽ چراغ هو هن قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد سيد ثابت علي شاهه (ثاني) کان حاصل ڪئي ان بعد پگٽ ميموريل مشنري اسڪول ۾ پڙهيو بعد ۾ جيلر مقرر ٿيو هن کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هو سنڌ جو پهريون سنڌي جيلر هو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن کي روحاني تعليم ڏيندي حياتيءَ جا ڏينهن گذاريائين هو هڪ سٺو شاعر ۽ مرثيه خوان به هو

استاد گلزار علي خان



سنڌ جو هڪ مشهور راڳي ۽ موسيقار 1934ع ڌاري نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ ديهات ۾ پيدا ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 4 جولاءِ 1938ع ٻڌائي وئي آهي هن جو اصل نالو گلاب ۽ والد جو نالو محمد مراد دايو هو هن ڳائڻ جي سکيا پهريائين پنهنجي والد کان حاصل ڪئي ان کان پوءِ استاد مهر علي لاڙڪاڻي واري ۽ استاد منظور علي خان کان موسيقيءَ ۽ سنگيت جا گر سکيائين هن 1950ع واري ڏهاڪي کان ريڊيو پاڪستان تي ڳائڻ شروع ڪيو سندس ڳايل ڪجهه ڪلام اڄ به ريڊيو پاڪستان جي لائبريءَ ۾ موجود آهن 1983ع ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور قائم ٿيڻ کان پوءِ هن انهيءَ ريڊيو اسٽيشن تي هڪ موسيقار طور خدمتون سرانجام ڏنيون پاڪستان ٽيليويزن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايائين هن لاڙڪاڻي ۾ نون فنڪارن کي راڳ سيکارڻ لاءِ هڪ اسڪول کوليو جنهن مان ڪيترن ئي شاگردن لاڀ پرايو هن 22 سيپٽمبر 1992ع تي وفات ڪئي

هاشم شورو



اڄ مشهور شاعر ۽ ليکڪ مرحوم محمد هاشم شوري جي ورسي ملهائي پئي وڃي هو 5 جون 1955ع تي ڪوٽڙيءَ ۾ ڄائو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۽ سماجيات ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون هن اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو هاشم شوري 1974ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس شاعريءَ ۾ غزل، بيت، آزاد نظم ۽ نثري نظم وغيره شامل آهن شاعريءَ سان گڏ ڪيترائي سوانحي خاڪا پڻ لکيائين هن جو ڪتاب "سپ رنگ ساٿول" ڏينهن جي روشني ڏسي چڪو آهي هاشم شوري 22 سيپٽمبر 2018ع تي لاڏاڻو ڪيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 29 سال 2026

مسمات ڪريمان ڌيءُ بهادر خان زال محمد رمضان ذات لاشاري رهندڙ ڳوٺ ڪريم بخش لاشاري ٻي او پٽ شاهه ضلعو مٽياري..پلينٽف..بخلاف.. محمد رمضان ولد گلبهار ذات لاشاري رهندڙ ڳوٺ مبارڪ ملوڪاڻي ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 140 سال 2026

مسمات ساجده ڌيءُ غلام نبي رهندڙ گلشن فاطمه هالا نيو (2) بي بي نور بانو ڌيءُ شمشير علي (مائنر) عمر 08 مهينا معرفت پلينٽف نمبر 1..پلينٽف..بخلاف.. شمشير علي ولد ارباب علي ذات لاشاري رهندڙ گلشن فاطمه ڪالوني هالا نيو ضلعو مٽياري . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
گارڊين سوٽ نمبر 03 سال 2026

شريمتي هري ٻائي ڌيءُ تلوڪ چند لوهاڻو هندو بالغ رهندڙ انصاري پاڙو هالا نيو ضلعو مٽياري..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) ڪشور ڪمار ولد تلوڪ چند لوهاڻو (2) ڪيلاش ڪمار ولد تلوڪ چند لوهاڻو (معذور) هندو بالغ معرفت ايپليڪينٽ (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج . اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي ۽ ساڻ مينٽل هيلٿ آرڊيننس 2001 جي درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
گارڊين سوٽ نمبر 10 سال 2026

مسمات رابيه ڌيءُ محمد مٺل ذات گاڏهي وينل دائم گاڏهي تعلقو ڪي اين شاهه..ايپليڪينٽ..بخلاف محمد جمن عرف وزير علي ولد مٺل گاڏهي وينل محمد گچل هوٽل گوزو تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو . اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 ويسٽ پاڪستان ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 293 سال 2026

مسمات ريحانه..پلينٽف..بخلاف.. جنسار علي ولد محمد پنهل ذات نوناري رهندڙ نوناري پاڙو تعلقو ڊوڪري ضلعو لاڙڪاڻو سيل نمبر 03083598766. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ريسٽوريشن آف ڪانجوگل رائيٽس بي درخواست زير قلم نمبر S-17-A تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 298 سال 2026

مسمات Aamina عرف اميران خاتون..پلينٽف..بخلاف.. ديدار علي ولد حضور بخش بليدي رهندڙ محمود ڪالوني سائيٽ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 299 سال 2026

مسمات وزيران پٽو..پلينٽف..بخلاف.. ذوالفقار علي ولد حضور بخش بليدي رهندڙ محمود ڪالوني سائيٽ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 243 سال 2026

مسمات بسما..پلينٽف..بخلاف.. نثار ولد رڪيو ذات پٽي رهندڙ ڳوٺ ڏنو پٽي ضلعو مٽياري. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1628 سال 2026

مسمات صنم ڌيءُ حبيب الله زال وسيم حسن چانڊيو رهندڙ گهر نمبر 111 ٽي اير حسن يونٽ نمبر 09 لطيف آباد حيدرآباد..پلينٽف..بخلاف.. وسيم حسن چانڊيو رهندڙ قائد آباد نزد مانسهره ڪالوني ڪراچي .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ٿرڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر 203 سال 2026

گلزار علي پنهور ولد غلام رسول..پلينٽف..بخلاف.. شاهه زمان ميمڻ ولد حبيب الله ميمڻ رهندڙ فليٽ نمبر 29 صفير پلازه ديپالي ميمڻ هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سمري سوٽ زير قلم XXXVII سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي رڪوري آف امائونٽ -/4500000 رپيا لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ٿرڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

بيزاري نامون

جيئن ته اسين سڀ ڀائر هڪ نالي عبدالحليم عرف ذوالفقار، عنايت الله، عبدالرحمان سڳي پٽ قبول محمد لودرو هن اخباري اشتهار ذريعي هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿا ڪيون ته اسان جا ڀائيجا آفاق احمد لودرو ۽ ان جا ٻه ڀائر بري صحبت ۾ اچي برا ڪم ڪري رهيا آهن ان لاءِ جيڪو به شخص هنن سان ڏيتي ليتي، ڦلو يا اڌار وغيره ڪندو ته اهو ان جو پاڻ ذميوار هوندو جنهن سان اسان جو ڪو تعلق نه آهي اسين آفاق احمد لودرو ۽ ان جي ٻن ڀائرن کان بيزاري ۽ لاتعلقي جو اظهار ڪيون ٿا اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

عبدالحليم عرف ذوالفقار ولد قبول محمد
لودرو وينل: ايس ايس پي هائوس روڊ جيڪب آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1798 سال 2026

شريمتي بينا ڌيءُ ڪنيو هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ مسو ڀرڳڙي ضلعو حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. بابو ولدKaniho هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ يوسف پالاري ضلعو حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريسن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ گارڊين جج چنبڙ
گارڊين سوٽ نمبر 06 سال 2026

شازيه بيواهه محمد عثمان ذات جرار رهندڙ ڳوٺ شادمان جرار تعلقو چنبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار..ايپليڪينٽ ...بخلاف.. (1) عبدالغفور ولد محمد عثمان (2) عبدالعزيز ولد محمد عثمان (3) عائشه زال عبدالغفور ذات جرار رهندڙ ڳوٺ شادمان جرار تعلقو چنبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار (مائنر) (1) محمد حسنين ولد محمد عثمان (2) آمنه گل ڌيءُ محمد عثمان معرفت ڀاءُ عبدالغفور ولد محمد عثمان رهندڙ ڳوٺ شادمان جرار تعلقو چنبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 29,,7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي پراپرٽي بابت گارڊين جي مقرري بابت جيڪي سندن فوتي والد محمد عثمان وفات جي تاريخ 26-07-2011 ڇڏي آهي پراپرٽي ۾ زرعي زمين 02 ايڪڙ 03 گهنٽا 59 ايڪڙ 13 گهنٽا مان سروي نمبر (439 1 to 4) (465 1,2) (497 1 to 4) (481 1 to 4) (605 8 to 12) ديهه نگا ٽيو ڏالو تعلقو چنبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ گارڊين جج چنبڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 419 سال 2026

مسمات هير ڌيءُ سيد وحيد الدين شاهه رهندڙ پنگوار ڪالوني نوابشاهه ..پلينٽف..بخلاف.. سيد تاجن شاهه ولد اسماعيل شاهه رهندڙ چڪ نمبر 02 اڀاري سواري چڪ نمبر 01 ڪان 06 تعلقو دوڙ .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس اينڊ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 38 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 172 سال 2025

مسمات Anfal ڌيءُ رياض احمد ميمڻ رهندڙ گهر نمبر 1065 جمالي محله غريب آباد نوابشاهه ..پلينٽف..بخلاف.. ابوزر ولد ذوالفقار احمد نوراني ميمڻ رهندڙ صحافي ڪالوني نزد زرداري هائوس قاضي احمد موڙ نوابشاهه .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم (3)13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي اير نوابشاهه
(روبرو جناب نظام علي اڄڻ)
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر 38 سال 2026

نور محمد ولد هدايت الله ٻرڙو رهندڙ ڳوٺ هدايت الله ٻرڙو تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ..پلينٽف..بخلاف.. (1) ذوالفقار علي ولد گل محمد ٻرڙو (2) محمد ابراهيم ولد علي ٻرڙو رهندڙ پريا روڊ ڳوٺ علي نواز ٻرڙو تعلقو پريا .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري امائونٽ -/400000 زير قلم VII رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج اينڊ جي اير نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ارباب خاتون بيواهه محمد علي لغاري رهندڙ ڳوٺ حاجي ابراهيم لغاري تعلقو سڪرنڊ ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) مسمات ڪلثوم خاتون (2) مسمات شائسته ٻئي ڌيئرون محمد علي لغاري (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) سليم الله (2) ڪليم الله (3) بيبي راحيله (4) سميع الله (5) مستقيم جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات بصران خاتون بيواهه محمد اسماعيل لغاري رهندڙ ڳوٺ حاجي ابراهيم لغاري تعلقو سڪرنڊ ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) محمد صديق (2) محمد عيسيٰ (3) محمد ابراهيم (4) عبدالمبين (5) مسمات زيب النساء (6) مسمات مهرالنساء سڀ پٽ ڌيئرون محمد اسماعيل لغاري (7) جنرل پبلڪ .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) بيبي آسيه (2) بيبي ممتاز خاتون جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
فيملي سوٽ نمبر 175 سال 2026

مسمات امينا ڌيءُ محمد حنيف ذات زرداري رهندڙ ڳوٺ ساڻو ڏرڙو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز ..پلينٽف..بخلاف.. محبوب علي ولد علي اصغر ذات زرداري رهندڙ ساڻو ڏرڙو تعلقو مورو. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-09-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

لاتعلقي جو اظهار

آئون نالي گل محمد ولد ٿٿو منهنجا 2 پٽ نالي رياض علي عرف بلو ۽ فياض علي جيڪي غلط ماڻهن جي صحبت ۾ رهي نشي جا عادي ٿي ويا آهن جنهن ڪري آئون ۽ منهنجا ٻيا پٽ نالي نياز حسين اياز علي عرفان علي اڪبر علي هنن سان لاتعلقي جو اظهار ڪندي ڪنهن به شخص يا ادارن هنن سان ڪابه ڏيتي ليتي ڪئي يا ڪو ڦلو فساد ڪيو انهن جا هو پاڻ ذميوار هوندا هنن جو مونسان ۽ منهنجي پٽن سان ڪوبه واسطو ناهي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي

گل محمد ولد ٿٿو وينل ڳوٺ سولنگي وسي عادل پي او ٽلهار ضلعو بدين CNIC نمبر 4110531253101

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجو پٽ نالي ڪاشف علي جيڪو بري صحبت ۾ اچي ويو آهي جيڪو نافرمان ٿي ويو آهي اگر ڪو به شخص ساڻس ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڦلو فساد ڪندو ته ان سان منهنجو ڪنهن به قسم جو واسطو نه هوندو هو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي

محمد هاشم ولد محمد يوسف ابڙو وينل ڳوٺ محمد بخش ابڙو پي او ڏليوڙ بي ايس ڏاروشاهه تعلقو پريا

عام اطلاع

هرخاص وعام ماڻهو کي اطلاع ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي حيات بي بي زال عبدالجبار درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي عبدالجبار ولد بشير احمد جيڪو تاريخ 05-08-2026 تي فوت ٿي ويو آهي ٻن معزز ماڻهن هرهڪ نالي (1) فيضان ولد محمد مقصود (2) عارف علي ولد بشير احمد بيان ڏنو آهي ته فوتي فوت ٿيڻ وقت هيٺيان جائز وارث ڇڏيا آهن فوتي هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ ڊسپينسر هو فوتي عبدالجبار جا وارث (1) توشيد علي (پٽ) (2) جاويد علي (پٽ) (3) سهيل علي (پٽ) (4) پرويز علي (پٽ) (5) جمشيد علي (پٽ) (6) حرا (ڌي) (7) حيات بي بي (زال) (8) حميده بي بي (ماءُ) جائز وارث ڇڏيا آهن. مٿي ڊيڪلريل وارثن کانسواءِ ٻيو ڪوبه جائز وارث هجي ته هن اشاعت جي ڇپجڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر پاڻ يا وڪيل معرفت پنهنجي ثبوتن سميت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراض پيش ڪندا ٻي صورت ۾ قانون موجب جائز وارثن ۾ هيئرشپ جاري ڪيو ويندو معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪابه حجت يا دعوي قابل قبول نه هوندي

ضمير حسين راهمون
مختيارڪار روينيو تعلقو ڊگهڙي

عام اطلاع

آئون نالي زبير احمد ولد احمد علي چنڙ وينل حسين ويو پلازه فليٽ نمبر 3 فورٿ فلور قاسم آباد حيدرآباد هن اشتهار ذريعي هر عام وخاص کي اطلاع ڏئي رهيو آهيان ته مان هڪ عدد فليٽ نمبر 303 ٿرڊ فلور ايراضي 1790 پروجيڪٽ اسڪيم پارڪ ويو ريذيڊينسي اهيل پلاٽ نمبر بلاڪ نمبر A-23 & A-22 الرحمان ٽاور R.S No 175, 175/3, 175/4 ديهه ڄامشورو تعلقو قاسم آباد حيدرآباد ۾ واقع آهي جيڪو صنم زوجه عقيل احمد جلباڻي کان خريد ڪري رهيو آهيان ان ڏس ۾ اگر ڪنهن به شخص کي يا ڪنهن به اداري يا تنظيم کي ڪوبه اعتراض هجي ته هو ضروري ڪاغذات سميت مون سان يا سب رجسٽرار آفيس ۾ اشتهار ڇپجڻ جي ستن 07 ڏينهن اندر ثبوت سميت اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ هن فليٽ جي خريد ۽ فروخت عمل ۾ آندي ويندي

زبير احمد ولد احمد علي چنڙ جيسن ويو اپارٽمينٽ
قاسم آباد حيدرآباد

بقايا 1 "روزاني عبرت"

جهيڙي جنهن دوران 18ورهين جو نوجوان عبدالحنان شر مارجي ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي آخري اطلاع تائين جهيڙي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو

بقايا 2 "روزاني عبرت"

وڃي پيو اطلاع ملڻ تي فائربريگيڊ ٽنڊوآدم جون ۽ گاڏيون واقعي واري هنڌ پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪيو رابطو ڪرڻ تي آر ڪي ايگرو انڊسٽريز جي مالڪ سيٺ پريم چند ٻڌايو ته ڪاٽن انڊسٽريز ۾ معمول موجب ڪم جو سلسلو جاري هو ته اوچتو بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي جنهن ۾ تقريبن 6 هزار مڻ کان وڌيڪ ڦٽيون سڙي رک ٿي ويون ۽ ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي هن مطالبو ڪيو ته نقصان جو ازالو ڪيو وڃي.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

چانڊيو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ انڊس اسپتال بدين ۾ آندو ويو جتي طبي معائنو ڪرڻ بعد ڪيس نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو بدين پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري گاڏيون تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 4 "روزاني عبرت"

جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو ڪجهه جي حالت ڳنڀير جوڳي هجڻ سبب سکر ريفر ڪيو ويو آهي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

چيو ته سيرائي احمد شاهه موري ڪيڻ جا روڊ تباهه ٿي ويا آهن رهواسين جي طرفان مطالبن ڪرڻ جي باوجود روڊ تعمير نه ڪيا ويا آهن جنهن جي ڪري رهواسي سخت پريشاني جو شڪار آهن هنن وزيراعلي سنڌ ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي بدين ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته سيرائي احمد شاهه موري ڪيڻ جا روڊ تعمير ڪري رهواسين مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائي ڊي سي آفيس بدين جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 6 "روزاني عبرت"

ڪٽي ويا ايف آءِ آر ڪرائيم نمبر 351/2026 تحت داخل ڪئي وئي آهي، جڏهن ته واقعي ڪانپوءِ پوليس پاران شاگرديائي جي ڳولا ۽ واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي پوليس ذريعن موجب ايف آءِ آر 17 سيپٽمبر 2026 تي داخل ڪئي وئي، جڏهن ته شاگرديائي کي اغوا ٿئي پنج ڏينهن گذري چڪا آهن واقعي جي وڌيڪ جاچ لاءِ ڪيس ايس ايس يو برانچ حوالي ڪيو ويو آهي، جتي پوليس انسپيڪٽر ارشاد شاهاڻي جي نگراني ۾ جاچ جو عمل جاري آهي.

بقايا 7 "روزاني عبرت"

پيو پوليس موجب مارجي ويل نوجوان جي سڃاڻپ ڊوڪري جي ڳوٺ علي خان جسڪاڻي (قبولو) واسي نوجوان ثمر جسڪاڻي طور ڪئي وئي آهي، جڏهن ته فائرنگ ۾ هڪ شڪارپور واسي اياز سنجراڻي زخمي ٿي پيو آهي، پوليس موجب مقتول ثمر جسڪاڻي ڪورٽ کان واپسي دوران موٽر سائيڪل تي سوار هو ته مخالفن فائرنگ ڪئي وئي واقعي ڪانپوءِ پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته فائرنگ جي سبب ۽ جوابدارن بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 8 "روزاني عبرت"

زخمي ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ زخمي کي وارث ٿاڻي تي وٺي آيا جتان علاج جو ليٽر وٺي اسپتال منتقل ڪيو ان دوران زخمي ٿيل گوڏائي محمد خان چيو ته مان پنهنجي زرعي زمين تي ويل هئس جتي جوابدارن نظير نثار سميت ٻين منهنجي مٿان ڪهاڙين سان حملو ڪري زخمي ڪيو هن چيو ته حملو ڪندڙن چيو ته اسان جي مخالف ڌر جي ضمانت تو ڇو ڪئي جنهن تي جوابدارن ڪاوڙ ۾ اچي حملو ڪيو هن گهر ڪئي جوابدارن کي گرفتار ڪري مون کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 9 "روزاني عبرت"

سهولتون فراهم نه ٿيڻ ڪري شاگردياڻين ۽ استادن لاءِ گرمي ۾ تعليمي سرگرميون جاري رکڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي احتجاج ڪندڙ شاگردياڻين مطالبو ڪيو ته اسڪول ۾ فوري طور بجلي جي فراهمي بحال ڪئي وڃي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جو مستقل انتظام ڪيو وڃي، جيئن شاگردياڻين کي بنيادي سهولتون ميسر ٿي سگهن روڊ بند ٿيڻ سبب ڪجهه وقت لاءِ ٽريفڪ جي رواني ۾ پڻ متاثر ٿي جڏهن ته علائقي واسين ۽ والدين انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي گرلز هاءِ اسڪول جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

بقايا 10 "روزاني عبرت"

قانون تحت پروموشن جو طئي ٿيل ريشو 50 سيڪڙو جي ايس ٽي کان ايچ ايس ٽي، 25 سيڪڙو پي ايس ٽي کان ايچ ايس ٽي ۽ 25 سيڪڙو سڌي ڀرتي آهي. اڳواڻن افسوس جو اظهار ڪندي ٻڌايو ته پي ايس ٽي استادن جي آخري ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي (ڊي پي سي) 5 ڊسمبر 2023ع تي ٿي هئي جنهن کان پوءِ گذريل ڪئين سالن کان مسلسل جاکوڙ باوجود تعليمي ۽ ضلعي انتظاميا جي اڻ سنجيدگي سبب ڪابه ڊي پي سي نه ٿي سگهي، جنهن ڪري سوين استادن کي انهن جي قانوني حق 25 سيڪڙو پروموشن کان محروم رکيو ويو آهي استاد اڳواڻن انتظاميا کي چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا ترت مڃي قانوني ريشي مطابق پروموشن نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو وڌائي ٻين ضلعن تائين پکيڙيو ويندو هن احتجاج ۾ پ ٽ الف ضلع بدين جو صدر محمد سليم ميمڻ جنرل سيڪريٽري محمد حسن شاهه ، ڊويزنل نائب صدر شڪيل احمد آريسر نائب صدر محمد بخش لغاري، فيض محمد ابڙو ،شڪيل احمد ميمڻ وحيد علي جمالي سڪندر پرڳڙي جاني طفيل ميمڻ انور علي آريسر مخدوم سجاد سميت وڏي تعداد ۾ استادن شرڪت ڪئي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ڪري ڇڏيو . فوڊ کاتي وارن متاثر ماڻهن جا نمونا ورتا . سول اسپتال جي ايمرجنسي ڊي ايچ ڪيو ۾ سهولتن جي کوٽ سبب مريض ٻاهر پارڪ ۾ تڙپندا رهيا . زرداري هائوس سان تعلق جون دعوا ڪندڙ ڊاڪٽر ڊيوٽي سان غائب، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ ۽ ڪمشنر حيدرآباد کان واقعي جي فوري رپورٽ طلب ڪري ورتي، متاثر ماڻهن کي تمام طبعي سهولتون ڏيڻ جون هدايتون اسپتال ۾ صولت جي کوٽ آهي اسپتال عملي ڊيوٽي سان غائب متاثرن جو الزام تفصيل موجب ٽنڊوالهيار ۾ زيشان شاهه

جي شادي جي تقريب شهر جي نجي هال ۾ ٿي جنهن ۾ رات دير سان مبينا طور مضحر صحت کاڌو کائڻ سبب ڪيترن ماڻهن جي حالت خراب ٿي وئي جنهن ۾ نوجوان،عورتن، مردن ۽ ٻارن کي دست الٽين جي شڪايت ٿي جنهن بعد ماڻهن کي سول اسپتال پهچايو ويو اسپتال ۾ وڌيڪ عملو ۽ سهولتن جي کوٽ سبب مريضن کي ٻاهر پارڪ ۾ ويهاري علاج ڪيو ويو اهڙي واقعي کان پوءِ اسپتال ۾ ايمرجنسي پڻ لڳائي وئي جتي ڊاڪٽر منصور لغاري ۽ ٻين ڊاڪٽرن ٻڌايو ته کاڌو مضحر صحت هو جنهن جي ڪري ساڍا ٽي سئو کان چار سئو ماڻهو متاثر ٿيا جن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل هئا انهن کي دست الٽين جون شڪايتون هيون ڪافي ٻارن جي حالت نازڪ هئي اسان جي ٽيم جي مدد سان انهن جي زندگي بچائي وئي زندگي موت رب جي هٿ ۾ آهي پر اسان جي ماڻهن وڏي ڪوشش ڪئي اهو واقعو مضرصحت کاڌو کائڻ سبب ٿيو آهي جڏهن ته اهڙي واقعي جو فورن ڊپٽي ڪمشنر نوٽيس وٺندي شادي هال کي سيل ڪري ڇڏيو فوڊ کاتي پاران پڻ متاثرن جا نمونا ورتا ۽ شادي ۾ استعمال ٿيندڙ ڏيگن جا دوڪان تي تفصيلات پڻ ورتا ٻي پاسي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پڻ نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ ۽ ڪمشنر حيدرآباد کان مذڪوره واقعي جي تفصيلي رپورٽ طلب ڪندي هدايتون ڪيون ته متاثر ماڻهن کي فوري ۽ طبعي مدد فراهم ڪئي وڃي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ماسري جي انڪوائري ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 12 "روزاني عبرت"

لاڙڪاڻو ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سنڌ جي مشهور راڳي فياض جويو مٿان تشدد ڪندڙن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ سنڌ جا فنڪار پوري سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 13 "روزاني عبرت"

ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي جو ڪو ذاتي مفاد ناهي ان ڪري حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن هن چيو ته وفاقي وزيرن وٽ اهو اختيار يا مينڊيٽ ناهي ته هو مسئلو حل ڪن تنهن ڪري وزيراعظم پاڻ معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ عوام کي رليف ڏئي هن چيو ته لانگ مارچ جي پهرين مرحلي دوران سنڌ جي عوام طرفان ڀرپور موٽ ملي آهي ڪراچي کان روهڙي تائين هر ريلوي اسٽيشن تي ماڻهن شاندار استقبال ڪيس جڏهن ته پنجاب ۾ پڻ عوام سندن استقبال لاءِ تيار آهي جماعت اسلامي پاران پيٽروليم ليوي خلاف 42 شهرن ۾ احتجاج ڪيو ويو آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي حڪومت کي چيو هو ته ڳالهين لاءِ اچي يا نه اچي، پر عوام جو مسئلو ضرور حل ڪري هن ٻڌايو ته ٽرين مارچ ملتان ڪانپوءِ روڊ ڪاروان ۾ تبديل ڪيو ويندو جماعت اسلامي جي امير حڪومت جي قبول رليف پيڪيج کي رد ڪندي چيو ته اهو پيڪيج ناڪافي ۽ عوام کي چڪر ۾ وجهڻ برابر آهي حڪومت 26 ارب روپين جو ماهوار رليف پيڪيج ڏئي رهي آهي، جڏهن ته عوام کان تقريبن 150 ارب رپيا وصول ڪيا پيا وڃن هن چيو ته جماعت اسلامي جو واضح مطالبو آهي ته پيٽروليم ليوي گهٽ ڪئي وڃي، پيٽروليم شين جي قيمتن تي ضابطو آڻي مهانگائي گهٽ ڪئي وڃي، پر حڪومت اهو مطالبو مڃڻ لاءِ تيار ناهي هن چيو ته جماعت اسلامي جي احتجاج سبب عوام کي پهرين ڀيرو وڏي پيماني تي ڄاڻ ملي آهي ته سندن حق ڪيئن کسيو پيو وڃي ۽ پيٽروليم ليوي ٽيڪس جا آهي هن الزام لڳايو ته حڪمران پنهنجي عياشين ۽ غير ضروري خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ تيار ناهن ۽ ليوي ختم ڪرڻ بدران ان کي برقرار رکڻ جا جواز پيش ڪري رهيا آهن هن چيو ته جماعت اسلامي پيٽروليم ليوي جي متبادل طور آمدني حاصل ڪرڻ جا طريقا پڻ حڪومت کي ٻڌائي چڪي آهي بينڪن بابت ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ملڪ ۾ هڪ اهڙو بينڪنگ ڳٺجوڙ موجود آهي جنهن سان بحرانن دوران فائدو حاصل ڪيو وڃي ٿو هن دعويٰ ڪئي ته حڪومت بينڪن کان قرض وٺي ٿي ۽ وياج جي شرح وڌڻ سان ان جا اثر عوام تي پون ٿا.سنڌ جي صورتحال بابت حافظ نعيم الرحمان چيو ته سنڌ ۾ درياهه وهڻ باوجود ڪيترن ئي علائقن جي ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر ناهي، جڏهن ته صوبو بدامني جي لپيٽ ۾ آهي قبائلي تڪرارن کي ختم ڪرڻ لاءِ مستقل قدم نه کنيا ويا آهن ۽ صرف هڪ هفتي دوران قبائلي دشمني سبب ڏهه ماڻهو مارجي ويا آهن هن چيو ته جماعت اسلامي قبائلي تڪرارن جي خاتمي لاءِ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي ته ضرور ادا ڪندي

بقايا 14 "روزاني عبرت"

يوسف ۾ گذريل رات 7 هٿيارٻندن چورن جي گهر ۾ زوريءَ واردات اڳڙا ۾ ڳوٺ فقير نانڪ يوسف جي ملڪ محلا ۾ رات 7 هٿيارٻندن دروازي جو تالو ٽوڙي غلام نبي ملڪ جي گهر اندر داخل ٿي هٿيارن جي زور تي 3 ڏڳين هڪ موبائل فون سميت گهر مالڪ غلام نبي ملڪ کي اغوا ڪري ويا غلام نبي ملڪ جي پاڙي واري ٻڌايو ته ننڊ سان جاڳ ٿي ته ڳوٺاڻن گڏجي واهر ڪري چورن جا پيرا کڻي چورن جي ڪيل لڳي پياسون جنهن تي چورن ٿاڻي محبوب ڪلهوڙو جي حد اڳڙا خيرپور لاڙڪاڻو لنڪ روڊ وٽ گهر ڌڻي ۽ ٻن ڏڳين سان هٿ ڪيا جڏهن ته هڪ ڏڳي چور ڪچي طرف کاهي ويا آخري اطلاع تي ڀاڳيا درياءَ تي پهتا جتان چور ڏڳي کي ٻيڙيءَ ذريعي درياءَ ٽپائي فرار ٿي ويا ياد رهي ته اڳڙا ٿاڻي ۾ ڪيترين ئي عرصي کان ڏوهه ٿيڻ سوچيل سمجهيل سازش جو حصو بڻجي ويو آهي

بقايا 15 "روزاني عبرت"

جا ڌڪ لڳڻ سبب نوجوان جلال سولنگي قتل ٿي ويو جنهن جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ فيض گنج جي اسپتال منتقل ڪيو ويو ان سلسلي سندس ڀاءُ الهڏنو سولنگي ٻڌايو ته ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران نديم ماجد وحيد ٻالم سولنگي پاران جلال سولنگي کي ڌڪ هنيا ويا ڌڪ لڳڻ سبب جلال سولنگي قتل ٿي ويو آهي هن چيو ته جوابدار سوٽ آهن جن اسان سان ظلم ڪيو آهي انصاف ڪيو وڃي جڏهن ته واقعي بعد جوابدار فرار ٿي ويا ڪوٽ لالو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ فرار ٿيل جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو جڏهن ته واقعي جو ڪيس ٿاڻي داخل نه ٿيو آهي

بقايا 16 "روزاني عبرت"

مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻندن نوجوان کي گوليون هڻي زخمي ڪرڻ بعد موٽرسائيڪل کاهي فرار ٿي ويا ان سلسلي ۾ زخمي نوجوان شڪيل احمد ڪانڌڙو جي وارثن ٻڌايو ته ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي هٿيارٻندن ڏينهن ڏٺي جو اسان جي نوجوان شڪيل احمد ڪانڌڙو کان موٽرسائيڪل ڦر جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس گوليون هڻي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا ۽ اسان جي نوجوان کي علائقي واسين اسپتال پهچايو هنن ايس ايس پي خيرپور سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نوجوان کي گوليون هڻي زخمي ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا 17 "روزاني عبرت"

کي ڪين جيڪي اسان پوليس کي ڏنا ان جي باوجود پوليس اسان جي گهرن مٿان چڙهائي ڪري اسان جي مٿان گوليون هلايون اسان جي عورتن کي ڌڪا ڏنا جنهن جي ڪري علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي هنن چيو ته اسان مزدور آهيون مزدوري ڪري ٻچن جو گذر بسر ڪري رهيا آهيون اسان جي ٻن ماڻهن کي پوليس بنا جواز گرفتار ڪيو آهي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان جا بي گناهه گرفتار ڪيل ماڻهو آزاد ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 18 "روزاني عبرت"

اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس ۽ وارث پهچي لاش ڪٺائي اسپتال آندو جتي ضروري قانوني ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو مقتول ظفر جي وارثن جو چوڻ آهي ته ڪجهه عرصو اڳ پوليس جي مقابلي ۾ بنگوار برادري جو هڪ ڇڙو مارجي ويو هو جنهن جو الزام اسان تي لڳايو ويو اسان بنگوار برادري جي سردار وٽ وڃي صفائي ڏني جنهن جي باوجود اسان جو همراهه بي گناهه قتل ڪيو ويو آهي

هٿيارٻندن هٿان رٽائرڊ پوليس اهلڪار ظفر سنجراڻي جي قتل واري واقعي تي ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ محمد مراد گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ ڪچي ۾ قاتلن جي گرفتاري لاءِ آپريشن ڪيو ويو جوابدار ڌر پوليس جي اچڻ بعد گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جو چوڻ آهي ته قاتلن جي گرفتاري تائين هر حال ۾ آپريشن جاري رهندو

بقايا 19 "روزاني عبرت"

موجود هئا، جيڪي خوش قسمتيءَ سان محفوظ رهيا، ڏڙو جو رورل هيلٿ سينٽر هن وقت سرڪاري اسپتال جي عمارت جي مرمتي ڪم سبب عارضي طور گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول جي زبون حال عمارت ۾ قائم ڪيو ويو آهي، صحت مرڪز جي عارضي عمارت ۾ ڇت جا ڇاپوڙا اوچتو ڪري پيا، جنهن سبب اسپتال ۾ موجود ڊاڪٽرن طبي عملي ۽ علاج لاءِ آيل مريضن ۾ خوف پکڙجي ويو خوش قسمتيءَ سان ڇت جا ڇاپوڙا ڪرڻ واري واقعي ۾ ڪو جاني نقصان نه ٿيو پر واقعي عمارت جي خطرناڪ حالت بابت خدشن کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي، مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته صحت مرڪز لاءِ چونڊيل هي عارضي عمارت اڳ ئي زبون حال آهي، جڏهن ته عمارت ڳتيل آبادي ۽ سوڙهي روڊ واري هنڌ تي واقع هجڻ سبب مريضن ۽ ايمبولينس جي اچ وڃ ۾ پڻ ڏکيائي پيش اچي ٿي، مقامي رهواسين موجب برسات دوران عمارت جي هيٺاهين هنڌ تي هجڻ سبب پاڻي جي نيڪالي جو مناسب انتظام نه هجڻ جا مسئلا پڻ پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي مقامي رهواسين ۽ مريض جي وارثن موجب"هي عمارت انتهائي خطرناڪ آهي، اسپتال کي محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن وڏي حادثي کان بچي سگهجي علائقي واسين سڄاول جي ڊپٽي ڪمشنر صحت کاتي ۽ اسپتال جو انتظام هلائيندڙ پي پي ايڇ آءِ کان مطالبو ڪيو آهي ته رورل هيلٿ سينٽر کي خطرناڪ عمارت ۾ هلائڻ بدران ان کي فوري طور محفوظ، مناسب ۽ عوام جي آسان رسائي واري متبادل هنڌ تي منتقل ڪيو وڃي، رهواسين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن عمارت جي حالت تي فوري ڌيان نه ڏنو ويو ته وڌيڪ حصو ڪرڻ سان وڏو جاني نقصان ٿي سگهي ٿو

بقايا 20 "روزاني عبرت"

کي سرگهي جو ڏئورو پوندو هو وهڻ دوران ڪيس سرگهي جو دورو پوڻ سبب ٻڏي ويو جنهن کي ڪافي ڳولا بعد هٿ ڪري رورل هيلٿ سينٽر پنڪريو کڻي وياسين جتي ڊاڪٽرن نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي،فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 21 "روزاني عبرت"

برادري سان تعلق رکندڙ زال مڙس دوڙ کان نواب شاهه وڃي رهيا هئا ته ڏهه ويلر ڊالر ۾ ٽڪر ٿيڻ جنهن جي نتيجي ۾ عبدالغفار آرائين ٿڏي تي ئي فوت، سندس زال ارم جي ٽنگ ڌڙ کان ڌار بيهوش جنهن کي انتهائي تشويش ناڪ حالت ۾ نواب شاهه اسپتال نيو ويو بالو جا قبا ٿاڻي جي پوليس ڏهه ويلر ڊالر ۽ ڊرائيور کي پنهنجي حراست ۾ وٺي ڇڏيو پوليس نواب شاهه اسپتال پهچي قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڏني

بقايا 22 "روزاني عبرت"

پنهنجي گهر جي ڇير ۾ رسو ٻڌي مبينا طور خودڪشي ڪئي هئي اطلاع ملڻ بعد پوليس لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيس جتي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب سرڪاري ايف آءِ آر ۽ جاچ دوران سامهون آيل تفصيلن مطابق مقتول جي سڳي ڀاءُ پارو ڪولهي ۽ سندس گهرواري ديوي مبينا طور رامچند تي ڪارنهن جو الزام لڳائي ڪيس قتل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن مبينا طور تيز ڌار اوزارن سان رامچند کي قتل ڪرڻ بعد واقعي کي لڪائڻ لاءِ لاش کي ڇير ۾ ٽنگي خودڪشي جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس طرفان واقعي جو ڪيس پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلمن 302، 311، 201 ۽ 34 تحت داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي چوڪيداريون پوليس جي جاچ موجب ته نوجوان ڀاءُ ۽ ڀاڄائي ڪهاڙي ۽ ڏاٽي سان وار ڪري قتل ڪيو آهي ٻي پاسي ڪيس ۾ نامزد جوابدار موجب پوليس جي تشدد سبب انهن قبولداري ڪئي

بقايا 23 "روزاني عبرت"

موٽرسائيڪلون 6 تولا سون 80 هزار روڪ رقم ۽ ٻيو سامان چوري ڪري باآساني فرار ٿي ويا پوليس کي اطلاع ڏيڻ بعد اڃان تائين چورن جو ڪو پتو نه پئجي سگهيو آهي اڪرم خاصخيلي جو چوڻ هو ته اسان غريب ماڻهون آهيون اسانجي سڄي زندگيءَ جي حق حلال جي ڪمائي هڪ ئي ڌڪ ۾ چور ڪٽي ويا هن ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري ايس ايڇ او مٽياري کي اپيل ڪئي ته فل فور چورن کي گرفتار ڪري اسان جو چوري ٿيل سامان اسانکي واپس ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 24 "روزاني عبرت"

رهڻ سبب ٽريفڪ پڻ متاثر رهي. وارثن موجب شاگرديائي مدرسي مان گهر واپس وڃي رهي هئي ته ڪامران خاصخيلي ۽ عمران عرف آڪو خاصخيلي مبينا طور ڪيس رستي ۾ روڪي هراسان ڪيو رومين ٿاڻي تي داخل ڪرايل ايف آءِ آر جي متن موجب جوابدارن مبينا طور نينگري جو هٿ/ٻانهن پڪڙي دوستي رکڻ لاءِ چيو ۽ سندس ڀاڄائي جي تصوير وٽ هجڻ جو ذڪر ڪندي ڪنهن سان ڳالهائڻ جي صورت ۾ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. وارثن جو الزام آهي ته جوابدار مبينا طور نينگري کي مسلسل تنگ ۽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته پوليس پاران شروعاتي طور ڪيس داخل ڪرڻ ۾ مبينا طور ٽال مٽول ڪئي وئي. وارثن جو وڌيڪ چوڻ هو ته رومين ٿاڻي تي ليڊيز پوليس عملي جي موجودگي به نه هئي نينگري جو پڻ بيان رڪارڊ ڪيو ويو جنهن ۾ خاتون ڪوسو مبينا طور ڪامران خاصخيلي تي بليڪ ميل ڪرڻ ڌمڪيون ڏيڻ ۽ هراسان ڪرڻ جا الزام هنيا، سندس چوڻ موجب ڪيس ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ پڻ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن احتجاج دوران نينگري جو پيءُ روئندي پوليس کان انصاف ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪندي چيو ته جيڪڏهن اڄ انصاف نه ٿيو ته سڀاڻي شهر ۾ شٽر ڊائون هڙتال ۽ ڌرڻو ڏنو ويندو ان موقعي تي سي آءِ اي انچارج فياض ميمڻ پريس ڪلب آڏو لڳل ڌرڻي واري هنڌ پهچي وارثن سان ڳالهيون ڪيون هن چيو ته ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ڪالير ڪيس وارثن سان ڳالهائڻ لاءِ موڪليو آهي ۽ کين انصاف جي خاطري ڪرائي وئي آهي هن وارثن کي چيو ته مغرب ڪانپوءِ رومين ٿاڻي تي اچن جتي معاملي تي وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي، پوليس طرفان جوابدارن جي گرفتاري جي خاطري ملڻ بعد وارثن ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو جڏهن ته وارثن جو چوڻ هو ته پوليس مبينا طور ڪجهه ماڻهن کي هٿ ڪرڻ باوجود گرفتار نه ڪيو

بقايا 25 "روزاني عبرت"

گمبٽ لڳ احمدپور جي علائقي لالڻ واهه جا ڪپر ڪمزور ٿي ويا اسڪول جي موڪل بعد واپس گهر ايندڙ اسڪولي ٻارڙن جو رڪشو ٻارڙن سميت لالڻ واهه ۾ ڪلٽي ٿي ڪري پيو موقعي تي پرسان ڳوٺاڻن مڙسي ڪري ٽن اسڪولي ٻارڙن کي ٻڏي وڃڻ کان بچائي ورتو ۽ رڪشي ۽ ٻارڙن کي واهه مان ٻاهر ڪڍي ورتو ان موقعي تي رڪشا ڊرائيور ظهير ميتلو ۽ علائقي واسين جو چوڻ هو ته لالڻ واهه جا ڪپر گذريل ڪيترن سالن کان ڪمزور ٿي ويا آهن جنهن ڪري حادثا روڊ جو معمول بڻيل آهن جڏهن ته اهڙين شڪايتن چونڊيل نمائيندن توڙي آبپاشي عملي کي بار بار لکت ۾ درخواستون ڏنيون ڪوڪون ڪيون آهن پر پوءِ به نوٽيس نه ورتو ويو آهي ان موقعي تي هنن مطالبو ڪيو ته لالڻ واهه جا ڪپر مضبوط ڪرڻ لاءِ بنهي پاسن کان ديوارون ڏياريون وڃن ۽ علائقي واسين جي بيچيني دور ڪئي وڃي.

بقايا 26 "روزاني عبرت"

سهاڳ، نغما سهاڳ، علي داد سهاڳ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن مظاهري ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هٿيارٻندن بنا جواز اسان جي 3 ماڻهن کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته جوابدار بااثر هجڻ ڪري مختلف نمونن سان هراسان ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته جوابدارن مسلسل گهرن تي حملا ڪري ڪروڙين روپين جو نقصان ڪيو آهي جيڪا وڏي زيادتي آهي مظاهرين چيو ته واقعي جي ايف آءِ آر ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪو تدارڪ نه ڪيو آهي مظاهرين ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري واقعي ۾ انصاف ڪيو وڃي ۽ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 27 "روزاني عبرت"

ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ علي گوهرآباد پوليس ڦل روڊ تان 2 منشيات فروش جوابدارن فهد جتوئي ۽ بجل جتوئي کي 2 ڪلو کان وڌيڪ چرس سميت، عاقل پوليس فقير واهه مان منشيات فروش جوابدار صغير جتوئي کي هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس سميت ۽ اشتهاري جوابدار رمضان جتوئي کي، سيهڙ پوليس راڌڻ روڊ تان منشيات فروش جوابدار عبدالغني جتوئي کي 11 گرام پنگ سميت، سول لائين پوليس 2 اسٽريٽ ڪرمنلز عزيز ڪلهوڙو ۽ روحل مسيح کي باڍهه پوليس روپوش جوابدار ذيشان سولنگي کي، مارڪيٽ پوليس چوري جي وارداتن ۾ ملوث 4 ڄڻن تي مشتمل ٽولي جي جوابدارن علي محمد ميراڻي مسعود سومرو اصغر ڪڪراٽي ۽ برڪت جتوئي کي چوري جي وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف قسمن جي اوزارن سميت گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب گرفتار سمورن جوابدارن مٿان اهڙي نوعيت جا ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 28 "روزاني عبرت"

جو پيمانو لبريز ٿي ويو شهرين حڪومت جي عوام دشمن پاليسين خلاف روڊن تي نڪري اچي سخت نعريبازي ڪئي جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ بندر روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ تحريري پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي مظاهري جي اڳواڻي جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر اصلاح الدين شيخ ڪئي، جڏهن ته جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ مولانا محمد يعقوب حيدري بلوچ، عوامي فلاحي سماجي تنظيم جي مبين راجپوت ۽ ٻين اڳواڻن ۽ شهرين شرڪت ڪئي.ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته اڳوڻي حڪومت هجي يا موجوده حڪومت، سڀني اقتدار جا مزا ورتا آهن پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪو به خاطرخواهه قدم نه کنيو ويو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ بدران مهانگائي ۾ مسلسل اضافو ڪري عام ماڻهن کان جيئڻ جو حق به کسيو پيو وڃي هنن چيو ته ملڪ ۾ غربت، مهانگائي ۽ ڪرپشن جهڙا سنگين مسئلا حڪمرانن جي غلط پاليسين جو نتيجو آهن مهانگائي جي طوفان غريب عوام جي زندگي اجيرن بڻائي ڇڏي آهي، جڏهن ته پيٽرول جي اگهن ۾ بار بار واڌ سبب ٽرانسپورٽ، روزمره جي شين ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جون قيمتون پڻ وڌي رهيون آهن.اڳواڻن جو چوڻ هو ته غريب ماڻهو ٻن وقتن جي ماني لاءِ پريشان آهي، جڏهن ته ڪرپشن ۽ بدعنواني بابت شڪايتون عوام ۾ سخت بيچيني پيدا ڪري رهيون آهن حڪومت جي ذميواري آهي ته شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري، مهانگائي ۽ بيروزگاري تي ضابطو آڻي ۽ عوام کي حقيقي رليف فراهم ڪري جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر اصلاح الدين شيخ چيو ته حڪومت کي عوام جي بنيادي مسئلن ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي هن مطالبو ڪيو ته ملڪ کي معاشي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ غير ضروري خرچن ۾ گهٽتائي آڻي ڪرپشن ۽ بدعنواني خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ قومي وسيلن جي حفاظت يقيني بڻائي وڃي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته وڌندڙ مهانگائي کي فوري طور تي ڪنٽرول ڪري غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي، ڪرپشن ۽ مبينا مالي بي ضابطگين ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ايماندار ۽ اهل آفيسرن کي ذميواريون ڏئي ملڪ کي ترقي ۽ خوشحالي طرف وٺي وڃڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

بقايا 29 "روزاني عبرت"

پي آفيس ۾ ريهي پوليس عملدارن سان گڏجاڻي ڪئي ۽ سمورين برانچن جي عملي کي سختي سان هدايتون ڪيون ته عوامي مسئلن ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي هن کين هدايت ڪئي ته خيرپور ضلعي ۾ جيڪي به ڪيس داخل آهن اهي مڪمل ڪري پوءِ عدالتن ۾ پيش ڪيا وڃن ته جيئن ڏوهارين کي سزا ملي سگهي ۽ متاثر ماڻهن سان انصاف ٿي سگهي ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب چيو ته خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني نشي آور شين جي ڪاروبار جي شڪايتن کان پوءِ خيرپور ۾ ڪئمپ آفيس قائم ڪري ورتي آهي جتي 3 ڏينهن ماڻهن جا مسئلا ٻڌي انهن کي حل ڪرڻ جون هدايتون ڪيون وينديون هن چيو ته خيرپور جا ڪافي اهم مسئلا آهن جنهن لاءِ حل ڪرڻ ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ ڊي ايس پي ۽ جا ايس ايچ او ذميوار آهن ڪوتاهي ڪندڙ عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري کين هٽايو ويندو هن چيو ته پوليس ۾ نااهل سست ۽ ڪرپٽ عملدار ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا هن چيو ته خيرپور ضلعي جي مختلف ٿاڻن ۽ چونڪين تي لڳل انچارج هٽايا ويندا ۽ مختلف ٿاڻن تي سالن کان لڳل وڏا ۽ ننڍا منشي هٽايا ويندا ۽ جن پوليس عملدارن آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف شڪايتون ملنديون انهن خلاف پڻ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ڊي آءِ جي ناصر آفتاب پٺاڻ چيو ته عوام لاءِ دروازا هميشه کليل آهن ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ منهنجي بهترين ترجيح آهي

بقايا 30 "روزاني عبرت"

پر ان ڪانپوءِ سندس ڪابه خبر نه پئجي سگهي آهي، جنهن سبب وارث سخت پريشان آهن وارثن الزام هنيو ته پوليس پاران نوجوان جي گرفتاري بابت به واضح ڄاڻ فراهم نه ڪئي پئي وڃي لغاري برادري پاران پلاٽ تي مبينا قبضي خلاف پڻ آواز اٿاريندي مطالبو ڪيو ويو ته قبضي جي ڪوشش ڪندڙن مسمات فرزانه سلطانه ملڪن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ غلام رسول لغاري کي فوري طور ظاهر ڪري وارثن حوالي ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ اعلي پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي نوجوان جي بابت وارثن کي آگاهه ڪيو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 31 "روزاني عبرت"

سهڪار سان شروع ڪيو پيو وڃي جنهن تحت پهرين مرحلي ۾ ڪنڊياڳو هائير سيڪنڊري اسڪول هائير سيڪنڊري اسڪول ڪيڻ اسلاميه ڊگري ڪاليج بدين سميت ڇهن اسڪولن ۾ اهي سينٽر کوليا پيا وڃن انهيءَ تحت اڄ اسلاميه ڊگري ڪاليج بدين ۾ ڪمپيوٽر سينٽر جو افتتاح اڳوڻي سينيٽر ڊاڪٽر خالده سڪندر منڌرو ڪيو جتي ڪاليج پرنسپال ساءِ خادم مخدوم ۽ اسٽاف سان گڏ بريفنگ دوران ٻڌايو ته موجوده دور ڪمپيوٽر جو دور آهي جنهن ۾ اهم ڪمپيوٽر جون ايپليڪيشنون ۽ پروگرام سکڻ انتهائي ضروري آهن خالي ڪمپيوٽر هلائڻ ڪافي ناهي پر دور جديد مطابق ڪمپيوٽر جي ڄاڻ ڦني مهارت به انتهائي ضروري آهي ڊاڪٽر خالده سڪندر منڌرو ٻڌايو ته اهڙن سينٽرن کي هلائڻ بعد وڌيڪ سينٽر کوليا ويندا سندن چوڻ هو ته انهن ڪمپيوٽر سينٽرن ۾ لاڳاپيل ڪاليجن/اسڪولن جا شاگرد ڪمپيوٽر جي جديد تعليم حاصل ڪري سگهندا گڏوگڏ آئوٽ آف اسڪول ٻارڙا شاگرد پڻ مفت ۾ اها ڪمپيوٽر سکي سگهندا جتي کين اي آءِ گرافڪ ڊزائيننگ، سميت اهم اهم ايپ تي ڪم ڪرڻ لاءِ مڪمل سکيا ڏني ويندي ان موقعي اسلاميه ڪاليج جي انتظاميه پاران ڊاڪٽر خالده سڪندر منڌرو کي ڪاليج جو وزٽ ڪرايو ويو ۽ ڪاليج جي مرمتي ڪم جي سستي سان هلڻ بابت پڻ شڪايت ڪئي وئي ساڳئي وقت ڪاليج سان لاڳاپيل ٻين اشوز بابت به کين آگاهه ڪيو ويو ڊاڪٽر خالده سڪندر منڌرو اسلاميه ڪاليج جي انتظاميه پرنسپال ، اسٽاف ليڪچرارن کي يقين ڏياريو ته هو ڪاليج جي مسئلن جي حل توڙي بلڊنگ جي رهيل ڪم کي فوري مڪمل ڪرائڻ لاءِ وڌ کان وڌ ڪوشش ڪندي ته اهي ترت حل ٿين سندن چوڻ هو ته هو اعلي آفيسرن سان ڳالهائيندي گڏوگڏ صوبائي حڪومت سان به ملاقات ڪري ڪاليج جي بهتري لاءِ ڳالهائيندي

بقايا 32 "روزاني عبرت"

سندس وارثن شاهه بخش، صدورو بليدي، مسمات افروز بليدي ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي هنن دانهيندي چيو ته هڪ مهينو اڳ رند برادري جي جوابدار اسان جي ٻن نوجوانن امام جان ۽ برڪت علي کي بيدرديءَ سان گوليون هڻي قتل ڪيو پر پوليس هن وقت تائين قاتل گرفتار ناهي ڪري سگهي، هنن چيو ته احتجاج ڪرڻ باوجود پوليس ڪک ڀڃي ٻٽو ناهي ڪيو جيڪا زيادتي آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي جيڪب آباد کان گهر ڪندي چيو آهي ته مقتول نوجوانن امام جان ۽ برڪت علي بليدي جي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 33 "روزاني عبرت"

ٿيل نئين عمارت جو افتتاح ڪري ڇڏيو صوبائي وزير کي اسڪول جي تعميراتي منصوبي، نقشن سهولتن ۽ مڪمل ٿيل ترقياتي ڪمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي سپريم ڪورٽ جي سابق جسٽس رٽائرڊ فيصل عرب، ايجوڪيشن آفيسر ، سيد صلاح الدين شاهه بخاري شاهنواز شاهه بخاري ۽ ضلعي جا تعليمي عملدار پڻ موجود هئا اسڪول جي افتتاح کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ تعليم جي بهتري ۽ اسڪولن ۾ استادن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ ايپ سسٽم متعارف ڪرايو ويو آهي هن چيو ته سنڌ ۾ ڪو الڳ يا نئون تعليمي نظام لاڳو نه ڪيو ويو آهي پر موجوده تعليمي نظام کي جديد گهرجن مطابق وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن گوسڙو استادن بابت سخت موقف اختيار ڪندي سيد سردار علي شاهه چيو ته جيڪي استاد ۽ ملازم پنهنجي ڊيوٽي سرانجام نٿا ڏين انهن لاءِ تعليم کاتي ۾ ڪا به گنجائش ناهي هن واضح ڪيو ته ملازم ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي جيڪڏهن هو ڊيوٽي کان غير حاضر رهندا ته انهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ کين گهر واپس موڪليو ويندو صوبائي وزير چيو ته سنڌ جي تعليم کي ماضي جي غلطين مان سبق حاصل ڪري اڳتي وڌائڻو پوندو هن ماضي ۾ ٿيندڙ استادن جي ڀرتين جو حوالو ڏيندي چيو ته مختلف دورن ۾ گهٽ تعليمي قابليت رکندڙ ماڻهن کي به استاد طور ڀرتي ڪيو ويو جنهن جا اثر تعليمي نظام تي پيا جديد حاضري نظام بابت ڳالهائيندي سيد سردار علي شاهه چيو ته بايو ميٽرڪ ۽ فيس ريڪگنيشن تي ٻڌل ايپس ڪاميابي سان ڪم ڪري رهيون آهن هن ٻڌايو ته ڏاڙو ۾ هڪ استاديائي کيس ٻڌايو ته هوءَ حيدرآباد کان صبح جو پوڻا اٺين وڳي اسڪول پهچي وئي هئي جنهن مان جديد حاضري نظام جي عملي اثرائتي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو اسڪول اسپيسيفڪ بجيٽ بابت سوال تي صوبائي وزير تعليم چيو ته ان سلسلي ۾ وڏي تعداد ۾ شڪايتون مليون آهن جن جي جاچ ڪرائي پئي وڃي هن چيو ته شڪايتن جي بنياد تي سمورن معاملن جو جائزو وٺي حقيقتون سامهون آنديون وينديون سرڪاري اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ بابت سيد سردار علي شاهه چيو ته شاگردن ۽ استادن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي هن چيو ته اسڪولن ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي، واش رومن عمارتن جي تزئين ۽ آرائش سميت ضروري ڪم جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن،اين سي ايڇ ڊي جي ملازمن بابت سوال تي صوبائي وزير چيو ته اهي ملازم اڳوڻي صدر جنرل پرويز مشرف جي دور حڪومت ۾ ڀرتي ٿيا هئا، جڏهن ته انهن جي پگهارن واري معاملي کي پڻ ڏٺو پيو وڃي،سنڌ جي وڏن مسئلن بابت سوال تي سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ اسان جي امڙ آهي ۽ ڪو به نه ٿو چاهيندو ته جيجل امڙ جا چار ٽڪرا ڪيا وڃن هن چيو ته سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائيندڙ ڪنهن به معاملي کي قبول نه ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي معاملن تي ڪو به ڪمپرومائيز نه ڪيو آهي پيٽروليم ليوي ۽ مهانگائي بابت ڳالهائيندي سيد سردار علي شاهه چيو ته وفاقي حڪومت پيٽرول جي قيمتن ۾ ليوي واري فيصلي باوجود عوام کي گهربل رليف فراهم نه ڪري سگهي آهي هن چيو ته 106 روپين جي ليوي باوجود عوام کي مناسب رليف نه ملي سگهيو آهي جڏهن ته مهانگائي سبب عوام جون پريشانيون وڌي ويون آهن تنهن ڪري پيٽرول جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف ڏيڻ گهرجي

بقايا 34 "روزاني عبرت"

مقصد معاشري ۾ امن برداشت، برابري، هم آهنگي ۽ سماجي يڪجهتي کي هٿي وٺرائڻ هو ريلي ڊي سي آفيس بدين کان شروع ٿي ۽ "Invest in Peace — For Everyone, Everywhere, Every Day"جي عنوان هيٺ پيادل مارچ ڪندي بينظير چوڪ تي پهچي ريلي ۾ مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن ، ليبر فورمن ۽ اقليتي برادرين جي ماڻهن سميت عام ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شهيد بينظير ڀٽو چوڪ تي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي مقررين معاشري ۾ امن جي اهميت کي اجاگر ڪيو مقررين زور ڏيندي چيو ته قرآن پاڪ انساني جان جي حرمت ۽ قدر جو درس ڏئي ٿو ۽ هڪ انسان جي قتل کي پوري انسانيت جي قتل جي برابر قرار ڏنو ويو آهي هنن سنڌ جي امن ۽ هم آهنگي واري شاهوڪار روايت کي پڻ اجاگر ڪيو ۽ صوفي بزرگن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي تعليمات جو حوالو ڏنو جن محبت، امن برداشت ۽ پائيداري جو پيغام ڏنو مقررين ان ڳالهه تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ته نفرت، فرقيواريت ۽ سوشل ميڊيا تي نفرت انگيز تقريرون ۽ مواد نوجوانن ۾ وڌندڙ ورچ جو سبب بڻجي رهيا آهن هنن نوجوانن ۾ امن برداشت ۽ مثبت سوچ کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ته جيئن اهڙن رجحانن جو مؤثر طريقي سان مقابلو ڪري سگهجي مقررين وڌيڪ چيو ته "جتي امن هوندو آهي اتي اسڪول آباد ٿيندا آهن ۽ جتي امن نه هوندو آهي اتي ڪتابن جي جاءِ تي هٿيار هوندا آهن اسان کي اهڙي سوچ اختيار ڪرڻي آهي جيڪا ڪتابن کي چونڊي" هنن نوجوانن تي زور ڏنو ته هو تعليم، علم ۽ ڳالهه ٻولهه کي ترجيح ڏين ۽ موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا پليٽ فارمن کي نفرت پکيڙڻ بدران علم، محبت ۽ مثبت پيغامن جي فروغ لاءِ استعمال ڪن ريلي جي پڄاڻي تي سامي فائونڊيشن جي Aawaz-IIپروجيڪٽ جي پروجيڪٽ مينيجر ساون لطيف جونيجو سڀني شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو سامي فائونڊيشن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پائيدار امن جي قيام لاءِ معاشري جي سمورن طبقن خاص طور نوجوانن، عورتن، اقليتي برادرين، سول سوسائٽي ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن جون گڏيل ڪوششون انتهائي ضروري آهن.

بقايا 35 "روزاني عبرت"

اسڪول جي عمارت پڻ انتهائي زبون حالت جو شڪار آهي اسڪول جي عمارت ۾ رڳو هڪ ڪلاس روم ۽ هڪ ويرانڊو موجود آهي جڏهن ته چوڌاري ديوارون ڀڳل ۽ تباهه ٿيل آهن اسڪول ۾ استاد مقرر نه هجڻ ۽ عمارت جي خراب حالت سبب ڪيترن ئي سالن کان تدريسي عمل بند پيل آهي اسڪول جي بحالي لاءِ ڳوٺاڻن ۽ شاگردن نصرالله مهر حاڪم مهر انور علي مهر وزير علي مهر اسدالله مهر عبدالقادر مهر حبيب الله مهر ۽ ماجد علي مهر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن چيو ته اسڪول بند هجڻ سبب سوين ٻار تعليم کان محروم ٿي رهيا آهن ۽ سندن مستقبل متاثر ٿي رهيو آهي هنن سنڌ حڪومت ۽ تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه کان مطالبو ڪيو ته اسڪول جي عمارت نئين سر تعمير ڪرائي فوري طور استاد مقرر ڪري تدريسي عمل بحال ڪيو وڃي ته اسڪول بحال ٿيڻ سان 300 کان وڌيڪ ٻارن کي بهتر تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ هو پنهنجي مستقبل کي بهتر بڻائي سگهندا.

گورنمينٽ آف سنڌ
هيلٿ ڊپارٽمينٽ
ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر، سڄاول

نيلامي نوٽيس

ناڪاره/خراب ٿيل/ناقابل استعمال قرار ڏنل سامان جي نيڪال لاءِ

هر عام وخاص کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته ڊسٽرڪٽ سڄاول جي هيٺين صحت جي مرڪزن ۾ پيل ناڪاره/خراب ٿيل/ناقابل استعمال قرار ڏنل اسڪريپ (جنهن ۾ لوهه، فرنيچر، پٿر ۽ ٻيو مختلف سامان شامل آهي) جي نيلاميءَ جو اعلان ڪيو وڃي ٿو:

ايس نمبر	هيلٿ فيسيليٽي (مرڪز) جو نالو	نيلام ٿيندڙ سامان جي تفصيل
1	ٽي ايچ ڪيو هسپتال جاتي	خراب ٿيل لوهه/اسڪريپ، ناڪاره فرنيچر، پٿر ۽ ٻيو ناڪاره/مختلف سامان
2	آر ايچ سي دڙو	خراب ٿيل لوهه/اسڪريپ، ناڪاره فرنيچر، پٿر ۽ ٻيو ناڪاره/مختلف سامان
3	آر ايچ سي چوهڙ جمالي	خراب ٿيل لوهه/اسڪريپ، ناڪاره فرنيچر، پٿر ۽ ٻيو ناڪاره/مختلف سامان

نيلاميءَ جو شيڊول

سرگرمي	تاريخ	وقت	هنڌ
نيلامي جا دستاويز حاصل ڪرڻ	24-09-2026	آفيس جي وقت دوران	ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، سڄاول
مهربند آڇون جمع ڪرڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت	25-09-2026	شام 04:00 وڳي تائين	ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، سڄاول
مهربند آڇون کولڻ جي تاريخ	28-09-2026	منجهند جو 03:00 وڳي	ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، سڄاول

شرط ۽ ضابطا:

- 24-09-2026 منجهند 12:00 وڳي
- دلچسپي رکندڙ واڪ ڊينڊڙ پنهنجي آڇ جمع ڪرڻ کان اڳ آفيس وقت دوران لاڳاپيل هيلٿ سينٽرن تي وڃي سامان جي چڪاس ڪري سگهن ٿا.
- مهربند آڇون ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، سڄاول ۾ 25-09-2026 تي يا ان کان اڳ منجهند 02:00 وڳي تائين جمع ڪرايون وڃن.
- مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ وصول ٿيندڙ آڇن تي غور نه ڪيو ويندو.
- مهربند آڇون 28-09-2026 تي منجهند 03:00 وڳي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس سڄاول ۾ واڪ ڊينڊرن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگيءَ ۾ عام طور تي کوليون وينديون.
- نيلامي وارو سامان "جئين آهي ۽ جتي آهي" جي بنياد تي وڪرو ڪيو ويندو.
- ڪامياب واڪ ڊينڊر کي نيلامي ڪميٽي پاران مقرر ڪيل بيانو (سوٽي/سڪيورٽي جي رقم) ۽/يا وڪري جي رقم جمع ڪرائڻي پوندي.
- سڀئي لاڳاپيل سرڪاري ٽئڪس، ڊيوٽيون ۽ ٻيا چارجز ڪامياب واڪ ڊينڊر کي ادا ڪرڻا پوندا.
- ڪامياب واڪ ڊينڊر سامان جي لوڊنگ، ڪٽڻ، ۽ ٽرانسپورٽ جو ذميوار پنهنجي خرچ ۽ خطري تي نيلامي ڪميٽي جي مقرر ڪيل مدي اندر هوندو.
- واڪ ڊينڊر کي نيلامي دستاويزن ۾ ڏنل سامان جي آڇ واضح طور تي بيان ڪرڻي پوندي.
- بااختيار اٿارٽي وٽ سرڪاري قانونن تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
- نيلامي ڪميٽي/بااختيار اٿارٽي جو فيصلو آخري ۽ حتمي هوندو.
- ڪو به معاملو جنهن جو ان شرطن ۾ ذڪر ناهي، ان کي لاڳاپيل سرڪاري قانونن/طريقيڪار موجب حل ڪيو ويندو.

INF/KRY/4192/2026

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر
ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، سڄاول

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ڪنڊڙو ويجهو شر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

ڳوٺ محمد صديق شر ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 18 ورهين جو عبدالحنان شر مارجي ويو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڇڪتاڻ تي ڪنٽرول ڪري لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

آخري اطلاع تائين جهيڙي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو، ڌريون مورچابند علائقي ۾ ڇڪتاڻ

ڪنڊڙو(رپورٽ: اختر ماري) ڪنڊڙو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عبدالغني شر ۾ شر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهڙو جهيڙي دوران هڪ ڄڻو مارجي ويو ڌريون مورچابند خبر موجب ڪنڊڙو ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ محمد صديق شر ۾ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: 13 ورهين جي شاگرديائي کي مبينا هراسان ڪرڻ خلاف هنيل احتجاجي ڌرڻي جو ڏيک

ٽنڊوآدم لڳ آر ڪي ايگرو انڊسٽريز ۾ باهه، 6 هزار مڻ کان وڌيڪ ڦٽيون سڙي رک

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم حيدرآباد روڊ تي واقع آر ڪي ايگرو انڊسٽريز ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ تقريبن 6 هزار مڻ کان وڌيڪ ڦٽيون سڙي رک ٿي ويون نقصان جو ڪاٿو ڪروڙين روپيه ٻڌايو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: هٿياربندن فائرنگ ۾ قتل ٿيل رٽائرڊ پوليس اهلڪار جو لاش پيل آهي

بدين ۾ اي سي ڪوچ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، نوجوان زخمي

ٽرڪول باءِ پاس تي حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار شعيب چانڊيو زخمي ٿي پيو

زخمي نوجوان کي ڳنڀير حالت ۾ انڊس اسپتال آندو ويو، نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر

بدين (ڊ ر) بدين ۾ اي سي ڪوچ موٽر سائيڪل سوار نوجوان مٿان چڙهي وئي نوجوان سخت زخمي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر تفصيل موجب بدين ٽرڪول باءِ پاس تي موٽرسائيڪل ۽ اي سي ڪوچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار شعيب ولد سعيد احمد بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، نئون ڳوٺ واسي نوجوان قتل، هڪ ڄڻو زخمي

ڪاليج روڊ تي ڪورٽ کان موٽندڙ ثمر جسڪاڻي تي هٿياربندن فائرنگ شروع ڪري ڏني

فائرنگ ۾ شڪارپور واسي اياز سنجراڻي زخمي، پوليس لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو

واقعي جا سبب ۽ جوابدار معلوم نه ٿي سگهيا، نيو فوجداري پوليس پاران وڌيڪ جاچ جاري

نئون ڳوٺ (ن ع) نئون ڳوٺ پرسان ڳوٺ علي خان جسڪاڻي قبولو واسي نوجوان ثمر جسڪاڻي شڪارپور ڪاليج روڊ تي مبينه هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل هڪ ڄڻو زخمي، شڪارپور جي نيو فوجداري ٿاڻي جي حد ۾ ڪاليج روڊ تي ٽاڙ ۾ بيٺل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ نوجوان مارجي ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي ٿي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ميرپور ساڪرو ۾ گرلز هاءِ اسڪول جون شاگرديائيون بنيادي سهولتن لاءِ روڊن تي نڪري آيون

شديد گرمي ۾ بجلي ۽ پيئڻ جو پاڻي نه هجڻ خلاف شاگرديائين جو احتجاج، روڊ بلاڪ

سهولتن جي کوٽ سبب شاگرديائين ۽ استادن لاءِ تعليمي سرگرميون جاري رکڻ مشڪل بڻجي ويو آهي:مظاهرين

ميرپور ساڪرو (ن ع) ميرپور ساڪرو ۾ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي شاگرديائين شديد گرمي دوران اسڪول ۾ پيئڻ جي پاڻي ۽ بجلي جي سهولت نه هجڻ خلاف احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڇڏيو شاگرديائين جو چوڻ هو ته سخت گرمي باوجود اسڪول ۾ بجلي ۽ پيئڻ جو پاڻي موجود نه هجڻ سبب کين سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو اسڪول ۾ بنيادي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ لڳ پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز، حملو، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان ڳوٺ واهڙي پنهور ۾ زمين ۽ گهٽي جي معاملي تان پنهور برادري جي نظير پنهور ۽ محمد خان پنهور وچهر تڪرار تيز ٿيڻ ڪانپوءِ ٻيهر ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي ان دوران زمين تي ويل ڳوٺاڻي محمد خان پنهور تي ڪهاڙين سان حملو ڪري زخمي ڪري بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ پ ٽ الف جي مطالبن جي مڃتا لاءِ بک هڙتال

استادن جو احتجاج پروموشن پاليسي ۽ قانوني حق حاصل ڪرڻ لاءِ آهي:مظاهرين

جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا ترت مڃي پروموشن نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بدين (ڊ ر) پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن پ ٽ الف ضلع بدين پاران پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري جي آفيس اڳيان بک هڙتال ڪئي وئي انهي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي پ ٽ الف اڳواڻن چيو ته استادن جو هي احتجاج پروموشن پاليسي ۽ قانوني حق حاصل ڪرڻ لاءِ آهي هنن ٻڌايو ته سرڪاري اصولن ۽ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ شادي جي تقريب دوران مضر صحت کاڌو کائڻ سان سوين ماڻهو متاثر

متاثرن ۾ عورتون، مرد ۽ ٻار شامل، سول اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو، ڪيترائي مريض پارڪ ۾ علاج هيٺ

ضلعي انتظاميا شادي هال سيل ڪري ڇڏيو، فوڊ کاتي پاران متاثرن ۽ کاڌي جا نمونا حاصل

وڏي وزير مراد علي شاهه جو نوٽيس، آءِ جي سنڌ ۽ ڪمشنر حيدرآباد کان رپورٽ طلب

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شادي جي تقريب ۾ مضر صحت کاڌو کائڻ سبب سوين ماڻهن جي حالت خراب ٿي وئي، اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو، ضلعي انتظاميا نوٽيس وٺندي شادي هال سيل بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

دڙو: گرلز اسڪول ۾ عارضي طور قائم ڪيل سرڪاري اسپتال جا ڇاپڙ ڪريل نظر ايندي

راضيديرو ويجهو هٿياربندن جي گهر تي ڪاهه، ڳوٺاڻي کي مال ۽ سامان سميت اغوا ڪري ويا

ڳوٺ فقير ٿانڪ يوسف ۾ 7 هٿياربند غلام نبي ملڪ جي گهر اندر داخل ٿي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻايو

هٿياربند 3 ڍڳين هڪ موبائل فون سميت گهر مالڪ کي اغوا ڪري فرار ٿيا ته پيڇو ڪيوسين: ڳوٺاڻا

پيڇو ڪرڻ تي چورن لاڙڪاڻو لنڪ بڙ وٽ گهر ڌڻي ۽ ٻن ڍڳين مان هٿ ڪڍيا ۽ ڍڳي ڳالهي فرار ٿي ويا

راضيديرو(رپورٽ: قربان علي ڪلال) اگڙائي جي حد ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو اگڙا پوليس چورن ڦورن آڏو بيوس اگڙائون جي وارڊ ڳوٺ فقير ٿانڪ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ميرپور ساڪرو : گرلز هاءِ اسڪول جون شاگرديائيون بنيادي سهولتن لاءِ احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻو پوليس جون ڪارروايون، 12 اشتهاري، روپوش جوابدار ۽ منشيات فروش گرفتار

علي گوهرآباد ۽ عاقل پوليس پاران منشيات فروشن وٽان 3 ڪلو کان وڌيڪ چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

سيهڙ ۽ سول لائين پوليس جون ڪارروايون، پنگ سميت منشيات فروش ۽ 2 اسٽريٽ ڪرمنلز گرفتار

مارڪيٽ پوليس پاران چوري جي وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن سميت 4 جوابدار گرفتار، ڪيس داخل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس وفاقي سول حساس اداري جي سهڪار سان ڏوهاري ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون ڪندي اشتهاري ۽ روپوش 12 ڏوهاري ۽ منشيات فروش جوابدارن کي گرفتار ڪري چرس، پنگ ۽ چوري جي وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف اوزار هٿ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ، وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاج

شهرين حڪومت جي عوام دشمن پاليسين خلاف روڊن تي نڪري نعريبازي

وڌندڙ مهانگائي کي فوري طور تي ڪنٽرول ڪري غريب عوام کي رليف ڏنو

سکر (بيورو رپورٽ) پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ، وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري ۽ ڪرپشن خلاف سکر جي شهرين جو صبر بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

پوليس ۾ نااهل، سست ۽ ڪرپٽ عملدار ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا: ڊي آءِ جي

عوام لاءِ دروازا هميشه کليل آهن ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ منهنجي پهرين ترجيح آهي: ناصر آفتاب پٺاڻ

ايس ايس پي آفيس ۾ 3 ڏينهن ويهي ماڻهن جا مسئلا ٻڌندس ۽ انهن کي حل ڪيو ويندو

ضلعي ۾ جيڪي به ڪيس داخل آهن اهي مڪمل ڪري عدالتن ۾ پيش ڪيا وڃن ته جيئن ڏوهارين کي سزا ملي سگهي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني، غيرقانوني پڪاخوري، نشي جي سرعام وڪري ۽ پوليس خلاف وڌندڙ شڪايتن کان پوءِ ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ پاران ايس ايس پي آفيس خيرپور ۾ 3 ڏينهن ويهي ماڻهن جا مسئلا ٻڌندو ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ پهرين ڏينهن تي ايس ايس بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ پلاٽ تي مبينا قبضي ۽ نوجوان جي گمشدگي خلاف وارثن جو احتجاج

نوجوان غلام رسول لغاري کي پوليس گرفتار ڪرڻ کانپوءِ گم ڪري ڇڏيو آهي: وارث

پلاٽ تي مبينا قبضي خلاف ڪارروائي ڪري ۽ نوجوان کي فوري طور ظاهر ڪيو وڃي: مطالبو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ واري علائقي ۾ پلاٽ تي مبينا قبضي ۽ نوجوان غلام رسول لغاري کي پوليس پاران گرفتار ڪرڻ بعد گم ڪرڻ جي الزام خلاف لغاري برادري پاران پريس ڪلب تي احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته غلام رسول لغاري کي پوليس گرفتار ڪري وٺي وئي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب ...گريو
پنگريو: متاثر پيرسن شخص ۽ نوجوان احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان پرسان 6 ڪروڙ کان وڌيڪ لاڳت سان گرلز اسڪول جي نئين عمارت جو افتتاح

صوبائي وزير سردار علي شاهه پارچاڻي شريف ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري گرلز اسڪول جي عمارت جو افتتاح ڪيو

جيڪي استاد ۽ ملازم پنهنجي ڊيوٽي سرانجام نٿا ڏين، انهن لاءِ تعليم کاتي ۾ ڪا به گنجائش ناهي: سردار شاهه

سنڌ ۾ ڪو نئون تعليمي نظام لاڳو ناهي ڪيو پر جديد گهرجن مطابق وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) سنڌ جي تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه ٽنڊو محمد خان ويجهو پارچاڻي شريف ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري گرلز اسڪول جي 6 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ لاڳت سان تعمير بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ شهرين پيٽرول پرائي رهيو آهي

پنوعاقل ويجهو گوپانگ برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 15 کان وڌيڪ زخمي

ڳوٺ آدم گوپانگ واسين جهيڙي دوران هڪ ٻئي تي لٺين ۽ ڪهاڙين جا وسڪارا ڪيا

زخمي غفار گوپانگ، ساجن، وزير، ذوالفقار ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان گوپانگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري 15 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي، پنوعاقل جي ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ آدم گوپانگ ۾ گوپانگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب غفار گوپانگ، ساجن، وزير، ذوالفقار، مجيد، پناهه، عمران، شاهنواز ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

بدين جي ساحلي علائقن جا روڊ تباهه، رهواسين جو احتجاج

سيرائي پريس ڪلب آڏو مظاهرين جي روڊن جي مرمت ۽ نئين سر تعمير لاءِ نعريبازي

سيرائي، احمد شاهه موري ۽ ڪپڻ جا روڊ تباهه هجڻ سبب پريشاني کي منهن ڏيڻو پيا: مظاهرين

بدين (ڊ ر) بدين جي ساموئڊي علائقن ۾ روڊن جي تعمير نه ٿيڻ خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو روڊ تعمير ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب بدين جي ساحلي علائقي سيرائي احمد راڄو ڀهڊمي جي رستن جي تعمير نه ٿيڻ خلاف رهواسين ڪالهه سيرائي پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي اڳواڻن محمد منڊرو ذوالفقار چاڙڙو ۽ ٻين بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان مان 15 ورهين جي شاگرديائي مبينا اغوا، ڪيس داخل

والد گل محمد مگسي جي فرياد تي چار ڄڻن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي

واقعي جي جاچ ايس ايس پي برانچ حوالي، انسپيڪٽر ارشاد شاهاڻي جي نگراني ۾ تحقيقات جاري

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي 15 ورهين جي ميٽرڪ جي شاگرديائي عليشا مگسي کي چار ڄڻن پاران مبينا طور اغوا ڪري کڻي وڃڻ جو ڪيس شاگرديائي جي والد گل محمد مگسي پاران سٽي پوليس اسٽيشن ٽنڊو محمد خان تي داخل ڪرايل ايف آءِ آر موجب، سندس نياڻي عليشا مگسي کي چار ڄڻا مبينا طور اغوا ڪري بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

هالا: شهيد يار محمد بلوچ جي ورسي جي موقعي تي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪري رهيو آهي

گمبٽ ۾ فنڪارن جو راڳي فياض جويو تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سهيل عباسي ،محمد اسحاق ناريجو ،باقر علي ناريجو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

فياض جويو مٿان تشدد ڪندڙن کي گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي

گمبٽ (ت ر) سنڌ جو مشهور راڳي گمبٽ جو رهواسي فياض جويو تي نئون ديرو کان محفل کان واپسي ايندي رستي ۾ ڪيس مٿان حملو ۽ تشدد ڦرلٽ ڪرڻ خلاف گمبٽ جي فنڪارن سازندن پاران سنگر سهيل عباسي ،محمد اسحاق ناريجو ،باقر علي ناريجو ،نعيم احمد شيخ سنگر شرافت علي ناريجو پاران احتجاج ڪيو ويو هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حڪومت فوري طور پيٽروليم ليوي واپس وٺي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪري: نعيم الرحمان

جماعت اسلامي ساڙ ۽ گهيراءُ تي يقين نٿي رکي، لانگ مارچ جو پهريون مرحلو ڪاميابي سان مڪمل ٿي چڪو آهي

وفاقي وزيرن وٽ اختيار يا مينڊيٽ ناهي ته هو مسئلو حل ڪن، وزيراعظم پاڻ معاملي جو نوٽيس وٺي

سنڌ ۾ درياهه وهڻ باوجود ڪيترن ئي علائقن جي ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر ناهي

سکر (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جي مرڪزي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته جماعت اسلامي ساڙ ساڙ ۽ گهيراءُ تي يقين نٿي رکي پيٽروليم ليوي خلاف لانگ مارچ جو پهريون مرحلو ڪاميابي سان مڪمل ٿي چڪو آهي حڪومت فوري طور پيٽروليم ليوي واپس وٺي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪري سکر ۾ پريس ڪانفرنس بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سکر: پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گمبٽ ويجهو اسڪولي ٻارڙن جو رڪشو لاڙڻ واهه ۾ ڪلٽي ٿي، علائقي واسين ٻارن کي بچائي ورتو

احمدپور جي علائقي ۾ اسڪول کان واپس ايندڙ ٻارڙن جو رڪشو ٻارڙن سميت لاڙڻ واهه ۾ ڪلٽي ٿي ڪري پيو

ڳوٺاڻن مڙسي ڪري ٽن اسڪولي ٻارڙن کي ٻڏي وڃڻ کان بچائي ۽ رڪشي کي واهه مان ٻاهر ڪڍي ورتو

واهه جي ڪمزور ڪپرن بابت آبپاشي عملي کي بار بار لکت ۾ درخواستون ڪيون آهن پر ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي

گمبٽ (رپورٽ ؛ مريد ٽالوري) احمد پور جي علائقي لاڙڻ واهه جا ڪپر ڪمزور ٿي ويا اسڪول کان واپس ايندڙ ٻارڙن جو رڪشو ڪلٽي ٿي ٽن اسڪولي ٻارڙن کي ٻڏي وڃڻ کان علائقي واسين بچائي ورتو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 3 ڄڻن کي زخمي ڪرڻ جو ڪيس داخل، احتجاج

زخمين جي وارثن پاران جوابدارن گرفتار نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو

ڌمڪيون ملي رهيون آهن ايف آءِ آر ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪو تدارڪ نه ڪيو آهي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد فيض آباد ڪالوني ۾ پراڻي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٽن ڄڻن مير خان سهاڳ، نظيران خاتون سهاڳ، ساجد علي کي زخمي ڪرڻ واري واقعي جو ڪيس مسمات وحيده خاتون جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن سهاڳ برادري جي مردن ۽ عورتن نسرين بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

مانجهند: ناڪارا بڻيل پمپنگ اسٽيشن

بدين جي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ جديد ڪمپيوٽر سينٽر قائم ڪرڻ جو سلسلو شروع

اسلاميه ڊگري ڪاليج بدين ۾ ڪمپيوٽر سينٽر جو اڳوڻي سينيٽر ڊاڪٽر خالده سڪندر منڊرو افتتاح ڪيو

شاگردن ۽ اسڪول کان ٻاهر ٻارڙن کي اي آءِ، گرافڪ ڊيزائننگ ۽ جديد ايپس جي مفت سکيا ڏني ويندي

ڪاليج جي انتظاميا پاران مرمتي ڪم سست رفتاري سان هلڻ جي شڪايت، مسئلا حل ڪرائڻ جي خاطري

بدين (ڊ ر) بدين ۾ سرڪاري تعليمي ادارن ۾ دور جديد مطابق ڪمپيوٽر جي تعليم ڏيڻ جو سلسلو ماروي ايسوسيئيشن آف بدين پاران آمريڪا جي اداري جڪتو جي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ سامي فائونڊيشن پاران عالمي امن ڏهاڙي تي ريلي

CAREپاڪستان جي سهڪار سان ڊي سي آفيس کان بينظير چوڪ تائين پيادل مارچ

نفرت، فرقيواريت ۽ سوشل ميڊيا تي نفرت انگيز مواد کي روڪڻ تي زور

بدين (ڊ ر) عالمي امن جي ڏينهن جي موقعي تي سامي فائونڊيشن پاران -Aawaz IIپروگرام تحت، CAREپاڪستان جي سهڪار ۽ FCDOجي مالي مدد سان بدين ۾ امن ريلي منعقد ڪئي وئي جنهن جو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: امام جان ۽ برڪت علي بليدي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

جيڪب آباد (ڊ ر) تعلقي ڳڙهي خيرو جي ميرانپور ٿاڻي جي حد ۾ هڪ مهينو اڳ قتل ٿي ويل امام جان ۽ برڪت علي بعياڻي بليدي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه پرسان اسڪول 3 سالن کان بند، 300 کان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم

ڳوٺ شهزادو مهر جو گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول زبون حالي جو شڪار، استاد مقرر نه ٿي سگهيا

ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو اسڪول جي بحالي لاءِ احتجاج، تدريسي عمل فوري بحال ڪرڻ جو مطالبو

لکي غلام شاهه(ن ع) لکي غلام شاهه ويجهو ڳوٺ شهزادو مهر جو گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول گذريل ٽن سالن کان بند هجڻ سبب 300 کان وڌيڪ ٻار تعليم جي بنيادي حق کان محروم بڻيل آهن جڏهن ته بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

شهدادڪوٽ: ملي پاڻي جا نلڪا لڳايا پيا وڃن

فيض گنج پرسان ٻارڻ جي ڳالهه تان جهيڙو، نوجوان لٺين جا ڌڪ لڳڻ سبب قتل

ڳوٺ وسطڙو ۾ جهيڙي دوران لٺين جا ڌڪ لڳڻ سبب نوجوان جلال سولنگي مارجي ويو

نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل، ڪارروائي مڙهه وارثن جي حوالي

جهيڙي ۾ نديم، ماجد ۽ ٻين جلال سولنگي کي ڌڪ هنيا جنهن هو مارجي ويو: الهڏنو سولنگي

فيض گنج (ن ع) فيض گنج پرسان ٻارڻ جي ڳالهه تان جهيڙو، نوجوان قتل، لاش اسپتال منتقل، جوابدار فرار ڪيس داخل نه ٿيو فيض گنج پرسان ڳوٺ وسطڙو ۾ ٻارڻ جي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي دوران لٺين بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ گرفتار غير قانوني افغاني

خيرپور ويجهو هٿياربند نوجوان کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ڪوٽڏجي ٿاڻي جي حد محمود شاهه اسٽاپ وٽ نامعلوم هٿياربندن پاران ڳوٺاڻي شڪيل احمد ڪانڌڙو کان موٽرسائيڪل ڦر ڪئي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

ٽنڊوالهيار ۾ پوليس خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ علي محمد ڪيريو جي رهواسين پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

پوليس ٻن ماڻهن کي گرفتار ڪيو پڇڻ جو گذر سفر مشڪل سان ڪريون ٿا: مظاهرين

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ علي محمد ڪيريو جي رهواسين پاران پوليس جي ناانصافين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين مرد ۽ عورتن بخش علي ڪيريو، الله بخش ڪيريو، رازق ڏنو ڪيريو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عمر ساند ٿاڻي جي پوليس اسان وٽ آئي ۽ انهن چيو ته اوهان وٽ ٻه ماڻهو ڏوهاري آهن اهي اسان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري رٽائرڊ پوليس اهلڪار کي قتل ڪري ڇڏيو

چاڪر آباد پرسان موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ظفر سنجراڻي مارجي ويو

اڳوڻي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل شخص جي پلاند ۾ ظفر کي نشانو بڻايو ويو: وارث

ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ ڪچي واري علائقي ۾ آپريشن

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ چاڪر آباد ويجهو بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري هڪ مهينو اڳ رٽائرڊ ٿيل پوليس اهلڪار ظفر سنجراڻي کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو هٿياربند فرار ٿي ويا واقعي جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پنگريو 35 ورهين جو پورهيت شادي سمال واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

پنگريو (ن ع) پنگريو شهر جي ملاح محلي جو رهواسي 35 ورهين جو پورهيت نوجوان گل حسن ولد محمد ملاح پنگريو واٽر سپلاءِ ويجهو شادي سمال واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو وارثن ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان به ڪا دشمني ناهي گل حسن بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

دڙو ۾ رورل هيلٿ سينٽر جي عارضي عمارت به خطرناڪ، ڇت جا ڇاپڙا ڪري پيا

اسڪول جي زبون حال عمارت ۾ قائم صحت مرڪز جي ڇت اوچتو زوردار ڌماڪي سان ڪري پئي

خطرناڪ عمارت بدران محفوظ ۽ عوام جي آسان رسائي واري هنڌ تي اسپتال منتقل ڪئي وڃي:رهواسي

دڙو (ن ع) دڙو جي رورل هيلٿ سينٽر جي عارضي عمارت به مريضن لاءِ خطرو بڻجي وئي، دڙو ۾ رورل هيلٿ سينٽر لاءِ استعمال ٿيندڙ عارضي عمارت به مريضن ۽ طبي عملي لاءِ خطرو بڻجي وئي آهي، زبون حال گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول جي عمارت ۾ قائم صحت مرڪز جي ڇت جا ڇاپڙا اوچتو زوردار ڌماڪي سان ڪري پيا، واقعي وقت اسپتال ۾ ڊاڪٽر طبي عملو ۽ مريض بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

دوڙ ويجهو ٽرالر جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، عورت جي ٽنگ جسم کان ڌار ٿي وئي

نوابشاهه روڊ تي بالو جا ڪڀا ٿاڻي بچيري چودڳي پرسان حادثي ۾ عبدالغفار آرائين ٿڏي تي ئي فوت

حادثي ۾ سندس زال ارم جي ٽنگ ڏڙ کان ڌار ٿي وئي، پوليس لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو

لاش کي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ٽرالر ۽ ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي آهي: پوليس

دوڙ(رپورٽ حاجي فيروز علي پٺاڻ) دوڙ بچيري چودڳي پرسان ڏهه ويلر ٽالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر همراهه ٿڏي تي ئي فوت هڪ عورت جي ٽنگ ڏڙ کان الڳ، ريسڪيو آپريشن ٽيمون پهچي ويون دوڙ، نوابشاهه روڊ تي بالو جا ڪڀا ٿاڻي بچيري چودڳي پرسان، دوڙ شهر جي ڳوٺ صوبيدار 74 نصرت رهواسي آرائين بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: 3 سالن کان بند پيل اسڪول جو ڏيک، ٻئي طرف شاگرد احتجاج ڪندي

ڪپرو لڳ رامچند ڪولهي جي پراسرار موت جو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ويو

پوليس قتل جو شڪ ظاهر ڪندي سندس سڳي ڀاءُ ۽ ڀاڄائي خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

نوجوان کي ڀاءُ ڀرو ۽ ڀاڄائي ديري ڪهاڙي ۽ ڏاٽي سان وار ڪري قتل ڪيو آهي: [illegible]

ڪپرو (ن ع) چوٽياريون ٿاڻي جي حد ڳوٺ هاشم انڙ ۾ نوجوان رامچند ڪولهي جي پراسرار موت جو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ويو آهي شروعاتي طور تي واقعي کي خودڪشي قرار ڏنو ويو هو جڏهن ته پوليس جاچ دوران نوجوان جي قتل جو شڪ ظاهر ڪندي سندس سڳي ڀاءُ ۽ ڀاڄائي خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي شروعاتي اطلاع موجب رامچند ڪولهي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ چورن جو راڄ، شهري جي گهر مان لکين رپين جو سامان چوري

مٽياري (ڊ ر) غوثيه ڪالوني جي رهائشي اڪرم خاصخيلي جو چوڻ هو ته رات اسان گهر جي ڇت تي ستل هئا سين ته اسان جي گهر مان نامعلوم چور 3 سي ڊي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ 13 ورهين جي شاگرديائي کي مبينا هراسان ڪرڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو

ڪوسا برادري جو پريس ڪلب آڏو ٻن ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو،روڊ بلاڪ، ٽريفڪ معطل

وارثن پاران ٻن ڄڻن تي هراسان ڪرڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ بليڪ ميل ڪرڻ جا الزام، پوليس کان انصاف جي اپيل

سي آءِ اي انچارج جي مظاهرين سان ڳالهيون، ڪارروائي ۽ جوابدارن جي گرفتاري جي خاطري بعد ڌرڻو ختم

عمرڪوٽ (ڊ ر) ڪوسا پاڙي عمرڪوٽ جي 13 ورهين جي اٺين ڪلاس جي شاگرديائي خاتون ڪوسو کي مبينا طور هراسان ڪرڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ تنگ ڪرڻ واري معاملي تي ڪوسا برادري جي مردن ۽ عورتن پاران عمرڪوٽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جيڪو لڳ ڀڳ ٻن ڪلاڪن تائين جاري بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBF-CB-CESS-QP-335422172-2026	CONSTRUCTION OF DEWATERING ARRANGMENT AND ALLIED WORKS AT ERW RAISED PLATFORMS	08.10.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-LH-PT-EXPL-334714309-2026	UPGRADATION OF TRIMBLE BUSSINES CENTER SURVEY SOFTWARE	08.10.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-LH-PT-PROD-334715998-2026	PIG TRACKING SYSTEM TRANSMITTER AND RECEIVER	09.10.2026 AT 1430 Hrs
4.	OGDC-SCM-LF-PT-PNP-UCH-334600790-2026	DESIGN, FABRICATION, SUPPLY OF AMINE REGENERATOR CONDENSERS	13.10.2026 AT 1430 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on 04.09.2026 and 16.09.2026, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-PnP-333242896-2026	DESIGN, SUPPLY, INSTALLATION, TESTING AND COMMISSIONING OF LOW VOLTAGE MCC PANELS	28.09.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-LD-PT-RIGMAINT-332231572-2026	FIRE FIGHTING PUMPS	30.09.2026 AT 1430 Hrs

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 165/13

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.